Follow us on: daily pak karachi

ABC CERTIFIED

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

روزاني
پاڪ
ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 خميس 13 فيبروري 2025ع بمطابق 14 شعبان المعظم 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 091

عمران خان پاران شير افضل مروت کي پارٽي مان نيڪال ڏيڻ جون هدايتون

شير افضل مروت کان قومي اسيمبلي ميمبر طور استعيفيٰ به طلب ڪئي ويندي

شير افضل مروت جي صوابي جلسي ۾ ڪردار تي پارٽي اڳواڻن باني کي شڪايت ڪئي هئي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان شير افضل مروت کي پارٽي مان ڪڍڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. ذريعن موجب قومي اسيمبلي ميمبر شير افضل مروت کي پارٽي مان ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، پي ٽي آءِ باني عمران/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

بي ايماني سان آيل شخص ملڪ جا بنياد لوڏي ڇڏيا هئا: نواز شريف

حڪومتي ڪوششن سان ملڪ ترقي جي راهه تي اچي ويو آهي

عالمي ادارا به حڪومتي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪري رهيا آهن: ڳالهيون

لاهور: (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي صدر ميان نوازشريف چيو آهي ته بي ايماني سان آيل شخص ملڪ جا بنياد لوڏي ڇڏيا هئا. پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي صدر نوازشريف ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز سان پنجاب/ڏسو صفحو 3 بقايا 22

وزيراعظم سان ايم ڊي آءِ ايم ايف جي ملاقات، ٽيڪس اصلاحات، انرجي سيڪٽر سميت ٻين معاملن تي ڳالهيون

بجلي بلن ۾ عوام کي رليف ڏيڻ چاهيون ٿا، وزيراعظم ايم ڊي آءِ ايم ايف اڳيان مطالبو رکي ڇڏيو

شهباز شريف جي آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا سان ملاقات دبئي ۾ ٿي

ايم ڊي آءِ ايم ايف پاران پاڪستان جي کنيل قدمن جي واکاڻ، حڪومت جي ڪارڪردگي جي واکاڻ

GOVERNMENT SUMMIT
القمة العالمية للحكومات

دبئي: وزيراعظم شهباز شريف سان آءِ ايم ايف جي ايم ڊي ملاقات ڪري رهي آهي

دبئي: (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف سان آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا ملاقات ڪئي آهي جنهن دوران/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ڊپٽي ميئر ڪراچي سان جماعت اسلامي وفد جي ملاقات، وفد جي تجويزن تي عمل ڪرڻ جي يقين ڏياني

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد سان بلديه عظيم ڪراچي جي ڪائونسل ۾ اپوزيشن ليڊر سيف الدين ايڊووڪيٽ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

جي ايڇ ڪيو حملو ڪيس: عمران خان، عمر ايوب، شبلي فراز، فواد چوڌري، ڪنول شوزب ۽ ٻيا پيش

گرفتار جوابدارن گنڊاپور ۽ ٻين جي چوڻ تي حملي جو اعتراف ڪيو آهي: سب انسپيڪٽر جو عدالت ۾ بيان

گرفتار جوابدارن چيو آهي ته پي ٽِي آءِ اڳواڻن اسان کي حملو ڪرڻ لاءِ موبائيل تي اڪسايو: عدالت کي آگاهي

ٻڌڻي دوران سب انسپيڪٽر احمد يار پنهنجي شاهدي دوران 38 ريڪوري ميمو پڻ عدالت ۾ پيش ڪيا

راولپنڊي (م ڊ) جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس جي ٻڌڻي ۾ سب انسپيڪٽر بيان ڏيندي چيو آهي ته گرفتار جوابدارن علي امين گنڊاپور ۽ ٻين جي چوڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سنڌ سرڪار پاران ايف بي آر جي ٽيڪس وصولين واري عمل تي ڳڻتي جو اظهار

وفاقي حڪومت فنڊز وقت تي منتقل ڪري ته جيئن سماجي شعبي ۾ بروقت سيڙپڪاري ممڪن ٿي سگهي، سنڌ کي ان جو جائز حصو بروقت نه ٿو ملي: مراد علي شاهه

حڪومت جي بنيادي ڍانچي کي جديد بڻائڻ، پائيدار اپائن تي عملدرآمد ۽ اقتصادي ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ جو عزم ڪيو آهي

سي پيڪ تحت صنعتي ترقي ۽ زرعي پيداوار ۾ واڌ جي اميد آهي، ٽرانسپورٽ ۽ توانائي جي بنيادي ڍانچي ۾ بهتري سان سنڌ ۾ هزارين نوڪريون پيدا ٿينديون

سنڌ جي ترقي اڪيلي ممڪن ناهي پر وفاقي حڪومت، بين الاقوامي شراڪتدارن ۽ نجي شعبي سان مضبوط سهڪار جي ضرورت آهي: پاڪستان ليڊرشپ ڪنورسيشن کي خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) جي ٽيڪس وصولي واري عمل تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته گذريل سال گڏ ڪيل 80 ارب رپين کان وڌيڪ رقم هن سال سنڌ کي/ڏسو صفحو 3 بقايا 1

بدين: وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ ٻيا محمد اسماعيل راهو سان والده جي وفات تي تعزيت ڪندي

وڏي وزير جي محمد اسماعيل راهو سان امڙ جي وفات تي تعزيت

مرادعلي شاهه تعزيت جي لاءِ گولاڙچي پرسان راهو کي پهچي

صوبائي وزير ناصر حسين شاهه، مڪيش ڪمار چاولا ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا

بدين:(ڊ ر) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

وفاقي گهرو وزير جي گورنر سنڌ سان ملاقات، امن امان، پي ايس ايل ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون

امن جي قيام ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو ڪردار تعريف جوڳو آهي: گورنر سنڌ

گورنر انيشيٽو تحت جاري منصوبا واکاڻ جوڳا آهن: محسن نقوي

ڪراچي: (م ڊ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سنڌ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

آفاق احمد کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلڻ جو حڪم

مهاجر قومي موومينٽ جي سربراهه ٽرڪ ساڙڻ واري ڪيس ۾ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

ڪراچي شهر لاءِ آواز اٿارڻ جي سزا ڏني پئي وڃي: آفاق احمد

ڪراچي(رپورٽر) دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

سنڌياڻي تحريڪ 6 نون ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ منصوبي خلاف اي پي سي وارن سان گڏ ريليون ڪيندي ۽ بک هڙتالون ڪندي: زينت سمون

”شڪارپور ۾ اي پي سي“ نون ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ منصوبي خلاف گڏيل تحريڪ جو اعلان

سنڌياڻي تحريڪ طرفان ڪوٺايل اي پي سي ۾ قومپرست، جي ڊي اي، مذهبي، اديبن، واپارين، صحافين ۽ ٻين ڌرين شرڪت ڪئي

سنڌو درياهه کي بچائڻ لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين وڙهندا (آغا فهد) اهڙي جدوجهد ۾ سيني پارٽين سان گڏ آهيون: عبدالسميع ڀٽي

ڪالاباغ ڊيم جيان هي منصوبا به ناڪام بڻائينداسين: مشتاق/مسعود/اصغر/ زاهد/ ظفر / همير/برڪت ڪيهر ۽ ٻين جو خطاب

شڪارپور (ڊ ر) سنڌياڻي تحريڪ (ڪيو اي ٽي) پاران سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ ۽ گرين پاڪستان جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضي ۽ بدامني خلاف ڪوٺايل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ قومپرست، مذهبي تنظيمن ڪئنال /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

ڪراچي ۾ انقلاب اسلامي ايران جي سالگرهه بابت تقريب، اردو ۾ ترجمو ٿيل تقريرن واري ڪتاب جي مهورت

ايران جي ڪاميابي جو ڪريڊٽ آيت الله خامنه اي ڏي وڃي ٿو: سعيد طالبي نيا

ڪو وقت هو ايران ۾ ڊاڪٽر نه هوندا هئا هاڻي ايران ميڊيڪل فيلڊ ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي

تقريب ۾ پاڪستان ٽيلي ويزن جي جنرل مينيجر سيد امجد شاهه ۽ ٻين شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) انقلاب اسلامي ايران جي سالگرهه جي حوالي سان رهبر انقلاب اسلامي جي تقريرن جي مجموعي علامه اقبال مفڪر بزرگ جهان اسلام جي رونمائي تقريب خانه فرهنگ ايران ڪراچي ۾ ٿي گذري، تقريب ۾ خانه/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ڪراچي: خانه فرهنگ ايران پاران انقلاب اسلامي ايران جي سالگرهه تي علامه شهنشاهه نقوي جي ڪتاب جي مهورت ڪئي پئي وڃي

سيتا لڳ پرٽ برادري ۾ هلندڙ تڪرار تيز، ڌرين جي ڇتي فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل، ٻيو زخمي

ڳوٺ ڪوٽي ڪوڪر پرسان پرٽ برادري جي ٻن ڌرين زمين جي مالڪي تان هڪبئي مٿان ڇتي فائرنگ ڪئي

فائرنگ سبب محمد مبين پرٽ ولد شمس الدين پرٽ قتل ٿي ويو ۽ صدام پرٽ ولد غلام پرٽ شديد زخمي ٿي پيو

اسانجا نوجوان فصل کي پاڻ ڏئي رهيا هئا ته محمد خان پرٽ جي هٿياربندن سندن مٿان حملو ڪيو: عبدالحفيظ پرٽ

سيتارود: پرٽ برادري ۾ جهيڙي دوران مارجي ويل نوجوان جو مڙهه پيل آهي

ميهڙ/سيتارود (نمائندن وٽان) سيتا لڳ پرٽ برادري جي ٻن ڌرين ۾ زرعي زمين جي مالڪي واري تڪرار تان هلندڙ خوني جهيڙي سبب ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

پارليامينٽ ميمبرن جي پگهارن واري معاملي تي سمورو ايوان هڪ ٿي ويو

بلاول، فضل الرحمان، اڇڪزئي، بيرسٽر گوهر پگهار وڌائڻ جي حمايت ڪئي

عادل بازئي، شفقت عباس، يوسف خان، سليم الرحمان به اضافي جا حامي

اسلام آباد:(م ڊ) پارليامينٽ ميمبرن جي پگهارن واري /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

دڙو ۾ ٻوڏ متاثرن جو گهر لسٽ مان نالا ڪڍڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پڪا گهر تعمير ڪرائڻ وارن ڪمن ۾ وڏي پئماني تي ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي ٿي رهي آهي: محمد ميراڻي

سماجي تنظيم حقدارن کي نظرانداز ڪري رهي آهي، ميرٽ جي بنياد تي گهر ٺهرائي ڏنا پيا وڃن: زاهد خاصخيلي

ناجائزي ڪندڙ سماجي تنظيم جي ڪرپٽ ڪامورن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي: مشتاق مگٿهار

دڙو (رپورٽ: زاهد سومرو) دڙو ۾ ٻنون جي رهندڙ ٻوڏ /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

دڙو: ڳوٺاڻا گهر سروي واري رقم نه ملڻ تي احتجاج ڪندي

ٻه سينيئر جج سپريم ڪورٽ ۾ ڪم هلڻ نه پيا ڏين: راڻا ثناءَ الله

ججز جو ڪيترن ئي معاملن ۾ اهڙو رويو آهي جو سندن خلاف ريفرنس ٺاهي سگهجي ٿو

ٻئي سينيئر جج هر معاملي تي اختلاف ڪن ٿا، بائيڪاٽ ڪن ٿا ۽ خط لکن ٿا: وزيراعظم جو صلاحڪار

اسلام آباد: (م ڊ) وزيراعظم جي سياسي معاملن واري/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

”پيڪا ايڪٽ نامنظور“ پي ايف يو جي سڏ مختلف شهرن ۾ ٽن ڏهاڙن واري بک هڙتالي ڪئمپون قائم

مٽياري ۾ صحافين الطاف ميمڻ جي اڳواڻي ۾، لاڙڪاڻي ۾ طارق محمود دوراني ۽ سکر ۾ لالا اسد پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتالي ڪئمپ لڳائي وئي

پيڪا ايڪٽ نه صرف صحافين پر عام شهرين لاءِ به خطرو آهي حڪومت ۽ ادارن خلاف حقيقي خبر ڏيندڙ به زمري ۾ اچي ويندا: قلم ڏٽي

آمريتي دور ۾ به صحافين جي آواز کي دٻائڻ لاءِ اهڙي قانونسازي نه ٿي آهي جيڪا هاڻي جمهوري دور ۾ ٿي آهي: اڳواڻن جو خطاب

ڪراچي(نمائندن وٽان) پاڪستان فيڊرل يونين آف /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

پي ٽي آءِ اڳواڻ سيمابيا طاهر اڏيالا جيل جي در تان گرفتار، پوليس چوڪي منتقل

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ سيمابيا طاهر کي اڏيالا جيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

ميڊيا تي خبرون اچڻ بعد ڪامورا جاڳي پيا، غوثپور ۾ اسڪول جو ڪم شروع

غوثپور سيڪنڊري اسڪول جي مرمت جي لاءِ 65 لک جي منظوري ڏني وئي

نئين عمارت سان گڏ جيڪي به سهولتون ناهن فورن مهيا ڪيون وڃن: استاد

غوثپور (حاجي شاهنواز شيخ) غوثپور هائر سيڪنڊري اسڪول /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

”قاتل گرفتار ڪريو“ راڻيپور ۾ ڳوٺاڻن جو لاش قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو، ٽائرن کي باهه

ڳوٺ وريو واهڻ واسڻ مقتول گلشن جوٽيجو جو مڙهه قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو ڏنو، ٻنهي پاسن جي ٽريفڪ روانگي معطل

پوليس گلشن جا قاتل گرفتار ناهن ڪيا نه ئي وري قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: مقتول جو والد الله رکيو جوٽيجو

قاتل جي گرفتار ٿيڻ ۽ ڪيس داخل ٿيڻ تائين ڌرڻو جاري رهندو (وارث) ايس ايڇ او راڻيپور جون مظاهرين سان ڳالهيون

راڻيپور(ماجد حسين ملاح) راڻيپور جي ڳوٺ وريو واهڻ ۾ هٿياربندن پاران قتل ڪيل نوجوان/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

راڻيپور: قتل ٿيل مقتول جا وارث مڙهه رکي ٽائرن کي باهه ڏئي انصاف جي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

عبدالله شاهه اصحابي جو عرس مبارڪ شروع

اوقاف واري وزير رياض شاهه شيرازي عرس جو افتتاح ڪيو

درگاهه امن جو درس ۽ فيض ڏينديون آهن: رياض شاهه شيرازي

ٺٽو (رمضان ميمڻ) سنڌ جي عظيم بزرگ حضرت عبدالله شاهه اصحابي جو 386هون ٽن ڏينهن وارو ساليانو عرس مبارڪ مڪلي ۾ شروع ٿي ويو /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

اڄوڪي رات افضل ترين رات آهي: مرتضيٰ وهاب

مسلمان ڀلاري رات ۾ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ عبادت ڪندا آهن

سڄي شهر پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا بهتر انتظام ڪيا وڃن: ڪامورن کي هدايت

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته شب برات 15 شعبان المعظم جي مقدس رات هزار راتين مان هڪڙي افضل /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

ٻهراڙي جون عورتون پاڻي انتظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن: صوبائي وزير

خراب واش سهولتن ۽ ماحولياتي تبديلين جو سڀ کان وڌيڪ اثر عورتن تي پوندو آهي: شاهينه

عورتن جي قيادت کي فروغ ڏيڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون: عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير

ملير (ڊ ر) عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شاهينه شير علي چيو آهي ته ٻهراڙي جون عورتون پاڻي جي انتظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن./ڏسو صفحو 3 بقايا 16

راڻيپور واسين جو ڪراچي پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو

خيرپور ضلعي جي ڪمن جا ٽينڊر من پسند ماڻهن حوالي ڪيا ويا آهن: دل مراد ڄامڙو

سيوريج جي اسڪيمن ۾ به وڏي پئماني تي ڪرپشن ڪئي وئي آهي: صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) خيرپور ضلعي جي راڻيپور واسي دل مراد ڄامڙو ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي ڌانهيندي چيو آهي ته پبلڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ڪراچي پريس ڪلب اڳيان راڻيپور واسي ترقياتي ڪمن ۾ ڪرپشن خلاف احتجاج ڪندي

ڪشمور ڊيرا موڙ وٽ قتل ڪيس جو جوابدار گرفتار

سنيپ چيڪنگ دوران عبدالڪريم شر گرفتار ٿيو: اي ايس پي

امن امان قائم ڪرڻ پهرين ترجيح ۾ شامل آهي: محمد عاشر

ڪنڌڪوٽ رپورٽ) ذوالفقار علي سومرو (ڪشمور ڊيرا موڙ وٽ اي ايس پي محمد عاشر ۽ گڏو ايس ايڇ او اقتدار حسين جتوئي ان جي ٽيم /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

ڪنڌڪوٽ پوليس پورهيت کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام

مغوي نگر علي سهرياڻي ڏهن ڏينهن کان ڌاڙيلن وٽ قيد

گهرن ۾ ڪهرام متل، ايس ايس پي جي خاطري به ڪم نه ڏيکاريو

ڪنڌڪوٽ(رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان 10 ڏهاڙا اڳ ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيل پورهيت نگر علي/ڏسو صفحو 3 بقايا 13

اسدالله ڀٽو پاران جامعه ڪراچي ۾ جمعيت جي ڪتاب ميلي جو دورو

ڪردار سازي ۽ سماج جي تعمير ۽ ترقي ۾ قلم ۽ ڪتاب جو وڏو ڪردار آهي: اسدالله ڀٽو

بڪ فيئر جو انعقاد جمعيت جو قابل تحسين قدم آهي: دوري دوران صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سينئر اڳواڻ جماعت اسلامي ۽ اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسدالله ڀٽو چيو آهي ته انسان جي ڪردار سازي ۽ سماج جي تعمير ۽ ترقي ۾ قلم ۽ ڪتاب جو وڏو ڪردار آهي. تسلسل سان سالانه بڪ فيئر جو انعقاد جمعيت/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ڪراچي: جماعت اسلامي اڳواڻ اسدالله ڀٽو ڪتابي ميلي جي دوري دوران ڪتاب جو مطالعو ڪري رهيو آهي

ڪراچي: مراد علي شاهه سان پي سي بي چيئرمين ملاقات ڪري رهيو آهي

مرادعلي شاهه سان وفاقي گهرو وزير جي ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

نياز اسٽيڊيم کي به عالمي معيارن تي اپ گريڊ ڪيو وڃي: وزيراعليٰ

سنڌ مان نوجوان رانديگرن کي ڳولڻ لاءِ ٽيلنٽ هنٽ پروگرام شروع ڪبو: نقوي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي ۽ گڏيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ميرپور ساڪرو ۾ قومي عوامي تحريڪ ٺٽي ضلعي جو اجلاس، صدارت ممتاز شيخ ڪئي

ڪئنالن خلاف 25 کان 28 فيبروري تائين ساڪرو کان ٺٽي تائين پيادل مارچ جو فيصلو

سنڌ جي پاڻي، زمينن، ٻيٽن ۽ وسيلن تي قبضو ٿيڻ نه ڏينداسين: ممتاز شيخ ۽ ٻيا

6 ڪينال ڪڍڻ سان ٺٽو سجاول، بدين ضلعن مڪمل سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويندا: اجلاس کي خطاب

ميرپور ساڪرو (ن پاڪ) قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽو جو جنرل ڪائونسل جو اجلاس قومي عوامي تحريڪ ٺٽو ضلعي جي صدر ممتاز شيخ جي صدارت ۾ ساڪرو ۾ ٿيو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌو درياءَ مان غير/ڏسو صفحو 3 بقايا 28

جناح هائوس حملو ڪيس: پي ٽي آءِ باني جون ڀينرون بيڏوهي قرار

عليمه خان ۽ عظميٰ خان جناح هائوس ڪيس ۾ بي قصور آهن: جاچ آفيسر

رب پاڪ ڪنهن دشمن کي به اهڙي قسم جي اذيت مان نه گذاري: عليمه خان

لاهور: (م ڊ) پوليس جناح هائوس حملي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀينرن عليمه خان ۽ عظميٰ خان کي بي قصور قرار ڏئي ڇڏيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

جي يو آءِ سنڌ جي مجلس شوريٰ جو اهم اجلاس اڄ طلب، ڪينالن جي اڏاوت ۽ ٻين معاملن تي غور ٿيندو

سکر (بيورو رپورٽ) جي يو آءِ سنڌ جي مجلس شوريٰ جو اهم اجلاس 13 فيبروري تي طلب، امن امان، درياءَ /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

لاڙڪاڻي واسين جي تفريح لاءِ منعقد 12 ڏينهن وارو ميگا فيسٽيول پڄاڻي تي پهتو، شاندار آتشبازي

لاڙڪاڻي جا شاعر، اديب ۽ محقق پوري سنڌ ۾ سڃاتا ويندا آهن: نثار کهڙو/سهيل انور سيال

انتهاپسندي جي دور ۾ ثقافت ئي ماڻهن کي ٻي راهه ڏيکاري رونق بخشي ٿي: جميل سومرو/ طارق انور سيال

ميگا فيسٽيول جي پڄاڻي تي راڳي سليم رضا ڪنير شاهه سائين جي وائي جهونگاري واهه،واهه ڪرائي ڇڏي

لاڙڪاڻو (رپورٽ: رابيل جاگيراڻي) لاڙڪاڻي ۾ دڙي ٽائون ڪاميٽي طرفان شهرين کي ڀرپور تفريح فراهم ڪري راندين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ منعقد ڪيل 12 ڏينهن وارو لاڙڪاڻو ميگا فيسٽيول جي پڄاڻي واري تقريب /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

روهڙي شهر ۾ سيدن ۽ جعفري برادري ۾ پراڻي تڪرار تان نوجوان قتل

ڪليم حيدرشاهه ٻارن کي اسڪول ڇڏي واپس اچي رهيو ته تاڙ ۾ ويٺل جوابدارن حملو ڪيو

روهڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مڙهه ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

سال اڳ زمين جي معاملي تان ڌرين ۾ جهيڙو شروع ٿيو هو، جعفري برادري جا ٻه ڄڻا مارجي ويا هئا

سنگرار/ روهڙي (نمائندن وٽان) روهڙي ۾ زميني پراڻي خوني تڪرار تان سنگرار جو نوجوان قتل، 11 مهينا اڳ زمين جي خريداري معاملي تان جعفري برادري جا فوجي جوان سميت 2 ڄڻا مارجي ويا هئا، فوجي جوان جي پلاٽ ۾ جعفري برادري /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ٺٽو: صوبائي وزير رياض شاهه عبدالله شاهه اصحابي جي مزار تي حاضري ڀري رهيو آهي

قلندر لال شهباز جي عرس جي انتظامن جي حوالي سان اجلاس، لاڳاپيل کاتن کان رپورٽ طلب

اجلاس ۾ ايس ايس پي، اسسٽنٽ ڪمشنر، ميونسپل چيئرمين سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي

شهر ۾ پوٽا تي سو سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون ويون آهن، سخت نگراني ٿي پئي: بريفنگ

سيڪورٽي جا بهتر انتظام ڪيا آهن (ايس ايس پي) انتظامن ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ٿي: ڊي سي

سيوهڻ (عبدالستار ملاح) عظيم صوفي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جي 773 هين ساليانو عرس مبارڪ جي حوالي سان ڊي سي ڪئمپ /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

سيوهڻ: ڊي سي ۽ ايس ايس پي پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪنڌڪوٽ ۾ ٽن گهرن کي باهه، سامان سڙي رک، مدد جي اپيل

بهادر خان چاچڙ ۾ بجلي تارن مان منٺار، سائين ۽ امير بخش گهنيو جي گهرن کي باهه لڳي

گهرن سامان سڙي ويو آهي، کليل آسمان هيٺ ويٺل آهيون، مالي مدد ڪئي وڃي: متاثرين

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ رئيس بهادر خان چاچڙ گوليمار ۾ منٺار احمد گهنيو سائين بخش گهنيو امير بخش گهنيو/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

آمريڪي صدر پاران غزه تي قبضي جو اعلان انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي: ڪاشف سعيد

يهودي فوج پاران نازي جرمني کان به وڌيڪ جنگي ڏوهه ۽ فلسطيني عوام جي نسل ڪشي ڪئي وئي

ٽرمپ جا بيان عالمي قانون جي خلاف ورزي ۽ وچ اوڀر کي ٻيهر خوني جنگ ۾ ڌڪڻ جي برابر آهي

عالمي قوتون، مسلم دنيا ۽ اقوام متحده في الفور اسرائيل مٿان جنگ بندي معاهدي تي عمل ڪرائين

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته آمريڪي/ڏسو صفحو 3 بقايا 35

سرحد پرسان ڌاڙيلن خلاف آپريشن، ڪجهه شڪي گرفتار، ڦر ٿيل ٽريڪٽر ۽ جعلي ڪارڊ هٿ

پوليس ۽ رينجرز ڌاڙيل جندو، آزاد، جيئند، سبحان، لالو، گورو، بخت سندراڻي، جهرو ماڇي ۽ ٻين جي ٽاڪن تي چڙهائي ڪئي

آپريشن ۾ ڌاڙيلن جي ٽاڪن ۽ گهرن کي باهه ڏئي ساڙڻ سان گڏوگڏ 5 کان وڌيڪ مشڪوڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو

ڌاڙيلن وٽان ڊاڪٽر علي حسن مهر جو ڦر ٿيل ٽريڪٽر هٿ ڪرڻ سميت ڌاڙيلن جا جعلي سڃاڻپ ڪارڊ هٿ ڪيا ويا

گهوٽڪي/سرحد (رپورٽر عبدالحئي مير/ حاجي محمد مهر/ڏسو صفحو 3 بقايا 36

گهوٽڪي: پوليس ۽ رينجرز پاران ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي۔ فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

خميس 13 فيبروري 2025ع بمطابق 14 شعبان المعظم 1446هه



ٽئڪس وصولين تي سنڌ سرڪار کي ڳڻتي

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) جي ٽيڪس وصولي واري عمل تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته گذريل سال گڏ ڪيل 80 ارب رپين کان وڌيڪ رقم هن سال سنڌ کي منتقل ڪئي وئي آهي. پاڪستان ليڊرشپ ڪنورسيشن 2025ع ۾ خطاب ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته وفاقي حڪومت فنڊز وقت تي منتقل ڪري، ته جيئن سماجي شعبي ۾ بروقت سيڙپڪاري ممڪن ٿي سگهي. وڏي وزير سنڌس ناراضگي جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو فنڊز جي دير سان منتقلي آهي. هن چيو ته آمدني وقت تي گڏ ڪئي ويندي آهي، پر سنڌ کي ان جو جائز حصو بروقت نه ٿو ملي. هن وفاقي حڪومت کان گهر ڪئي ته فنڊز جي غير ضروري دير ڪانسواءِ منتقلي کي يقيني بڻايو وڃي. ڊوميسائل سان لاڳاپيل بي ضابطگين بابت ڳالهائيندي سيد مراد علي شاهه يقين ڏياريو ته ڊوميسائل ۾ بي ضابطگين واري معاملي تي جاچ جاري آهي ۽ جيڪو به ڏوهي ثابت ٿيندو ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن واضح ڪيو ته حڪومت شفافيت ۽ احتساب تي پڪو يقين رکي ٿي. وڏي وزير "استقامت ۽ پائيدار ترقي: سنڌ جي اڳتي وڌڻ جو رستو" جي عنوان هيٺ پنهنجي ويزن کي بيان ڪندي سنڌ کي هڪ مستحڪم ۽ پائيدار صوبو بڻائڻ جو عزم ڪيو. هن تعليم، صحت، آبي نظام، بنيادي ڍانچي ۽ اقتصادي ترقي ۾ انقلابي قدم کڻڻ تي زور ڏنو. سنڌ جي ثقافتي ورثي ۽ ان جي بي پناهه صلاحيتن کي تسليم ڪندي سيد مراد علي شاهه چيو ته صوبو هڪ نازڪ دور مان گذري رهيو آهي. جتي ترت اپاءَ وٺڻ جي گهرج آهي. وڏي وزير سنڌ ۾ غربت، گهٽ شرح خواندگي، غذائي کوٽ، ٻارن جي اموات ۽ پاڻي جي گهٽتائي جهڙن مسئلن جي نشاندهي ڪئي. هن آبپاشي جي ناقص نظام سبب پاڻي جي 75 سيڪڙو تائين ضايع ٿيڻ کي "ناقابل قبول" قرار ڏيندي پائيدار حل تي عملدرآمد ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. هن يقين ڏياريو ته صوبائي حڪومت انهن اهم مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪندڙ اپاءَ وٺي رهي آهي. تعليم جي حوالي سان سيد مراد علي شاهه چيو ته شرح خواندگي ۾ واڌ ۽ اسڪولن ۾ صنفي امتياز ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن هر ٻار کي معياري تعليم حاصل ٿي سگهي. اهڙي ريت صحت واري شعبي ۾ خاص طور تي حمل دوران ۽ بعد ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت تي ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته سنڌس حڪومت نون چاول ٻارن جي اموات ۽ غذائي کوٽ گهٽ ڪرڻ لاءِ بنيادي ڍانچي ۾ سيڙپڪاري ڪري رهي آهي ۽ نوان پروگرام پڻ متعارف ڪرائي رهي آهي. وڏي وزير چيو ته سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ تحت آبپاشي جو جديد، پاڻي جي ضايع کي گهٽائڻ ۽ زرعي پيداوار ۾ اضافو آڻڻ لاءِ اپاءَ ورتا پيا وڃن. ڪراچي ۾ اليڪٽرڪ گاڏين واري رٿا بابت هن اعلان ڪيو ته 8000 ماحول دوست گاڏين کي ٽن مرحلن طور تي 500 اليڪٽرڪ بسن جي شروعات ٿي رهي آهي. جنهن جو مقصد آلودگي ۽ ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽائڻ سميت لکين ماڻهن کي باوقار سفر فراهم ڪرڻ لاءِ آهي. سي پيڪ جي نئين مرحلي بابت ڳالهائيندي سيد مراد علي شاهه چيو ته چين پاڪستان اڪنامڪ ڪوريڊور (سي پيڪ) تحت صنعتي ترقي ۽ زرعي پيداوار ۾ واڌ جي اميد آهي. هن ٻڌايو ته ٽرانسپورٽ ۽ توانائي جي بنيادي ڍانچي ۾ بهتري سان سنڌ ۾ هزارين نوڪريون پيدا ٿينديون. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ جي ترقي اڪيلي ممڪن ناهي پر وفاقي حڪومت، بين الاقوامي شراڪتدارن ۽ نجي شعبي سان مضبوط سهڪار جي ضرورت آهي. هن عوامي شموليت جي اهميت کي به اجاگر ڪيو ته جيئن ڊگهي مدي واري ترقي ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌس حڪومت جي بنيادي ڍانچي کي جديد بڻائڻ، پائيدار اپائن تي عملدرآمد ۽ اقتصادي ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ جو عزم ڪيو. هن چيو ته پائيداري ۽ استحڪام رڳو لفظ ناهن اهي بنيادي اصول آهن. جيڪي سنڌ جي مستقبل کي ترتيب ڏئي رهيا آهن. وڏي وزير جي خطاب کي مختلف اسٽيڪ هولڊرن طرفان ساراهيو ويو. جن حڪومت جي قدمن جي حمايت ڪئي. جيئن جيئن سنڌ ترقي جي رستي تي وڌندي، انهن منصوبن جي عملي نفاذ تي سيني جون نظرون هونديون. پاڪستان ليڊرشپ ڪنورسيشن 2025ع ۾ معزز شخصيتن، سرڪاري عملدارن ۽ مختلف شعبن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

آمريڪي اتحادن لاءِ خطرو بڻجي ويل يو ايس ايڊ

ڊاڪٽر ڪامران اعوان

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي روز روز نون نون اعلانن سان پوري دنيا ۾ هلچل مچي پئي آهي. عالمي امداد ۾ ڪٽوتين، ورلڊ هيلٿ پروگرام کي بند ڪرڻ، ماحولياتي پروگرامن کان لاتعلقي ۽ وري يو ايس ايڊ پروگرام کي بند ڪري ان کي پرڏيهي وزارت جي ڊويزن ۾ آڻي دنيا کي ملندڙ امداد جي ڪٽوتي ڪانپوءِ خود آمريڪا ۾ سياسي ماحول گرم ٿي ويو آهي. آمريڪي ڪانگريس ٽرمپ جي پلان کي رد ڪندي چيو آهي ته هو ان پروگرام کي بند نه ٿو ڪري سگهي. ان سان پوري دنيا ۾ آمريڪي ساک تباهه ٿي ويندي. ڪيترائي اتحادي ملڪ اسان کان پري ٿي ويندا. آمريڪي سيڙپڪارن کي اربين ڊالرن جو نقصان ٿيندو. اسان دنيا ۾ اڪيلا ٿي ويندا سين. چين، روس ۽ يورپي ملڪن ٽرمپ جي پاليسين کي ڏسي دنيا جي ڏکڻ ملڪن سان رابطا شروع ڪري انهن کي مدد جي آڇ ڪئي آهي. ٽرمپ جي اهڙن فيصلن سان دنيا ۾ آمريڪا مخالف اتحادن جي مضبوط ٿيڻ جا امڪان ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن پر ٽرمپ چوي پيو ته اسان جا ماڻهو بک پيا مرن ۽ اسان ٻين جا پيٽ ڀرڻ ۾ پورا آهيون. اهي پيسا ڪامورا ۽ واپاري ٺيڪيدار کائي پيا وڃن پر مان ائين ٿيڻ نه ڏيندس.

يو ايس ايڊ (United States Agency for International Development) آمريڪا جي هڪ سرڪاري ايجنسي آهي، جيڪا بين الاقوامي ترقي ۽ انساني امداد لاءِ ڪم ڪندي آهي. 3 نومبر 1961ع تي ان وقت جي صدر جان ايف ڪينيڊي جي حڪم تي ان کي قائم ڪيو ويو. جنهن جو بنيادي مقصد پوري دنيا مان غربت جو خاتمو ڪرڻ، جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ انساني حقن جو تحفظ ڪرڻ هو. ان اداري جي قائم ٿيڻ کان پهرين آمريڪا مختلف ترقياتي پروگرامن ذريعي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي مدد ڪندو هو جن ۾ مارشل پلان (1948ع) پوائنٽ فور پروگرام (1950ع) به شامل هو پر 1961ع تي ۾ انهن سمورن منصوبن کي هڪ ايجنسي ذريعي آڻي يو ايس ايڊ کي قائم ڪيو ويو. ان جي بنيادي مقصد ۾ پوري دنيا مان غربت جو خاتمو بک، بدحالي، بيمارين ۽ گهرو ويڙهه جو خاتمو هو ۽ اسرندڙ ملڪن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ شامل هو. ان پروگرام تحت، تعليم، صحت، جمهوريت، انساني حقن، ماحولياتي تحفظ، زرعي ترقي، قدرتي ۽ هنگامي حالتن ۾ مختلف ملڪن جي مدد به شامل هو ان پروگرام ذريعي گرين ريوولوشن (سائو انقلاب) ذريعي ڪيترن ئي ملڪن ۾ زرعي پيداوار کي وڌايو ويو. ايچ آر وي، ايڊز، مليريا، ٽي بي جهڙين بيمارين لاءِ ويڪسين تيار ڪري ان جو خاتمو ڪيو ويو. ڪيترن ملڪن ۾ اسڪول ۽ ڪاليجن سان گڏ اسپتالون کوليون ويون. ڪيترن ئي ملڪن ۾ شفاف چونڊن لاءِ مالي مدد ڪئي وئي.

يو ايس ايڊ ۽ پاڪستان

يو ايس ايڊ 1950ع کان پاڪستان ۾ ڪيترن ئي منصوبن ۾ سيڙپڪاري ڪري رهيو آهي. جنهن تحت صحت، تعليم، پاڻي، ڊيم، زراعت، اسپتالون قائم ڪرڻ شامل آهي. ملڪ ۾ ڪيترائي بجلي گهر ۽ ڊيم تعمير ڪيا ويا آهن. پوليو جي خاتمي لاءِ اڄ به پوري ملڪ ۾ يو ايس ايڊ جي مدد سان ڪيترائي پروگرام هلي رهيا آهن. پر ڪيترن ئي منصوبن تي تنقيد به ٿيندي رهي آهي. خاص طور تي 2011 ۾ پاڪستان ۾ ريمنڊ ڊيوس ڪيس ۽ اسامه بن لادن خلاف آپريشن بعد يو ايس ايڊ جي ڪيترن ئي منصوبن کي شڪ جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي. اها به تنقيد ٿي رهي آهي ته ان ايڊ جو اڪثر پيسو آمريڪي ڪانٽريڪٽرز پاڻ ئي کڻي ويندا آهن. جنهن سان مقامي سطح تي ڪا ترقي ناهي ٿي.

تنقيد جوڳي ٿئي

يو ايس ايڊ جي ڪيترن ئي پروگرامن تي تنقيد به ٿيندي رهي آهي. 2021 کانپوءِ يو ايس ايڊ افغانستان ۾ اربين ڊالرن جي امداد ڏني. جيڪا بنيادي ڍانچي جي تعمير، تعليم، صحت ۽ خوراڪ جا پروگرام شامل هئا. پر انهن مان ڪيترائي منصوبا ناڪام ٿي ويا. ماڻهن کي تعليم ۽ صحت جون بنيادي سهولتون نه مليون ۽ اربين ڊالرن جي ڪرپشن ڪئي وئي. طالبان جي ٻيهر اقتدار ۾ اچڻ بعد اهي منصوبا ئي رلي ويا. 2010 ۾ هيٽي جي زلزلي تي وڏي پئماني تي امداد ڏني وئي پر ان ۾ به ڪرپشن ڪئي وئي ۽ ماڻهن کي گهر به نه ملي سگهيا. خاص طور تي Caracol Industrial Park جهڙو منصوبو به پورو نه ٿي سگهيو. ان منصوبي مان آمريڪي ڪانٽريڪٽرز تمام وڏا فنڊ هڙپ ڪيا پر مقامي ماڻهن کي ٽڪي جو فائدو نه ٿي سگهيو. آفريڪي ملڪن ۾ يو ايس ايڊ جينياتي طور تبديل ٿيندڙ فصلن وارو پروگرام متعارف ڪرايو. جنهن سان وڏين آمريڪي زرعي ڪمپنين کي اربين ڊالرن جو فائدو ٿيو پر مقامي هارين کي ٽڪي جو فائدو نه ٿيو. ڪيترن ئي آفريڪي ملڪن انهن منصوبن کي فوري طور تي بند ڪرائي ڇڏيو. 2009 ۾ يو ايس ايڊ ڪيوبا ۾ هڪ ڳجهو سوشل ميڊيا نيٽ ZunZuneo تيار ڪيو، جنهن جو مقصد حڪومت مخالف جذبات کي ڀڙڪائڻ، ڪاسترو خلاف ماحول تيار ڪرڻ هو. اهو پروگرام عام شهرين کانسواءِ هلايو ويو ۽ 2014 ۾ رپورٽ ٿيڻ بعد منظرعام تي آيو ته پوري ملڪ ۾ باهه لڳي وئي ۽ پوءِ ان کي آمريڪا بند ڪري ڇڏيو. مبصرن جو چوڻ آهي ته آمريڪا اهڙن پروگرامن کي هلائي ٻين ملڪن جي سياسي معاملن ۾ آزادي سان مداخلت ڪندي آهي. يو ايس ايڊ فلسطين ۾ ڪيترائي ترقياتي پروگرام شروع ڪيا پر 2018 ۾ آمريڪا جي ٽرمپ حڪومت ان فنڊ ۾ ڪٽوتي ڪري ڇڏي. مبصرن جو چوڻ آهي ته ايڊ جي امداد کي اسرائيل ۽ فلسطين جي تڪرار ۾ سياسي هٿيار طور استعمال ڪيو ويو. ان ڪري ڪرپشن، سياسي مداخلت جي ڪري ان جا ڪيترائي منصوبا ناڪام ٿي ويا آهن. هر سال آمريڪي ڪانگريس يو ايس ايڊ جي بجيٽ جي منظوري ڏيندي آهي، جنهن جا پيسا آمريڪا جي وفاقي بجيٽ مان ايندا آهن. 2021 ۾ يو ايس ايڊ کي 27 بلين ڊالر، 2022 ۾ 29 بلين ڊالر ۽ 2023 ۾ ڪل بجيٽ جو 32 بلين ڊالر (3200 ڪروڙ ڊالر) کان وڌيڪ مليا. آمريڪا جو پرڏيهي کاتو به سفارتي ۽ بين الاقوامي ترقياتي پروگرامن لاءِ پيسا ڏيندو آهي. جيڪي انساني حق، جمهوريت ۽ عالمي تڪرارن جي خاتمي لاءِ هوندا آهن. جڏهن ته آمريڪا جو دفاعي ادارو پينٽاگون، آمريڪي زراعت واري وزارت، صحت واري وزارت به فراهم ڪندي آهي. جڏهن ته گڏيل قومن جو ادارو، عالمي بينڪ ۽ اين جي اوز کان به فنڊنگ ڪئي ويندي آهي. جڏهن ته وڏا ڪارپوريٽ ڊونرز جهڙوڪ بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن جهڙا ادارا به اداري کي پيسا ڏيندا آهن. انهن پيسن مان سڀ کان وڌيڪ پيسا يوڪرين کي 4.5 بلين، افغانستان کي 1.5 بلين، ايٿوپيا کي 1.3 بلين، يمن کي 1.1 بلين، نائيجيريا کي 900 ملين ۽ پاڪستان کي 400_500 ملين ڊالرن جي امداد ڏني وئي. اهي پيسا سڌا سنوا حڪومتن کي نه پر سرڪاري اين جي اوز کي ڏنا ويندا آهن. ٽرمپ ان کي ڇو ٿو ختم ڪرڻ گهري آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي پهرين دور کان وٺي ان اداري تي چڙيو پيو آهي. (2017_2021) ۾ يو ايس ايڊ کي ختم ڪري ان جي بجيٽ ۾ ڪٽوتي ڪري ڇڏي هئي. ٽرمپ جي ان وقت جي به Americe First پاليسي تحت ان اداري تي مالي ڪرپشن ۽ سياسي نظريات جي حوالي سان الزام مڙهيا ويا هئا. ٽرمپ جو پهرين ۽ هاڻ به چوڻ آهي ته آمريڪا کي پهرين پنهنجن شهرين ۽ پنهنجي معيشت تي سيڙپڪاري ڪرڻ گهرجي نه ڪي ٻين ملڪن جي ماڻهن کي پالڻ گهرجي. آمريڪي عوام جا اربين ڊالر ٽيڪس جا پيسا اسان پاڻ تي خرچ نه ڪيون ۽ اهي ٻين ملڪن کي ڏيون اها ڳالهه مون کي سمجهه ۾ نه ٿي اچي. اسان پاڻ پنڊا وتون. بيروزگار هجون ۽ ٻين کي روزگار ڏيندا وتون. پهرين پنهنجي گهر کي ته سٺاريون پوءِ ٻين جي مٽي جي سورن کي منهن ڏينداسين. هو غير ملڪي امداد کي پنهنجي پيسن جو ضياع سمجهي ٿو ۽ سرعام ٿو چئي ته اسان جا اهي پيسا اسان پنهنجي عوام، شهرين ادارن جي بحالي، بنيادي ڍانچي، فوج ۽ معيشت تي خرچ ڪيون ته بهتر آهي. ٽرمپ انتظاميا جو چوڻ آهي ته يو ايس ايڊ جا اڪثر منصوبا ڪرپشن، ناقص رٿابندي تي خرچ ٿي رهيا آهن. ٽرمپ حڪومت ان جي تحقيقات ڪرائي ته ان جي فنڊن ۾ 70 کان 80 سيڪڙو رقم ڪامورن جي عياشين، خرچن، ٺيڪيدارن ۽ اين جي اوز تي خرچ ٿيندي آهي. جڏهن ته ڪنهن به متاثر ملڪ کي ٽڪي جو ڪو فائدو ناهي ٿيو جيڪڏهن ايمانداري سان اهي پيسا خرچ ٿيڻ ها ته پوءِ افغانستان، هيٽي ۽ آفريڪي ملڪن مان بک ۽ بدحالي ڪڏهوڪو ختم ٿي وڃي ها. ٽرمپ يو ايس ايڊ جي امداد کي آمريڪا جي پرڏيهي پاليسي ۾ آمريڪي هٿيار طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. ان جو چوڻ آهي ته جيڪي ملڪ آمريڪا جا اتحادي ناهن يا جيڪي آمريڪي مفادن مطابق ڪم نه پيا ڪن انهن کي ٽڪو به نه ڏنو ويندو. ان ڪري هن پاڪستان، فلسطين، افغانستان ۽ ڪيترن ئي آفريڪي ملڪن جي فنڊنگ ۾ ڪٽوتي ڪري ڇڏي آهي. مثال طور هن 2018 ۾ چيو هو ته اسان پاڪستان کي اربين ڊالر ڏئي رهيا آهيون پر هو اسان لاءِ ڪجهه نه پيو ڪري. هاڻ به هو پاڪستان خلاف بيٺي رهيو آهي ۽ فنڊ کي بند ڪري ڇڏيا ائين. ٽرمپ هاڻ يو ايس ايڊ کي ختم ڪري ان کي آمريڪي پرڏيهي وزارت جي هڪ ڊويزن ۾ تبديل ڪري ان جي بجيٽ کي 30 سيڪڙو تائين گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. پر آمريڪي ڪانگريس ان جي اڪثر تجويزن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. 2018 ۾ هن 21 بلين ڊالر گهٽائي ڇڏيا هئا. ٽرمپ ڪيوبا حڪومت کي ڪميونسٽ قرار ڏئي ان جي بجيٽ بند ڪري ڇڏي. فلسطيني اٿارٽي کي ملندڙ 200 ملين ڊالر جي رقم روڪي ڇڏي ائين. گڏيل قومن جي مهاجرن واري ايجنسي جا پيسا به بند ڪري ڇڏيا ائين. آمريڪي ڪانگريس يو ايس ايڊ جي مڪمل بندش کي رد ڪندي چيو آهي ته ان پروگرام سان پوري دنيا ۾ آمريڪا جي ساک بحال ٿي آهي. ان سان چين ۽ روس جهڙين رياستن تي آمريڪا کي برتري حاصل آهي. ان پروگرام سان ڪيترن ملڪن جي سياسي اثر ۾ اسان کي ٿي فائدو ٿيو آهي. ان ڪري صدر ٽرمپ ان کي مڪمل طور تي ختم نه ٿو ڪري سگهي پر هن وٽ جيڪي اختيار آهن ان تحت ان جي بجيٽ ۾ ڪٽوتي ڪري سگهي ٿو پر اهو به تڏهن ممڪن آهي جڏهن ڪانگريس ۽ سينيٽ جي اڪثريت ان جي اتفاق سان منظوري ڏيندي. ڪانگريس ميمبرن ۽ صحت جي ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ٽرمپ ضد ڪري ان کي بند ڪيو ته پوءِ آفريڪي ۽ ايشيائي ملڪن ۾ خطرناڪ بيمارين جي خاتمي واري پروگرامن کي ڪاپاري ڌڪ رسندو. آمريڪا جي عالمي ويڪسينيشن پروگرام تباهه ٿي ويندو ان سان ڪروڙين ٻار مختلف بيمارين جي ٽڪن کان محروم ٿي ويندا. جيڪڏهن ان کي بند ڪيو ويو ته پوءِ هنگامي خوراڪ، پاڻي ۽ رهائشي گهرن وارا پروگرام تباهه ٿي ويندا. دنيا ۾ ڏڪار واري صورتحال ۾ پيو ڪو به اهڙو عالمي پروگرام ناهي جنهن سان انهن ملڪن جي مدد ڪري سگهجي. شام، يوڪرين، فلسطين جي امداد بند ٿي ته اتي مذهبي ويڙهاڪ گروهه مجبور ٿي هٿيار کڻي آمريڪا يا ان جي اتحادين سامهون ٿي بيهندا. ان سان لکين اسڪول، اسپتالون بند ٿي وينديون. ان جي بند ٿيڻ سان پاڪستان، بنگلاديش، نائيجيريا، لاطيني آمريڪا جي ملڪن جي معيشت تباهه ٿي ويندي. يو ايس ايڊ آمريڪا لاءِ هڪ سفارتي هٿيار به آهي. جنهن ذريعي هو دنيا تي پنهنجي داداگيري هلائي رهيو آهي. جيڪڏهن اهو بند ٿيو ته پوءِ چين، روس ۽ يورپي يونين جهڙا ملڪ عالمي امدادي شعبي ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندا ۽ اسرندڙ ملڪن ۾ انهن جو اثر وڌي ويندو ۽ پوءِ اهي ملڪ آمريڪي بلاڪ مان نڪري ڪميونسٽ بلاڪ ۾ شامل ٿي ويندا. جنهن سان آمريڪا کي عالمي سطح تي تمام گهڻو سياسي ۽ فوجي نقصان ٿيندو. ان سان آمريڪا جو عالمي اتحاد ڪمزور ٿي ويندو هاڻ ٽرمپ جي پاليسي آهي ته ان امداد کي پنهنجي مفادن جي پورائي لاءِ استعمال ڪيو وڃي پر چين ۽ روس جي هوندي هاڻ ايشيائي، آفريڪي يا عرب ملڪ ممڪن آهي ته آمريڪي پاليسين تي نه بيهن ۽ اهي ٻين ملڪن جو ساٿ ڏين. ان سان آمريڪا جي عسڪري ۽ اسٽريٽجڪ اتحاد کي تمام گهڻو نقصان پهچندو. ٽرمپ جي عملدارن جو چوڻ آهي ته ان امداد بجاءِ اسان بلگيٽس، گوگل، مائڪروسافٽ جهڙن ادارن ذريعي پنهنجي پاليسين کي جاري رکي سگهون ٿا. آمريڪي ڪمپنيون انهن سان گڏجي سيڙپڪاري ڪري سگهن ٿيون. انهن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اهو ادارو بند ڪيو ته پوءِ ان جي بجيٽ روس خلاف يوڪرين کي، چين خلاف تائيوان کي ۽ آفريڪي ايشيائي ملڪن بجاءِ اها بجيٽ اسرائيل کي ڏينداسين جيڪي اسان جي مڪمل حمايت ۽ مدد ڪري رهيا آهن. جڏهن ته اسان اهي پيسا انهن ملڪن کي آءِ ايم ايف، ورلڊ بينڪ ۽ آمريڪي ڊوليپمينٽ فنانس ڪارپوريشن ذريعي وڏي وياج تي قرض جي صورت ۾ ڏينداسين. چين آمريڪا جي اهڙي فيصلي تي پنهنجي اتحادي ملڪن کي بيلٽ اينڊ روڊ انيشيٽو پروگرامن ۾ امداد وڌائي ٽرمپ کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. صدر آصف زرداري جو دورو به ان ئي حڪمت عملي جي ڪڙي آهي.

ٻلاري رات جون ٻلايون

مير ذوالفقار چانڊيو

اڄ پندرهين شعبان جي ٻلاري رات آهي هن رات ۾ ٻانهن مٿان مالڪ جي مهربانين جا مينهن وسن ٿا گنهگارن جا گناهه ڌوپن ٿا هن رات کي شب برات سڏبو آهي برات جي معنيٰ آهي ڇوٽڪاري جي رات هن ٻلاري رات ۾ انسان کي دنيا جي غمن پريشانين کان ڇوٽڪارو ملي ٿو جهنم جي باهه کان ڇوٽڪارو ملي ٿو هي وڏين بزرگين ۽ ٻلاين واري رات آهي هن رات ۾ تقدير جا فيصلا لکيا ويندا آهن

پندرهين شعبان جا 4 نالا آهن

ليلت المبارڪة : برڪتن واري رات ڇو ته هن رات ۾ الله جي پاران پنهنجي ٻانهن مٿان برڪتن جو نزول ٿيندو آهي هن رات ۾ زمزم جي پاڻي ۾ واڌارو ٿيندو آهي

ليلت البرآة: ڇوٽڪاري جي رات : ڇو ته هن رات ۾ الله ڪريم پنهنجي ٻانهن کي جهنم جي باهه کان ڇوٽڪارو عطا ڪندو آهي

ليلت الصڪة : لک پڙهه واري رات

ڇو ته هن رات ۾ ساري سال جا ليک لکيا ويندا آهن

ليلت الرحمة : رحمتن واري ٻلاري رات ڇو ته هن رات ۾ رب جي رحمتن جي ورهاست ٿيندي آهي

هن رات ۾ پنج خاصيتون آهن

هن رات ۾ لک پڙهه ٿيندي آهي

هن رات ۾ عبادت ڪرڻ ٻين راتين کان عبادت ڪرڻ ۾ فضيلت واري آهي هن رات ۾ نزول رحمت ٿيندي آهي

بخشش جو حصول ٿيندو آهي

ام المومنين حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها فرمائن ٿيون مون نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي فرمائيندي ٻڌو الله عزوجل (خاص طور تي) چار راتين ۾ ٻلائين جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي

1 قرباني واري عيد جي رات 2 عيدالفطر جي رات 3 شعبان جي پندرهين رات جوان رات ۾ مرڻ وارن جا نالا ۽ ماڻهن جو رزق ۽ (ان سال) حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آهن 4 عرفه يعني 8 ۽ 9 ذوالحجه جي وچين رات اذان فجر تائين

پندرهين شعبان جي رات ڪيڏي نازڪ آهي خبر ناهي ته ڪنهن جي قسمت ۾ ڇا لکيو وڃي! افسوس

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو لاپرواهيءَ ۾ ٻيل رهجي ويندو آهي ۽ ان جي باري ۾ ڪجهه جو ڪجهه ٿي چڪو هوندو آهي ڪتابن ۾ اچي ٿو ته ڪيترائي ڪفن ڌوبي جي تيار رکيل هوندا آهن پر ڪفن پائڻ وارا بازارن ۾ گهمي ڦري رهيا هوندا آهن ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو انهن جون قبرون کوٽيل تيار هونديون آهن پر انهن ۾ دفن ٿيڻ وارا خوشين ۾ مست هوندا آهن حالانڪا انهن جي موت جو وقت ويجهو اچي چڪو هوندو آهي ڪيترن جي گهرن جي تعمير جو ڪم مڪمل ٿيڻ وارو هوندو آهي پر گهر جي مالڪ جي موت جو وقت به ويجهو پهچي چڪو هوندو آهي

آگاهه اپنے موت سے ڪوئي بشر نہ
سامان سو برس ڪا ہے پل ڪي خبر نہ

حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو مون وٽ جبرئيل عليه السلام آيو ۽ چيائين هي شعبان جي پندرهين رات آهي هن رات ۾ الله تعاليٰ جهنم کان ايترن کي آزاد فرمائيندو آهي جيترا بني ڪلب جي ٻڪرين جا وار آهن ڪتابن ۾ لکيل آهي بني ڪلب جو قبيلو عرب قبيلن ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻڪريون پاليندو هو افسوس.... ڪجهه بدنصيب اهڙا به آهن جن تي انهيءَ رات شب برات يعني ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي رات به نه بخشجڻ جي وعيد آهي

هن ٻلاري رات ۾ ڪافر ۽ عداوت رکڻ واري ۽ رشتو ٽوڙڻ واري ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ واري ۽ شراب جي عادي ڏانهن رحمت جي نظر ناهي فرمائيندو شب برات تمام اهم رات آهي ڪنهن به صورت ۾ انهيءَ رات کي لاپرواهيءَ ۾ نه گذارڻ گهرجي ان ٻلاري رات ۾ خصوصيت سان الله جي رحمتن جي ڇماڇم برسات ٿيندي آهي حضرت علي المرتضيٰ شير خدا ڪرم الله تعاليٰ وجه الڪريم کان مروي آهي جڏهن پندرهين شعبان جي رات اچي ٿي ته انهن ۾ قيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو بيشڪ الله تعاليٰ سج لهڻ کان آسمان دنيا تي خاص تجلي فرمائيندو ۽ چوندو آهي : آهي ڪو مون کان معافي وٺڻ وارو آهي ڪو مغفرت گهرڻ وارو جو انکي بخشي ڇڏيان هن ٻلاري رات جو هڪ بهترين عمل آهي ته شب برات جي پندرهين رات ٻير جي وڻ جي ستن پنن کي پاڻي ۾ ٽهڪائي (ضرورت موجب سادو پاڻي ملائي ڪري) غسل ڪريو انشاء الله عزوجل سڄي سال جادو جي اثر کان محفوظ رهندءَ

بقايا 01

ڪوٽ، ويزا سسٽم، رٽائرڊ ملازمن کي گريجوئٽي، بفرنس بل نه ملڻ، ڪوڙن ووچرن وسيلي بجيٽ هڙپ ڪرڻ خلاف ڏينهن به ميونسپل پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان احتجاج ڪيو ويو. احتجاج جي اڳواڻي مزدور يونين اڳواڻ مولابخش شيخ، ڪشن راڄ، خالد شيخ، علي شيخ، قلندر بخش، مسمات زرينا، حسينه مسمات سڪينه ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ميونسپل چيئرمين ڪاشف مصطفيٰ ميمڻ ۽ ميونسپل آفيسر وليد شورو ملازمن جي پگهار مان هزارين روپيا ڪٽوتي ڪري رهيا آهن. ماهوار ساڍا ٽي ڪروڙ کان مٿي آهي اها ڪوڙن ووچرن وسيلي هڙپ ڪئي وڃي ٿي، وقت سر پگهارون نه ٿيڻ ڪري فاڪاڪشي جو شڪار آهيون رٽائرڊ ٿيندڙ ملازمن کي پينشن، گريجوئيٽي نٿي ملي، سينيٽري عملي کي صفائي جي لاءِ گهربل سامان ڪونهي ٻهارو به پنهنجي پگهار مان خريد ڪيون ٿا، سالن کان پائيپ لائين جي رينج مشين وسيلي صفائي ڪانهي ٿي. ڪيل گٽرن جي صفائي جي لاءِ هر 3 مهيني ايندڙ بجيٽ جو صفايو ڪيو وڃي ٿو ميونسپل ۾ ٻاهرين ڪائونسل مان آيل ملازمن کي پنهنجي ڪائونسلن ڏانهن موڪليو وڃي، رٽائرڊ ملازمن جي پينشن لاءِ الڳ اڪائونٽ کولي ان ۾ ماهوار بجيٽ رکي وڃي جيئن ملازم رٽائرڊ ٿيڻ وقت پنهنجي رقم حاصل ڪري سگهي. جڏهن ته سوين ملازم جن ۾ ڪلارڪ، ڊسپوزل آپريٽر، هيلپرن، داروغن، فائير فائيٽرن، چوڪيدارن، مالهين ڪولهين سميت سيني اٽر ڪيڊر ملازمن کي ويزا تي ڇڏي انهن جو ڪم سينيٽري عملي کان ورتو وڃي ٿو. اسان جا سڀ مطالبا تسليم ڪري ملازمن جي ڪٽوتي ڪيل پگهارون جاري ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 02

حوالي سان هڪ اجلاس اڄ ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز محمد ارسلان سليم، ايڊيشنل ڪمشنر سيد عمار حسين، ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد تنوير حسين تنيو، اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل گل فيصل الاهي سميت موٽر وي پوليس ۽ نيشنل هائي وي جي عملدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنر نديم احمد ابڙو چيو ته مهراڻ ۽ نيشنل هائي ويز تي روزاني پيش ايندڙ روڊ حادثن سبب ڪيترين ئي انساني زندگيون ضايع ٿي رهيون آهن حادثن جي روڪ ٿام لاءِ سنڌ پوليس، موٽر وي پوليس ۽ نيشنل هائي وي اٿارٽي قدم کڻي ڪمشنر موٽر وي پوليس جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو نيشنل هائي وي تي پيٽرولنگ واري ڪم کي تيز ڪندي اوور ٽيڪ ڪندڙ ڊرائيورن خلاف ڪارروائي ڪن ته جيئن حادثن کي روڪي انساني قيمتي جانيون بچائي سگهجن

بقايا 03

بابت گڏجاڻي ٿي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر چيو ته سيپڪو عملدار بجلي چوري جي روڪٿام لا پوليس سان ڪوآرڊينيشن تيز ڪن، جن علائقن اندر بجلي جي بلن جي 100 سيڪڙو ادائيگي آهي ۽ ڪو به بقالتر ناهي اتان جي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي. ڪمشنر سکر فياض حسين عباسي سيپڪو جي عملدارن کي هدايت ڏيندي چيو ته سرڪاري اسپتالن ۽ ٻين سرڪاري آفيسن جي ٽرانسفارمرن مان غير قانوني ڪنيڪشنز ٿيڻ جي انفارميشن ملي آهي، اتي فوري طور تي وزٽ ڪري ڪنڊا ختم ڪرايا وڃن. جن علائقن اندر بجلي چوري گهٽي آهي اتي پوليس سان گڏجي جائزو وٺي بجلي چوري ڪندڙن خلاف ڪارروائيون تيز ڪيون وڃن. ڪمشنر سکر وڌيڪ چيو ته جيڪي سيپڪو عملدار ڪم ۾ سستي ڪن ٿا انهن خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي. ان موقعي تي ڊي آئي جي پوليس سکر فيصل عبدالله چاچڙ چيو ته بجلي چوري خلاف آپريشن ۾ پوليس سيپڪو سان هر ممڪن سهڪار ڪندي، جيتري نفري گهربل هوندي فراهم ڪئي ويندي. بجلي چوري خلاف آپريشن ۾ ايف آئي آر لا پوليس کي ڪمپلينٽ ٻڌايو ٿو وڃي، پوليس جو ڪمپلينٽ ٿيڻ سان ڪيس مضبوط نه ٿيندو، جيڪڏهن ڪورٽ اندر ڪيس مضبوط ڪرڻو آهي ته لاڳاپيل ڪاتن جا عملدار ڪمپلينٽ ٿين. سپرنٽينڊنٽ انجنيئر سيپڪو سکر ۽ گهوٽڪي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته جن عملدارن ڪم ۾ سستي ڪئي آهي انهن خلاف ڪارروائي ڪندي ڪين نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر پاران ڊويزن ۾ غير قانوني ايل پي جي وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي تيز ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته غيرقانوني ايل پي جو وڪرو ڪندڙن خلاف روزاني جي بنياد تي ڪارروائيون ڪيون وڃن. ڪمشنر سکر اوگرا کي ضلعي انتظاميه سان ڪوآرڊينيشن قائم ڪرڻ جي پڻ هدايت جاري ڪري ڇڏي. هن چيو ته غير قانوني ايل پي جي وڪرو ڪندڙ سان ڪا به رعايت نه ڪئي وڃي، دوڪاندارن خلاف فوري طور تي سخت ڪارروائي عمل ۾ آڻيندي دوڪان سيل ڪيا وڃن. غير قانوني ايل پي جي خلاف ڊويزن جا سمورا ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پيز ڪوآرڊينيشن قائم ڪري، اوگرا جي ايس او پيز تي عملدرآمد کي يقيني بڻائن. آفيسر ان معاملي تي ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪن. ٻي صورت ۾ سندن خلاف به ڪا رعايت نه ٿيندي. غير قانوني ايل پي جي وڪري خلاف اوگرا کي پڻ پرايڪٽو ٿيڻو پوندو. ان موقعي تي ڊي سي سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ضلعي سکر اندر صرف هڪ ايل پي جي جو رجسٽرڊ ڊيلر آهي. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر راجا ايم بي ڌاريجو، ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي، ايس ايس پي گهوٽڪي ڊاڪٽر سميع الله، ايس ايس پي سکر اظهر مغل، ايس ايس پي خيرپور توحيد ميمڻ، ايس ايس پي اسپيشل برانچ منصور مغل، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر آپريشن سيپڪو سکر مظفر حسين، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر سيپڪو گهوٽڪي ظهور احمد، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر احمد مصطفيٰ، سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 04

هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي بينڪ مان 6 لک ڪيرائي ايندڙ شهري کان ڦري فرار ٿي ويا، پوليس واقعي واري هنڌ پهچي رپورٽ درج ڪري جانچ شروع ڪري ڇڏي. شهدادپور شهر جي مصروف ترين واري آبادي سيد پاڙي ۾ ڏينهن ڏٺي جو 4 نامعلوم هٿياربندن ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار ٿي هٿيارن جي زور تي بينڪ مان ڪيش ڪيرائي ايندڙ ڊاڪٽر محمد امجد آرائين کي روڪي هٿيارن جي زور تي 6 لک روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا اطلاع تي ڊي ايس پي شهدادپور سيد تنوير شاهه ۽ ايس ايڇ او محمد حنيف مهر واقعي واري هنڌ پهچي واقعي جا تفصيل حاصل ڪري سي سي ٽي وي ڪئمرا جي مدد سان جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي ٻئي پاسي ڊاڪٽر محمدامجد آرائين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته آئون يو بي ايل بينڪ مان 6 لک رپيا ڪيرائي موٽر سائيڪل تي اچي رهيو هيس ته نامعلوم 4 هٿياربندن موٽر سائيڪل تي سوار ٿي پيڇو ڪيو سيد پاڙي وٽ زبردستي روڪي هٿيارن جي زور تي 6 لک ڪيش ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن مونکان ڦر ٿيل رقم واپس ڪرائي ڏني وڃي ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي؛ هن وڌيڪ چيو ته جڳهه جو ڪم هلي رهيو آهي مزدورن کي پيسا ڏيڻ هئا جيڪي ڦر ٿي ويا آهن

بقايا 05

منعقد ڪيو ويو. ٽيبل ٽينس ٽورنامينٽ جي فائنل مقابلي ۾ پهرين پوزيشن گورنمينٽ آف فزيڪل ڪاليج ايجوڪيشن سکر جي شاگردياڻين حاصل ڪئي. ٻئي پوزيشن گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج روهڙي کٽي وئي، جڏهن ته ٽئين پوزيشن گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن سکر جي شاگردياڻين حاصل ڪئي آهي. ان موقعي تي پروگرام جي خاص مهمان پروفيسر ميڊيم افروز انصاري پرنسپال گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج روهڙي ۽ گورنمينٽ ڪاليج آف فزيڪل ايجوڪيشن جي پرنسپل امجد چنا چيو ته هي ٽينس ٽورنامينٽ مقابلي واري تقريب منعقد ڪرڻ جو مقصد رانديون کي سکر ضلعي اندر اهميت ڏيڻ سان گڏوگڏ نوجوانن شاگردن شاگردياڻين جي ٽيلينٽ کي اجاگر ڪرڻ آهي. اسان چاهيون ٿا ته اهڙيون صحت مند رانديون جون تقريبون هر ضلعي ڪاليجن ۾ ٿين. جنهن سان هڪ صحت مند معاشرو جنم وٺندو. سنڌ حڪومت جي راندين ۽ تعليم واري وزارت هميشه شاگردن شاگردياڻين کي تعليم صحت راندين جي ميدان ۾ ڪڏهن به پٺتي ناهي ڇڏيو.

بقايا 06

3 سال قيد ۽ 45 هزار روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. رپورٽ موجب لاڙڪاڻي جي فرسٽ سول جج اينڊ سول جڊيشل مئجسٽريٽ محمد رمضان گوپانگ جي عدالت ۾ 15 مهينا اڳ شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد ۾ مرغي جي هول سيل جي دڪان تان ٿيل ڦر واري ڪيس جي ٻڌڻي تي جتي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت جوابدار سعيد احمد پٽ غلام حيدر ٽونيو کي 3 سال قيد ۽ 45 هزار روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. واضح رهي ته 15 مهينا اڳ 16 نومبر 2023ع تي لاڙڪاڻي شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد لاهوري محلا ۾ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن ڦورن مرغي جي هول سيل جي واپاري بلاول جوڻيجو ۽ ٻين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 8 لک 35 هزار روپيه روڪ رقم ۽ ٻه موبائيل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن واقعي جو ڪيس واپاري بلاول جوڻيجو جي فرياد تي احمد نواز سنڌيلو سعيد ٽونيو ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن مٿان داخل ڪيو ويو

بقايا 07

ڪيس اسپتال ۾ راڪيٽ لانچر موڪلڻ واري عمل خلاف اڄ 3 ٽئين ڏينهن به صحافي برادري ۽ سول سوسائٽي جي شهرين ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب کان مئن بس اڏي تائين ٽائر ساڙي احتجاج ڪري روڊ تي ڌرڻو لڳائي ويهي رهيا جنهن سبب سنڌ کان پنجاب ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي ڌرڻي جي اڳواڻي جي يو آءِ اڳواڻ مولانا جمال الدين پريس ڪلب جو صدر نارائڻ ناز شير زمان بجاراڻي معيبر باجڪاڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ڌرڻي ۾ شريڪ قلم ڌڻين "صحافين کي ڌمڪيون ڏيڻ بند ڪريو" "ڀتا خوري نامنظور" "ضلعي ڪشمور جو امن بحال ڪريو" "هندو برادري کي تحفظ ڏيو" صحافي برادري کي تحفظ جا نعرا لڳايا. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٽي ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ڪشمور پوليس ڀتا خور مافيا خلاف ڪابه ڪاروائي نه ڪئي آهي هنن چيو ته پوري ضلعي کي ڌوهارين حوالي ڪري عوام کي نڌڻڪو ڪيو ويو آهي اسان پنهنجي علائقي جي مظلوم عوام جي قلم ذريعي جنگ وڙهندا رهنداسين

بقايا 08

ضلعي جو صدر حافظ محمد صادق سميجو ۽ صدر پاڪستان مسلم ليگ يوٿ ونگ ضلعي گهوٽڪي ايڊووڪيٽ عمير صادق سميجو، ضلعي صدر شڪارپور مسلم ليگ ن ڊاڪٽر بشير احمد بروهي، سٽي صدر شڪارپور پاڪستان مسلم ليگ ن رين خان شر، پاڪستان مسلم ن ليگ اسٽوڊنٽ فيڊريشن صدر ضلع شڪارپور اعظم علي شر جن تعلقه پريس ڪلب (رجسٽر) لکي جي صدر عبدالرزاق مهر، سينئر نائب صدر محمد عثمان پنهور، جنرل سيڪريٽري گوگي رام، چيئرمين ايگزيڪيٽو ڪاميٽي آفتاب احمد مهر ۽ جوائنٽ محمد صديق شر، آفيس پهچي گلن جا هار پرائي مبارڪ پڻ ڏني ان موقعي تي آيل مهمانن جو پريس ڪلب جي عهديدارن شڪريو پڻ ادا ڪيو

بقايا 09

آءِ سي سي چيمپئن ٽرافي جي نياز اسٽيڊيم ۾ رونمائي تقريب ٿي گذري، جتي شهرين جو وڏو انگ ٽرافي کي ڏسڻ لاءِ پهچي ويو. آءِ سي سي چيمپئن ٽرافي کي ملڪ جي مختلف شهرن کان ٿيندي اڄ حيدرآباد نياز اسٽيڊيم ۾ پهچايو ويو، جتي ڪرڪيٽ جو شوقين عوام وڏي انگ ۾ ٽرافي کي ڏسڻ لاءِ پهچي ويو. انهي موقعي تي چيمپئن ٽرافي کي ڏسڻ جي لاءِ پهتل ماڻهن ۽ نوجوانن ٻڌايو ته ڪافي خوشي جهڙي ڳالهه آهي ته اڄ آءِ سي سي چيمپئن ٽرافي پهتي آهي جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڪرڪيٽ جا شوقين وڏي انگ ۾ پهتا آهن. هنن چيو ته اسان کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ته پي سي بي ۽ آءِ سي سي جو وفد به هتي پهتل آهي. جن نياز اسٽيڊيم جو معائنو پڻ ڪيو آهي. ڪرڪيٽ جي شوقينن چيو ته هن وقت نياز اسٽيڊيم کي بهترين سهولتن سان نوازيو ويو آهي. هاڻ هتي هڪ دفعو ٻيهر ڪرڪيٽ جا انٽرنيشنل ميچ ڪرايا ويندا جنهن ۾ ڪرڪيٽ جا شوقين به وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. ٽرافي کي ڏسڻ لاءِ آيل ماڻهن جو چوڻ هو ته اها وڏي خوشي جهڙي ڳالهه آهي ته هاڻ هتي ڪرڪيٽ جا ميچ ٿيندا جنهن ۾ نوجوانن کي تفريح ملندي ۽ هو ڪرڪيٽ راند طرف متوجه ٿي سگهندا. پهريان نوجوانن ۾ ڪرڪيٽ جي دلچسپي ختم ٿي وئي هئي نياز اسٽيڊيم جي ٻيهر تعمير سان هاڻ انهن ۾ ڪرڪيٽ جو شوق ٻيهر وڌي ويو آهي. هاڻ انشاالله نياز اسٽيڊيم کي راندين سان سجايو ويندو. هنن اميد ظاهر ڪئي ته هاڻ انٽرنيشنل ميچ نياز اسٽيڊيم ۾ ڪرايا ويندا جنهن سبب نوجوانن کي تفريح جو موقعو ملي سگهندو ۽ حيدرآباد جو عوام راندين مان لطف اندوز ٿي سگهندو. نوجوانن چيو ته اسان پاڪستاني ٽيم کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ موجود هونداسين ۽ دعاگو آهيون ته هي ٽرافي پاڪستاني ٽيم کٽي پاڪستان کٽي ايندي.

بقايا 10

۾ جوڙيل نصيرآباد شهر سنواريو ڪميٽي جو وفد شهر اندر امن امان جي بحالي لاءِ ڪاميٽي اڳواڻ مولانا مفتي عبدالرحمان واهوچو سائين اشفاق احمد مسن، آصف علي ڪاڻيو زاهد حسين تنيو ۽ عبدالقادر ٽڳڙ جي قيادت ۾ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ساجد امير سدوزئي ۽ ڊي ايس پي وڳڻ سان سندس آفيس ۾ نصيرآباد شهر متعلق مسئلن بابت چارٽرڊ ڊمانڊ پيش ڪيو ۽ شهر ۾ وڌندڙ بدامني، منشيات، جوا جي سرعام اڏن خلاف ۽ گذريل هفتي ڳوٺ سعيد خان پنهور مان معزز شخصيت جي يو آءِ يونٽ مرادي جي ڪارڪن نعمان پنهور جي مال واڙي مان 4 ڪاموريون ٻڪريون هڪ ڇيلو نامعلوم چور ڪاهي فرار ٿي ويا ايس ايڇ او پاران متاثر سان تلارڪ نه ڪرڻ تي ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ اڳيان ايس ايڇ او جي نااهلي تي افسوس جو اظهار ڪيو جنهن تي ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ساجد امير سدوزئي ايس ايڇ او ۽ ڊي ايس پي وڳڻ کي طلب ڪندي ڪاميٽي اڳواڻن کي يقين ڏياري ڪرائيندي چيو آهي ته نصيرآباد شهر سميت پوري ضلعي ۾ امن امان بحال ڪرائڻ سندس ضميداري آهي فوري طور مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي جنهن بعد مولانا عبدالرحمان واهوچو شهر جي مسئلن بابت چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪيو

بقايا 11

شعبي پاران نامياري تاريخدان ۽ محقق رحيمداد خان مولائي شيدائي جي 47هين ورسي جي تقريب آرٽس ڪائونسل هال ۾ منعقد ڪئي وئي. ڊائريڪٽر ڪلچر سکر ڊويزن امتياز علي ميمڻ، سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز، سيد نور رضوي چيو رحيمداد خان مولائي شيدائي سنڌ جي تاريخ تي نه رڳو لکيو پروڙيو پر هن تاريخ کي عوام جي هٿن تائين پڻ پهچايو هن تاريخ لکڻ جي لاءِ ريلوي جي گارڊ واري نوڪري ڇڏي ڏني رحيمداد خان مولائي شيدائي جڻ تاريخ لکي سنڌ جي سينڌ سنواري ويو رحيمداد خان مولائي شيدائي جي ڏوهٽي امير علي بروهي ڳالهائيندي چيو ته نانا جي ورسيءَ هرسال ملهائيندا پيا اچون هن 80 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن رحيمداد خان مولائي شيدائي سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ لکي، هن اهو ڪم تڏهن ڪيو جڏهن بجلي به نه هئي ته گوگل به ڪان هئي. پر هو تاريخ الجنت سنڌ تاريخ تمدن جهڙا ڪتاب لکي ويو مهمان خاص ۾ سيد امداد علي شاهه چيو ته رحيمداد خان مولائي شيدائي سنڌ جي تاريخ تي تمام وڏو ڪم ڪيو آهي پر ڪتابن ۾ تاريخي جاگرافي تحقيق جي کوٽ آهي خواجه ذوالفقار چيو ته مولائي شيدائي جي 47هين ورسي تي چوندس هو ڌارين جي ڪاهن سبب بلوچستان کان لڏي اچي سکر رهيو هن جيڪو ڪجهه لکيو اهو هن جي عشق جو سفر هيو هن وقت سندس قبر جا آخري نشان به گم ٿي ويا آهن ورسيءَ ۾ شاگردن شاگردياڻين شاعري اديبن فنڪارن شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 12

سان ڳالهائيندي چيو ته 13 فيبروري ريڊيو جو عالمي ڏينهن جڏهن اڄ پوري دنيان ۾ ريڊيو جو عالمي ڏينهن ملهائجي رهيو آهي تڏهن اها ڳالهه وڏي افسوس سان چئجي ٿي ته سنڌ جي هڪ اهم اسٽيشن ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي FM جي نشريات هڪ ڊگهي عرسي کان بند آهي MW ٽرانسميٽر فني خرابي سبب شهر تائين محدود آهي، جنهن سبب ڏوراهان علائقن جا ٻڌندڙ نشريات ٻڌڻ کان محروم ٿي ويا آهن، جڏهن ته ريڊيو پاڪستان انتظاميا جو سنڌ جي اسٽيشن ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ جاري آهي، هتي هن ڳالهه جو افسوس ٿئي ٿو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي مسئلن کان پاڻ کي بي خبر رکيو آهي ۽ چونڊيل نمائندا پڻ خاموش آهن.

بقايا 13

هائير سيڪنڊري اسڪول چڪ جي نياڻين جي والدين جي شڪايتن تي اسڪول انتظاميان جي هيڊ ماستريائي ۽ ماستريائين جي ملي ڀڳت جي ڪري رکيل پروگرام جي نالي تي اسڪول جي في شاگردياڻي کان 500روپيه اڳاڙي ڪري ڪجهه ماستريائيون پئسا کڻي ڪراچي فرار ٿي ويون آهن نياڻين جي والدين جون شڪايتون آهن ته پروگرام ختم ڪرڻ کانپون به پئسا واپس نه ڪيا ويا ايڪشن ڪاميٽي ٽيم جو ڊي سي شڪارپور ڊي او ۽ ٽي اي او لکي غلام شاهه کي اپيل ڪندي چيو آهي ته هيڊ مستريائي ۽ ماستريائين خلاف سميت وارننگ ڏجي ٿي ته اگر نياڻين کان ورتل پئسا واپس نه ڪيا ويا ته ٻئي صورت ۾ انهن کي ايڪشن ڪاميٽي ٽيم نالن ۽ فوٽن سان نروار ڪندي ۽ قانوني ڪاروائي ڪرائيندي اسانجي ٽيم نياڻين ۽ عورتن جا فوٽون رکڻ ۽ نالن لکڻ مناسب نه سمجهندي فلحال غير نالن سان بارٻار آگاهه ڪري پئي پر نااهل انتظاميا جا ڪرپٽ آفيسر کو به عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهن براءِ ڪرم اسڪولي نياڻين جي ڪاڏل اسڪالرشپ جا فنڊ به نياڻين کي جلد ڏنا وڃن ۽ اسڪول ۾ آيل شاگردياڻين لاءِ ڪمپيوٽر ليپ ٽاپ به ماستريائين پنهنجي گهر ۽ رکي بقايه وڪرو ڪري ڇڏيا آهن جنهن جو ڪورس نياڻين کي نه پيو ڪرايو وڃي نه ئي اڳ ڪرايو ويو آهي اسڪول ۾ گرمي جي موسم ۾ سولر سسٽم به صرف پنهنجي هيڊ مسٽرس جي آفيس تائين محدود ڪيو ويو آ اسڪول اندر نياڻين کي جلد سهولتون ڏنيون وڃن

بقايا 14

سپاف شهيد ڀٽو ضلع دادو لاءِ مير شمس الدين ڀٽو کي چيف آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ضلع دادو جو اجلاس ضلعي صدر غلام نبي جمالي جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ گڏيل راءِ سان مير شمس الدين ڀٽو کي سپاف ضلعي دادو جو چيف آرگنائيزر، ثاقب پنڊ، ڊپٽي آرگنائيزر، آصف گوپانگ کي آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته جوڙيل ڪاميٽي ضلعي جي سيني ڪاليجن ۾ يونٽ ناهي ميمبر سازي ڪندي جنهن بعد ضلعي سطح تي اليڪشن ڪرائي عهديدار مقرر ڪيا ويندا.

بقايا 15

جي روڪ ٿام لاءِ قائم ڊويزنل انفورس مينٽ ڪميٽي جو اجلاس اڄ ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ هن وقت تائين بجلي چوري ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪيل ڪارروائين، بلن جي رڪوري بابت جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ڪمشنر نديم احمد ابڙو ايس اي ڊي حيسڪو ۽ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته بجلي چوري جي روڪ ٿام لاءِ ضلع سطح تي قائم ڪميٽين کي وڌيڪ فعال بڻائي بجلي چوري ۾ ملوث ۽ وڏي وقت کان بل ادا نه ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪندي جاري آپريشن کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ته جيئن بلن جي رڪوري کي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 16

آف لاڙڪاڻو سٽي ڪئمپس جي شاگردن طرفان انگلش ڊپارٽميٽ جي ايڇ او ڊي ۽ ڪوآرڊينيٽر جي مبينا ناجائزين خلاف ڊپارٽمينٽ جو بائيڪاٽ ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ سيڪنڊ ايئر جي شاگردن مبشر هليو ذيشان ابڙو، سمير ميراڻي، عمار جتوئي، عبدالقدير چانڊيو مجيد لاڙڪ، وقاص ميرجت ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهينديندي الزام لڳايو ته دي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو سٽي ڪئمپس ۾ سهولتن جي کوٽ هجڻ باوجود اسان مختلف شهرن مان پيٽرول، ڪرايا، ڀاڙا ڀري روزاني جي بنياد تي تعليم حاصل ڪرڻ اچون ٿا، پر افسوس جو پيپرن دوران انگلش ڊپارٽمينٽ جو ايڇ او ڊي خليل جبران عباسي ۽ ڪوآرڊينيٽر وزير تنيو شاگردن کي حراسان ڪري رهيا آهن. جيڪي پنهنجي من پسند شاگردن کي فل مارڪون ڏئي رهيا آهن.

بقايا 17

خيرپور ۾ 28 هون ڪانوڪيشن ڪيمپس مين آڊيٽوريم ۾ ٿي گذريو 182 شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ڊگريون ورهايون ويون جنهن ۾ 1 هڪ گولڊ ميڊل 6 سلور ميڊل ۽ 11 پوزيشن هولڊرن کي ڊگريون ڏنيون ويون جڏهن ته ڪيمپس ۾ جاب فيئر لاءِ مختلف ڪمپنين پاران اسٽال لڳايا ويا. جتي شاگردن کان نوڪرين جون درخواستون پڻ وصول ڪيون ويون. ڪانوڪيشن جا مهمان خاص اڳوڻو وزير اعلي سنڌ سيد قائم علي شاهه ۽ اعزازي مهمان سيد اسد علي شاهه جن هئا. ڪيمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد پناه جن آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽ باقاعدي پروگرام جو آغاز ڪيو گولڊ ميڊل حاصل ڪندڙ سافٽويئر انجنيئرنگ جي سيد عاصل شاهه ۽ سلور ميڊل حاصل ڪندڙن ۾ سول انجنيئرنگ ڊيپارٽمينٽ جا محمد عظيم، عبد ۽ ڪانجي مل شامل آهن جڏهن ته مڪينيڪل انجنيئرنگ شعبي مان عبدالشڪور، قاسم علي ۽ زين احمد شامل آهن. ڪانوڪيشن ۾ خطاب ڪندي اڳوڻي وزيراعلي سنڌ سيد قائم علي اسين جڏهن هي ڪيمپس شروع ڪئي ته شروعات ۾ مسائل کي منهن ڏنو پر اڄ هي ڪيمپس ڪاميابي سان هلي رهيو آهي ۽ هن وقت خيرپور ايجوڪيشن شهر آهي هن ڪيمپس جا شاگرد تمام گهڻا محنتي آهن جن انجنيئرنگ شعبي ۾ پاڻ ملهايو آهي اسان کي اڳر ترقي ڪرڻي آهي ته محنت ڪرڻي پوندي ڪنهن زماني ۾ پنجاب جي اسان کان وڌيڪ اڳتي هيو هاڻي اسان به مقابلي ۾ آهيون اسان 12 يونيورسٽيون سنڌ ۾ قائم ڪيون صحت لا اسپتالون پڻ ناهيون نوجوانن کي محنت ڪرڻي آهي جيئن سنڌ ۽ ملڪ ۽ سنڌ جو نالوروشن ڪري سگهن ملڪ کي انجنيئرن جي ضرورت آهي، پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جامشورو جن خطاب ڪندي چيو ته هي ڪيمپس اسان جي مضبوط شاخ آهي ۽ اسان جا شاگرد تمام گهڻا محنتي ۽ هوشيار آهن جي ڪي اڄ چار سال مڪمل ڪرڻ تي ڊگري سان نوازيو پيو وڃي. تقريب ۾ ايس ايس پي خيرپور توحيد رحمان ميمڻ ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سيد احمد فواد شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ تقريب جي آخر ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ شيلڊون پڻ ڏنيون ويون.

بقايا 18

جي پرچي ملڻ خلاف پي ايم اي ڊاڪٽر ايسوسيئيشن پاران ڪنڌڪوٽ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ڊاڪٽر خليق انور باجڪاڻي، جنرل سيڪريٽري پي ايم اي ڊاڪٽر مهيرچند چيئرمين پي ايم اي منصور احمد مڪسي خالد ڀٽو ڊاڪٽر وقار احمد ڊاڪٽر ششپال ڪمار ڊاڪٽر جئرام داس نظير احمد اعوان منصور احمد مڪسي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اهو راڪيٽ ڪنهن جنگ ۾ استعمال لاءِ نه موڪليو ويو اقليتي برادريءَ جي نالياوري ڊاڪٽر سندر لعل بالاڻي کي ڀتو وصول ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو ڀتو وٺڻ لاءِ راڪيٽ لانچر موڪلڻ واري واقعي جي مذمت ڪجي ٿي اهو انتهائي افسوس جوڳو عمل آهي هڪ پيشه ور ڊاڪٽر سندر لعل بالاڻي کي ڀتي لاءِ راڪيٽ لانچر موڪليو ويو. سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي، اهڙن واقعن تي سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا خاموش ويٺا آهن عام ماڻهن سان گڏ اقليتي برادريءَ سان به ظلم ڏاڍ جبر ٿي رهيو آهي سنڌ سرڪار امن امان بحال ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، ضلعي ۾ ڌوهارين جوراڄ قائم ڀتاخوري مافيا هاڻي گهرن ۽ ڪاروباري مرڪز ۽ اسپتالن ۾ راڪيٽ لانچر سان گڏ ڀتي جون پرچيون موڪليون وڃن ٿيون. اهڙي عمل سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. اسين اعلي اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته ڌاڙيلن خلاف ڀرمانو آپريشن ڪري شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 19

ڳالهائيندي چيو آهي ته برادري جي پٺتي پيل ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ جي لاءِ ملڪي ليول تي تنظيم جو آغاز ڪيون پيا جنهن ۾ پنهنجي قوم کي مضبوط، منظم ۽ مستحق بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو ويندو هن چيو ته اتحاد ته جڙندا رهيا آهن پر قوم جي خدمت ۽ خوشحاليءَ جي لاءِ نه پر پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي برادري جي ماڻهن کي استعمال ڪيو ويو آهي پر اسان جو اتحاد مفاد پرستي کان هٽي ڪري برادريءَ جي پٺتي پيل ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪري انهن کي شعور ڏئي پنهنجي جائز حقن کي حاصل ڪرڻ ٽريننگ ڏئي ان قابل بڻايو ويندو ته جيئن اهي پنهنجي حقن جي لاءِ بي ڌڙڪ وڙهي سگهن هن وڌيڪ چيو ته پوري ملڪ ۾ برادري جي ماڻهن کي بنيادي سهولتون ڏياري امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو ويندو ان موقعي تي سردار شهزاد احمد خان، ايڊووڪيٽ قادر بخش ڪوسو، سعيد احمد خان ڪوسو سڪندر خان ڪوسو ۽ ٻيا موجود هيا

بقايا 20

ٿي گذريو. جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي وائيس چيئرمين اسد الله ڀٽو، چيئرمين جي ڪوآرڊينيٽر ۽ پي پي پي سپاف جي ضلعي صدر عبدالرحمان موريو سميت مختلف يونين ڪائونسلن جي ميمبرن منصور احمد گهانگهرو، عطاالله جتوئي، عبدالغفور سومرو، عبدالرشيد کهڙو، صدام حسين ڀٽو، آپا بشيران موهيل، امينه ناريجو، زهرا بلوچ، ضلعي ڪائونسل جي عملدارن توڙي آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته اجلاس ۾ مختلف معاملن تي بحث ڪيو ويو. ان موقعي تي مختلف ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ماتحت ايندڙ يونين ڪائونسلن جي ميمبرن طرفان مهانگائي جون شڪايتون ڪندي مستحق ماڻهن کي سولر پليٽون ۽ سلائي مشينون ڏيڻ جي گهر ڪئي وئي. اجلاس کي خطاب ڪندي ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين اعجاز احمد لغاري چيو ته رمضان المبارڪ جو مهينو شروع ٿيڻ وارو آهي، جنهن لاءِ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميه جي عملدارن سان تمام جلد گڏجاڻيون ڪيون وينديون ته جيئن مهانگائي تي ڪنٽرول ٿي سگهي ۽ شهرين کي رليف مهيا ٿئي. هن ميمبرن سان مخاطب ٿيندي چيو ته هر هڪ ميمبر پنهنجي علائقي جي لسٽ ناهي پيش ڪري ته جيئن انهن کي سولر پليٽون، سلائي مشينون ۽ ٻيو سامان ڏنو ويندو ۽ هو پنهنجي علائقي ۾ مستحق ماڻهن ۾ اهو سامان ورهائن. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي، جنهن هميشه غريب، مسڪين ۽ ٻي پهچ ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي.

بقايا 21

ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي پاس اميدوارن کي آفر آبر نه ملڻ خلاف ٽن ڏينهن کان رات ڏينهن ڪئمپ لڳائي احتجاج جاري رکيو اڄ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ٽيسٽ پاس اميدوارن جي حمايت ۾ ضلعي صدر اڪرم باجڪاڻي جي اڳواڻي ۾ ضلعي ڪامپليڪس آڏو لڳايل ڪئمپ ۾ پهچي اميدوارن سان اظهار يڪجهتي ڪئي جيوڻ خان سبزوئي اويس ڪوسو صفيءَ الله سهرياڻي ماسٽر جکراڻي سميت ڪيترن ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته آئي بي اي ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي اميدوارن آفر آبر جاري ڪري ادارن جي اهميت کي بحال ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ ايس ٽي پي ڪين هر جدوجهد ۾ انهن سان شامل هوندي.

بقايا 22

جي پي بي جي او ڊاڪٽر شهباز علي ملڪ، چيئرمين ناصر شيخ، صدر فواد شيخ، عبدالوهاب ايڏي، سينيئر نائب صدر فواد الرحمان، ساجد حنيف ۽ ٻين ميمبرن پاپولر فيبريڪس ۾ ٺهندڙ ورائٽيز ۽ هلندڙ ڪم جو دورو ڪري جائزو ورتو چيف پيٽرن ڊاڪٽر شهباز ملڪ پاران پي بي جي او جي سمورن اڳواڻن، نامياري ڪاروباري شخصيتن ۽ ميمبرن کي سنڌ جي ثقافت لونگي، اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي پي بي جي او ڊاڪٽر شهباز ملڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ ۾ ترقي تڏهن تيزي سان ايندي جڏهن نوجوان نسل نوڪري جي بجاءِ ڪاروبار ڏانهن لاڙو ڪندو. واپار ڪندڙ شخصيتون ملڪ جي استحڪام ۾ اهم ڪردار آهي انڊسٽريز لڳڻ سان لکين ماڻهن کي روزگار پڻ ملي ٿو ۽ ملڪ جي انڊسٽري ترقي تڏهن ڪندي جڏهن حڪومت واپار ڪندڙ شخصيتن کي صنعت واري فيصلن ۾ گڏ ڪندي. اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي نوجوانن کي بهتر تعليم سان گڏوگڏ انڊسٽريز سان لاڙو ڪرايون. پي بي جي او جي صدر فواد شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو نوجوان تيزي سان اڳتي وڌڻ چاهي ٿو پر هميشه شارٽ ڪٽ رستو نقصان ڏيندو آهي نوجوانن کي گهرجي ته هو عملي طرح سان اڳتي وڌن ۽ پنهنجا پير مضبوط سان اڳتي وڌائين منهنجي خيال ۾ ان ڳالهه تي عمل سان نه رڳو ڪين ڪاميابي ملندي پر ترقي ماڻي پنهنجي مستقبل سميت ملڪ جي سالميت لاءِ سندن ڪردار ساراهه جوڳو هوندو.

بقايا 23

عرصو اڳ مون درٻيلو لڳ ڳوٺ سبب ابڙو جي رهواسڻ تسليم عرف رحيمان ابڙو مون سان پسند جو پرڻو ڪيو منهنجي زال جڏهن 4 مهينن جي ڳورهاري ٿي ته ساهرا منهنجي گهر واري تسليم کي پنهنجي گهر درٻيلو لڳ ڳوٺ سبب ابڙو گهمائڻ وٺي ويا جڏهن مان ان کي وٺڻ ويس ته مون کي ساهرن اڪبر ابڙو، نثار علي، ذڪريا ابڙو، برڪت ابڙو زال واپس ڪرڻ بجاءِ مارڪٽ ڪٽي هيٺ هو منهنجي زال کي قيد ڪري ڇڏيو آهي مان گذريل ٻن مهينن کان قران پاڪ کڻي در در ڌڪا کائي رهيو آهي پر پوليس سميت ڪير به تلارڪ نه ٿو ڪري مان حڪومت سنڌ کان مطالبو ٿو ڪيان ته مونکي زال واپس ڏياري ڄاڻايل جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ مان مزاحمت ڪندس مان سنڌ جي ڌاڙيلن کي به اپيل ٿو ڪيان مونکي زال ڪرائڻ ۾ مدد ڪن

بقايا 24

جي حق ۾ پيش ڪئي وئي لاڳاپيل ميونسپل آفيسر هن پيري به عدالت مان غير حاضر رهيا سيشن ڪورٽ لاڳاپيل آفيسرن جي نامناسب روئي کي نظر ۾ رکندي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو ياد رهي ته عدالتي ٻڌڻي فوجداري ضابطي جي تحت جاري آهي پراڻي سکر جي محلي ڪڙي جي ڪوارٽر جي رهواسي محمد نعيم سومرو ايڊووڪيٽ پير امداد علي جهنڊير پاران داخل ڪيل درخواست تي ٻڌڻي اڄ ٿي جنهن ۾ مدعي شڪارپور سوئيٽ پراڻو سکر وٽ مين واٽر لائين ۾ لڳيل غيرضروري ڪٽ آف وال بابت دليل پيش ڪيا علائقي جي رهواسين جون ڪيترين ئي درخواستون عدالت ۾ به پهتيون، جن ۾ عوامي موقف اهو آهي ته پراڻي سکر ۾ هڪ سياسي شخصيت جي مداخلت سبب ڪٽ آف وال لڳايو ويون آهي ميونسپل ڊپارٽمينٽ ۽ لاڳاپيل عملدار ٻئي پيري عدالتي ڪارروائي مان غير حاضر آهن ڪورٽ سڀوري شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

بقايا 25

ڪميونٽي پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ راحيلا سلطانه پڻ موجود هئي ۽ علائقي جي ٽرانسجينڊر ڪميونٽي کي اليڪشن ڪميشن جي ذميدارين، ووٽن جي رجسٽريشن جي اهميت ۽ ووٽ جي استعمال بابت آگاهي پروگرام کي خطاب ڪيو. هنن چيو ته ووٽر ايجوڪيشن پروگرام هڪ اهم قدم آهي جيڪو عوام کي انتخابي عمل جي باري ۾ آگاهي فراهم ڪندو آهي هن پروگرام جو مقصد ماڻهن کي پنهنجو ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ جي اهميت کان آگاهه ڪرڻو آهي ته جيئن هو صحيح فيصلو ڪري سگهن ۽ جمهوري عمل ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن، هن ۾ چونڊن جي قانون، ووٽنگ جو طريقيڪار، اميدوارن جي معلومات ۽ ووٽ وجهڻ جي فائدن جي باري ۾ عوامي سطح تي تعليم ڏني ويندي آهي، ووٽر ايجوڪيشن پروگرام جي بدولت عوام ۾ چونڊ عمل تي اعتماد وڌندو ۽ چونڊن ۾ وڌيڪ شرڪت کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو ملڪ ۾ جمهوري نظام کي مضبوط ۽ برقرار رکڻ جي لاءِ ووٽ جو استعمال تمام ضرورت آهي، ووٽ جو استعمال هر پاڪستاني شهري جو قانوني ۽ آئيني فرض آهي.

بقايا 26

الوداعي تقريب منعقد ٿي. تقريب ۾ مختلف آفيسرن، گستا اڳواڻن، شهرين، صحافين، آپڪا جي نمائندن، استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي. تقريب جي مهمان خصوصي ۾ پيار علي خواجه، اشرف شاعر، اسلم پروين، حاجي شفيع ٻارڻ ۽ غلام قادر باغي شامل هئا. جن رٽائرڊ استادن جي خدمتن کي ساراهيو ۽ انهن جي تعليمي ميدان ۾ ڪيل ڪردار کي ڀيٽا پيش ڪئي. تقريب دوران مقررن ڳالهائيندي چيو ته هي استاد نه رڳو پنهنجي شاگردن لاءِ هڪ مثالي شخصيت هئا، پر انهن تعليم جي فروغ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو. استادن پڻ پنهنجي تجربن ۽ يادين کي شاگردن سان ونڊيو ۽ پنهنجي پيشه ور زندگي ۾ ملندڙ عزت ۽ محبت تي ٿورا مڃيا. ان موقعي تي رٽائرڊ ٿيندڙ استادن کي اجرڪن جا تحفا پيش پيش ڪيا ويا. الوداعي تقريب کي خطاب ڪندي رٽائر ٿيندڙ استادن شاگردن سان پنهنجو تعلق ۽ تعليمي سفرياد ڪيو ۽ ڪين محنت ۽ لگن سان تعليم حاصل ڪرڻ جي نصيحت ڪئي ته جيئن اهي به معاشري جا بهترين فرد بڻجي سگهن.

بقايا 27

ڪتن چڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ميمڻ ڳوٺ جي حاجي شفيع محمد محلي ۾ ڪتن ناري کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڪيو، ٽائون انتظاميه اڳهور ننڊ ستل ميمڻ ڳوٺ شفيع محمد محلي ۾ جاويد موڏائي ميمڻ جي گهر ۾ داخل ٿي آواره ڪتن جاويد جي گهر واري کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو، جنهن کان پوءِ ان عورت کي ميمڻ ڳوٺ جي اسپتال ۾ علاج لاءِ موڪليو ويو، علائقي واسين وزير هيلٿ ڳڏاپ ٽائون جي چيرمين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪتا مهم هلائي، علائقي واسين مان خوف حراس ختم ڪري ۽ معصوم ٻارڙن سميت رهواسين کي ڇتن ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچايو وڃي.

بقايا 28

جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن پورهيت محمد عرس لاشاري ميڊيا آڏو ڏانهينديندي چيو ته منهنجو 18 سالن جو نوجوان پورهيت پٽ واحد بخش لاشاري چار ڏينهن اڳ گهران نڪرڻ بعد پرسرار نموني گم ٿي ويو آهي، جنهن جي ڳولا مٿن ماٿن. سنڌس دوستن وٽان ڪرڻ سميت اهڙي واقعي جو اطلاع حد جي سول لائين ٿاڻي تي پڻ ڏنو آهي، پر ٿنهن باوجود سنڌس ڪوڏس پتو ناهي پئجي سگهيو. هن چيو ته پٽ جي گم ٿيڻ کان پوءِ اسان سمورا گهرياتي سخت پريشان آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي، جنهن لاءِ ضلعي انتظاميه سميت لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ جي ڳولا ۾ اسان جي مدد ڪري ڇاتيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 29

ٿيڻ خلاف پريس ڪلب پهچي احتجاج، رپورٽ درج ڪرائي آهي پوليس چوري واپسي ڪرائي، مسڪين پورهيت آهيان، متاثر پورهيت جون ڏانهون، شهدادپور شهر جي ڊگري ڪاليج لڳ واسي پورهيت خميسو سائند ۽ سنڌس پاڙيسري عزيز پريس ڪلب پهچي سولر پليٽن جي چوري خلاف احتجاج ڪيو، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت خميسو سائند ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجي گهر جي ڇت مٿان پيل 2 سولر پليٽون رات جي وقت نامعلوم چور چوري ڪري ويا آهن جنهن جي رپورٽ ٿاڻي تي درج ڪرائي آهي، هن الزام هڻندي چيو ته هڪ چور تي شڪ آهي جنهن جي ڏانهن پوليس کي ڏني آهي پر پوليس ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هن ميڊيا آڏو ڏانهينديندي وڌيڪ چيو ته مان پورهيت آهيان ٽڪو ٽڪو گڏ ڪري سولر پليٽون خريد ڪيون جيڪي چوري ٿي ويون آهن هن پوليس اختيارين کان چوري ٿيل سولر پليٽون واپسي ڪري علائقي ۾ امن جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 30

وصول ٿيون. هن چيو ته لاڙڪاڻي مان 11 سئو ڪيس ٻڌا آهن. جن ۾ استادن جي آءِ ڊيز جو مسئلو، ٽريزري جا مسئلا، ايل پي آر، جي پي فنڊ، اسڪولن ۽ ٻين ادارن ۾ فرنيچر جي کوٽ سميت ٻيا مسئلا شامل آهن. ڏوڪري جي سائنس ڪاليج ۾ ڪوناپل تقريب کي خطاب ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب علي اڪبر جاگيراڻي چيو ته شهري صوبائي کاتن ۾ درپيش مسئلن بابت شڪايت کڻي اچن. سندن مسئلو گهٽ وقت ۾ حل ڪري کين جائز رليف ضرور مهيا ڪيو ويندو. سڌريل ملڪن اندر محتسب جو اهم ڪردار آهي. شهري وڪيلن جو خرچ ڪن ٿا پر ڪين محتسب اعلي بابت ڄاڻ جي گهٽتائي سبب ماڻهو نه پيا اچن. هن چيو ته ڏوڪري ڪاليج جي ڊولپمينٽ فنڊز بابت انتظاميا لکت ۾ درخواست ڏئي، بنا دير ڪارروائي ڪئي ويندي. ٽيوٽرن ۽ ٺيڪيدارن طرفان اڌ ۾ ڇڏيل روڊن رستن بابت شڪايتن تي به ضرور ڪارروائي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو ويندو. هن ٻڌايو ته عام ٻني تي درخواست لکي محتسب آفيس ۾ جمع ڪرائي وڃي، درخواست اي ميل به ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته ويجهڙائي ۾ ايپ به لانچ ڪئي پئي وڃي ته جيئن عوام کي سستو ۽ تڪڙو انصاف

بقايا 31

ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڳوٺ الهبخش گندرو جي رهواسي چورن اسلم ولد ڪانڊيرو گندرو، ادو ولد ابراهيم گندرو، عباس ولد بخشو گندرو ۽ نٿو گرلس ڪاليج لڳ رهندڙ يارو ولد حسن گندرو اسان سميت سمورن ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، هنن چيو ته مذڪور ماڻهو عادي چور ۽ نامي گرامي ڌوهاري آهن جيڪي نٿو مڪلي ۽ آس پاس ۾ چوپائي مال جي چوري، اسٽريٽ ڪرائيم، موٽر سائيڪلون ۽ موبائلون ڦرڻ سميت انيڪ وارداتن ۾ ملوث آهن، هنن چيو ته هنن جي گينگ جا تازو به ماڻهو امير گندرو ڦر ڪندي زخمي ٿيو ۽ عمر گندرو پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيو آهي پر هي مڙن ٿا، هنن چيو ته هي اڳ ۾ اسان جي هڪ ڳئون ۽ هڪ گابو چوري ڪري ڦهائي ويا، ٻي ڳئون اسان ڇڏائي ورتي، وري تازو رات هنن اسان جي ڳئون چوري ڪري مڪلي تي ڏٽي بخش گندرو جي گهر پاسي ۾ لڪائي ٻيهاري پر اسان پير کڻي ڳئون تائين پهتاسين ۽ هي اسان سان وڙهڻ لا تيار هئا پر اطلاع تي مڪلي پوليس پهچي ڳئون بازياب ڪرائي ورتي آهي، هنن چيو ته مذڪور چورن تر ۾ رڻ ٻاري ڏنو آهي، ۽ تمام گهڻن ماڻهن جا مال چوري ڪيا آهن. هنن چيو ته هنن چورن جا سرپرست ۽ ڀاڙيدار رمضان گندرو، ڏٽي بخش گندرو ۽ مامون گندرو آهن، هنن ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر عمران ۽ ايس ايڇ او مڪلي اشفاق منگي کان مذڪور چورن خلاف سخت قدم کڻي کين انصاف ڏيارڻ سان گڏ عوام کي تحفظ ڏيڻ ۽ وارداتن کي گهٽائڻ لا هنن چورن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 32

جي درخواست تي پٽ شاهه پرسان ڳوٺ احمد بروهي جو دورو ڪيو. جتي ڳوٺاڻن پاران شڪايت ڪئي وئي ته ڳوٺ ۾ تقريبن 200 گهر آهن مگر نه ڪا اسڪول آهي ۽ نه ئي ڪا اسپتال جي سهولت ۽ نه ئي روڊ رستن جي ڪا سهولت ڏني وئي آهي اسان کي بنيادي حق ڏنا وڃن. ٻي صورت ۾ ٽنڊو آدم پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو. جنهن تي هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي مرڪزي چيئرمين رانا غلام نبي راجپوت طرفان ڳوٺاڻن کي يقين ڏهاني ڪرائي وئي ته اسان توهان جو آواز اعلا اختيارين تائين پهچائينداسين ۽ بنيادي حق وٺي ڏيڻ ۾ هر ممڪن مدد ڪنداسين. ان موقعي تي مرڪزي چيئرمين رانا غلام نبي راجپوت سان گڏ نائب صدر سنڌ اختيار علي ڀانڊو منارٽي ونگ سنڌ جو صدر پرڪاش سنگهه ،ڊائريڪٽر ڪمپلين سيل رانا طاهر ڊويزن حيدرآباد جو سينيئر نائب صدر شاهد قمبراڻي، يوٿ ونگ ضلع مٽياري صدر خالد ڪاڪا، علي مور بگٽي ئي رانا سهيل به گڏ موجود هئا

بقايا 01

منتقل ڪئي وئي آهي. پاڪستان ليڊرشپ ڪنورسيشن 2025ع ۾ خطاب ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته وفاقي حڪومت فنڊز وقت تي منتقل ڪري، ته جيئن سماجي شعبي ۾ بروقت سيڙپڪاري ممڪن ٿي سگهي. وڏي وزير سنڌس ناراضگي جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو فنڊز جي دير سان منتقلي آهي. هن چيو ته آمدني وقت تي گڏ ڪئي ويندي آهي، پر سنڌ کي ان جو جائز حصو بروقت نه ٿو ملي. هن وفاقي حڪومت کان گهر ڪئي ته فنڊز جي غير ضروري دير کانسواءِ منتقلي کي يقيني بڻايو وڃي. ٻوميسائل سان لاڳاپيل بي ضابطگين بابت ڳالهائيندي سيد مراد علي شاهه يقين ڏياريو ته ٻوميسائل ۾ بي ضابطگين واري معاملي تي جاچ جاري آهي ۽ جيڪو به ڏوهي ثابت ٿيندو ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن واضح ڪيو ته حڪومت شفافيت ۽ احتساب تي پڪو يقين رکي ٿي. وڏي وزير "استقامت ۽ پائيدار ترقي: سنڌ جي اڳتي وڌڻ جو رستو" جي عنوان هيٺ پنهنجي ويزن کي بيان ڪندي سنڌ کي هڪ مستحڪم ۽ پائيدار صوبو بڻائڻ جو عزم ڪيو. هن تعليم، صحت، آبي نظام، بنيادي ڍانچي ۽ اقتصادي ترقي ۾ انقلابي قدم کڻڻ تي زور ڏنو. سنڌ جي ثقافتي ورثي ۽ ان جي بي پناهه صلاحيتن کي تسليم ڪندي سيد مراد علي شاهه چيو ته صوبو هڪ نازڪ دور مان گذري رهيو آهي، جتي ترت اپاءَ وٺڻ جي گهرج آهي. وڏي وزير سنڌ ۾ غربت، گهٽ شرح خواندگي، غذائي کوٽ، ٻارن جي اموات ۽ پاڻي جي گهٽتائي جهڙن مسئلن جي نشاندهي ڪئي. هن آبپاشي جي ناقص نظام سبب پاڻي جي 75 سيڪڙو تائين ضايع ٿيڻ کي "ناقابل قبول" قرار ڏيندي پائيدار حل تي عملدرآمد ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. هن يقين ڏياريو ته صوبائي حڪومت انهن اهم مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪندڙ اپاءَ وٺي رهي آهي. تعليم جي حوالي سان سيد مراد علي شاهه چيو ته شرح خواندگي ۾ واڌ ۽ اسڪولن ۾ صنفي امتياز ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن هر ٻار کي معياري تعليم حاصل ٿي سگهي. اهڙي ريت صحت واري شعبي ۾ خاص طور تي حمل دوران ۽ بعد ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت تي ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته سنڌس حڪومت نون ڄاول ٻارن جي اموات ۽ غذائي کوٽ گهٽ ڪرڻ لاءِ بنيادي ڍانچي ۾ سيڙپڪاري ڪري رهي آهي ۽ نوان پروگرام پڻ متعارف ڪرائي رهي آهي. وڏي وزير چيو ته سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ تحت آبپاشي جو جديد، پاڻي جي ضايع کي گهٽائڻ ۽ زرعي پيداوار ۾ اضافو آڻڻ لاءِ اپاءَ ورتا پيا وڃن. ڪراچي ۾ اليڪٽرڪ گاڏين واري رٿا بابت هن اعلان ڪيو ته 8000 ماحول دوست گاڏين کي ٽن مرحلن طور تي 500 اليڪٽرڪ بسن جي شروعات ٿي رهي آهي. جنهن جو مقصد آلودگي ۽ ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽائڻ سميت لکين ماڻهن کي باوقار سفر فراهم ڪرڻ لاءِ آهي. سي پيڪ جي ٻئي مرحلي بابت ڳالهائيندي سيد مراد علي شاهه چيو ته چين پاڪستان اڪنامڪ ڪوريڊور (سي پيڪ) تحت صنعتي ترقي ۽ زرعي پيداوار ۾ واڌ جي اميد آهي. هن ٻڌايو ته ٽرانسپورٽ ۽ توانائي جي بنيادي ڍانچي ۾ بهتري سان سنڌ ۾ هزارين نوڪريون پيدا ٿينديون. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ جي ترقي اڪيلي ممڪن ناهي پر وفاقي حڪومت، بين الاقوامي شراڪتدارن ۽ نجي شعبي سان مضبوط سهڪار جي ضرورت آهي. هن عوامي شموليت جي اهميت کي به اجاگر ڪيو ته جيئن ڊگهي مدي واري ترقي ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌس حڪومت جي بنيادي ڍانچي کي جديد بڻائڻ، پائيدار اپائن تي عملدرآمد ۽ اقتصادي ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ جو عزم ڪيو. هن چيو ته پائيداري ۽ استحڪام رڳو لفظ ناهن اهي بنيادي اصول آهن، جيڪي سنڌ جي مستقبل کي ترتيب ڏئي رهيا آهن. وڏي وزير جي خطاب کي مختلف اسٽيڪ هولڊرن طرفان ساراهيو ويو، جن حڪومت جي قدمن جي حمايت ڪئي، جيئن جيئن سنڌ ترقي جي رستي تي وڌندي، انهن منصوبن جي عملي نفاذ تي سڀني جون نظرون هونديون. پاڪستان ليڊرشپ ڪنورسيشن 2025ع ۾ معزز شخصيتن، سرڪاري عملدارن ۽ مختلف شعبن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 02

۽ گرين انيشيٽو منصوبن کي رد ڪري انهن کي سمنڊ ۾ 20 ايڪڙ ملين فوٽ پاڻي ڇڏڻ ۽ ٻي زمين هارياڻين ۽ هارين کي 50/50 ايڪڙ زمين ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي. شڪارپور شهر ۾ قومي عوامي تحريڪ، جي يو آءِ، جمعيت علماءِ پاڪستان، وحدت مسلمين، جماعت اسلامي، جي ڊي اي، جسقم، آپڪا اديب، صحافين، واپارين سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌيائي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون خطاب ڪندي چيو ته سنڌيائي تحريڪ سنڌو درياهه لاءِ 6 ڪئنالن خلاف اي پي سيز سان گڏ ريلين ۽ ٻڪ هڙتالون ڪندي، هي جياپي جي جنگ آهي. سنڌ ۾ رهندڙ سمورين ٻولين ڳالهائيندڙ سنڌو درياهه تي ڌاڙي خلاف جدوجهد ڪن ۽ آواز اٿارين. سنڌو درياهه سنڌ جي دل آهي. شهباز شريف ۽ آصف زرداري سنڌ جي دل ڪيڏي رهيا آهن. دل کانسواءِ سنڌ بنجر ٿي ويندي ۽ 7ڪروڙ سنڌي آهستي آهستي اڄ ۽ ڀڪ ۾ مري ويندا. گرين پاڪستان سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمينن تي قبضي جو منصوبو آهي. قومي عوامي تحريڪ ضلعي شڪارپور جي صدر ايڊووڪيٽ آغا فهد خان خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ماڻهو پنهنجي درياهه کي بچائڻ لاءِ رت آخري ڦڙي تائين وڙهندا هي نسلن جي جنگ آهي. پ پ ڀهروپي آهي. ايوان صدر ۾ ڪئنالن جي منظوري صدر آصف زرداري ڏني ۽ سنڌ ۾ بلاول زرداري ۽ وزيراعلي سميت پ پ وزير واڳون وارا ڪوڙها ڳاڙي سنڌ جي عوام کي بيوقوف بڻائي رهيا آهن ڪينال ڪيڏڻ ڪون جماعت اسلامي جي اڳواڻ عبدالسميع ڀٽي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه بچايو تحريڪ ڪئنالن ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي. موجوده حڪومت سنڌ خلاف منصوبا جوڙي رهي آهي جماعت اسلامي اياز لطيف پليجو صاحب سميت سڀني پارٽين سان گڏ آهي. جي يو آءِ جي اڳواڻ مولوي مشتاق احمد سنهڙو خطاب ڪندي چيو ته گرين پاڪستان ۽ 6 ڪئنالن جي منظوري آصف زرداري ڏني آهي ۽ بدلي ۾ اقتدار ورتو آهي. سنڌو درياهه تي ڌاڙو ڀهريون پيرو ناهي. سنڌي ماڻهن ڪالاباغ ڊيم سميت هر سنڌ دشمن منصوبي خلاف ڊرٽا ۽ هڙتالون ڪري شڪست ڏني. ڪالاباغ ڊيم جو بدلو وٺڻ لاءِ هاڻ 6 ڪئنال ٺاهيا پيا وڃن. جنهن سان سنڌ تباهه ٿي ويندي. اسين اياز لطيف پليجو سميت هر اڳواڻ سان گڏ آهيون. زرداري پنهنجي پٽ کي وزيراعظم ڪرڻ لاءِ سنڌ دشمن فيصلا ڪري رهيو آهي. جمعيت علماءِ پاڪستان جي اڳواڻ مولانا مسعود احمد قادري خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه اسان جي زندگي آهي. پنجاب سنڌو درياهه تي قاتلاڻو حملو ڪيو آهي. 6 ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جا ماڻهو پاڻي ڦڙي لاءِ سڪي ويندا. وحدت مسلمين جي اڳواڻ اصغر سيٺار خطاب ڪندي چيو اياز لطيف پليجو ۽ سنڌيائي تحريڪ سميت سڀني وطن دوست پارٽين سان گڏ آهيون. سنڌو درياهه سان سنڌ جي بقا آهي. ڪئنال سنڌ تي حملو آهي. گرين پاڪستان دراصل گرين پنجاب آهي. ڪڏهن زمينن تي قبضو ته ڪڏهن وسيلن تي قبضا ڪيا وڃن ٿا. سنڌ جي حقن لاءِ سڀني کي گڏجي جدوجهد کي تيز ڪرڻ گهرجي. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ زاهد گهلو خطاب ڪندي چيو ته وفاق سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ٺاهي درياهه کي قيد ڪرڻ چاهي ٿو. وفاق ٻڌائي ته توهان کي ڪئنال کپن يا پاڪستان کپي. پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت سنڌ کي ڪريشن جي ڪالوني بڻائي ڇڏيو آهي. نوڪريون ۽ ڊگريون وڪرو ڪيون پيون وڃن. پورهيتن جا ٻار اعلي تعليم ۽ نوڪرين کان محروم آهن. ڪوئلو ڪيڻ وقت چيو ويو ته ٿر بدلي جي تقدير بدلجي ويندي ٿر خوشحال ٿي ويندو پر هاڻ ٿر جي بجلي مان پنجاب ۾ 200 يونٽ فري ڏني وڃي ٿي پر ٿرپارڪر جا هزارين ڳوٺ بجلي سميت بنيادي سهولتن کان محروم آهن. ڪوهستان، ڪراچي، ساحلي پٽي سميت وڏن شهرن جون زمينون وزيرن ۽ لينڊ مافيا جي قبضي ۾ آهن. ايڊووڪيٽ ظفرچنا خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي اقتدار ۾ اچي سنڌ دشمن فيصلا ڪري رهي آهي. سنڌ جي ماڻهن جيئن ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ نه ڏنو اٿئي. ڪئنال به ٺهڻ نه ڏيندا سين. ليکڪ همير چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ سان هر دور ۾ ناجائزيون ڪيون ويون آهن. پنجاب هميشه سنڌو درياهه تي حملي آور ٿيو آهي. جن حڪمرانن کي سنڌي ماڻهن ووٽ ڏنو آهي پ پ حڪمران سهولتڪار ٿي سنڌو درياهه کي پڙيانگ ڪري رهيا آهن. جي ڊي اي جي اڳواڻ برڪت علي ڪيهر خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي جدوجهد ۾ عورتن جي شموليت کانسواءِ ڪاميابي نه ملي آهي. 91 واري معاهدي تحت به سنڌ کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي. اسان جون زمينون وڃي رهيون آهن. تيل، گئس، ڪوئلي سميت سمورا وسيلا هڙپ ڪيا پيا وڃن. سنڌ اسان جو هزارين سالن جو وطن آهي. ڪئنالن سميت ڪو به ڌاڙو برداشت نه ڪيو ويندو.

بقايا 03

فرهنگ ايران ڪراچي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سعيد طالبي نيا، معروف عالم دين علامه سيد شهنشاهه حسين نقوي، مشهور اقبال شناس ڊاڪٽر سيد اقبال حيدر شعبه فارسي ڪراچي يونيورسٽي جي استاد ڊاڪٽرفائزه زهرا مرزا سميت ٻين ممتاز دانشورن پنهنجي پنهنجي خيالن جو اظهار پڻ ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر طالبي نيا جو چوڻ هو ته هن وقت اسلامي جمهوريه ايران ۾ جيڪا ڪاميابي ڏسڻ ۾ اچي ٿي اها انقلاب اسلامي جي ڪري آهي، هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته انقلاب اسلامي جي ڪاميابي کان اڳ ايران اهڙو ملڪ هو اتي ڊاڪٽر موجود نه هوندا هئا، ٻين ملڪن مان ڊاڪٽرن کي گهرايو ويندو هو، جڏهن ته هن وقت ايران ميڊيڪل جي فيلڊ ۾ دنيا جي ترقي ملڪن ۾ شامل ٿي ويو آهي. تقريب ۾ رهبر انقلاب اسلامي آيت الله خامنه اي جي تقريرن جو فارسي مجموعه علامه اقبال متفڪر بزرگ جهان اسلام جو اردو ترجمي جي رونمائي تقريب به عمل ۾ آندي وئي، ان ڪتاب جو ترجمو علامه سيد شهنشاهه نقوي ڪيو آهي، تقريب ۾ پاڪستان ٽيلي ويزن جي جنرل مينيجر سيد امجد شاهه، ڊين اسلامڪ اسٽڊيز ڪراچي يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر زاهد علي زاهدي ۽ ٻين شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 04

ڪوٺي ڪوڪر پرسان پنجابين واري دڙي وٽ جهيڙيندڙ ٻنهي ڌرين جي هٿياربند ماڻهن ۾ جهيڙو ڇتي فائرنگ سبب گوليو لڳڻ ڪري نوجوان محمد مبين پرڻ ولد شمس الدين پرڻ قتل ٿي ويو ۽ ٻيو نوجوان صدام پرڻ ولد غلام پرڻ سخت زخمي ٿي پيو. قتل ٿيل نوجوان مبين جو مڙهه ۽ زخمي ٿيل نوجوان صدام کي سنڌس وارثن هيلٿ سينٽر سيتارود پهچايو جتي ڊاڪٽرن زخمي نوجوان صدام پرڻ کي ترت طبعي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ اعلاج جو رفر ليٽر ڏنو. ڊاڪٽرن موجب ته حد راڌڻ ٿاڻي جي آهي ان ڪري اسان زخمي کي ميهڙ اسپتال رفر ڪيو ٿا. ان موقعي تي زخمي نوجوان سان آيل سنڌس وارثن مان عبدالحفيظ پرڻ ٻڌايو ته اسانجا نوجوان زرعي زمين تي فصل کي پاڻ ڏئي رهيا هئا ته محمد خان پرڻ جي هٿياربند ماڻهن اسان جي ماڻهن مٿان حملو ڪري مٿن ڇتي فائرنگ ڪري اسانجي هڪ نوجوان مبين پرڻ کي قتل ڪيو ۽ ٻئي نوجوان صدام پرڻ کي مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته قتل ٿيل نوجوان مبين پرڻ عبدالمجيد پرڻ جو پاٽتو آهي ۽ زخمي ٿيل نوجوان به اسانجي ئي گهر جو ڀاتي آهي. واضح رهي ته پرڻ برادري جي ٻن ڌرين عبدالمجيد پرڻ ۽ محمد خان پرڻ جي ماڻهن وچ ۾ خوني ويڙهاند هلندڙ آهي هن ماڻهون مار چڪتاڻ سبب ڪجهه مهينا اڳ محمد خان پرڻ جي ڌر مان محمد مٺل پرڻ قتل ٿي ويو هئو ۽ ٻه ڄڻا پرويز ۽ بخشل سخت زخمي ٿيا هئا. جڏهن ته هن جهيڙي ۾ عبدالمجيد پرڻ جي ڌر جو ماڻهون مبين پرڻ قتل ٿي ويو ۽ هڪ نوجوان صدام پرڻ زخمي ٿي پيو آهي. هن هلندڙ چڪتاڻ سبب سيتا - باليشاهه روڊ تان گذرندڙ ماڻهن جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو آهي جڏهن ته ٻنهي ڌرين جي ماڻهن طرفان جديد هٿيارن سان مورچا بند تي هڪ ٻئي مٿان فائرنگ ڪرڻ سبب آسپاس واري ڳوٺن جي ماڻهن جو ٻنهي ٻاري ته نڪرڻ به محال بڻجي ويو آهه ٻئي طرف پيش آيل واقعو راڌڻ ٿاڻي جي حد ۾ اچڻ جو ٻڌايو پيو وڃي راڌڻ پوليس پاران جهيڙي تي ضابطو آڻي وڌيڪ نقصان کان بچڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي رهي آهي ٻئي طرف قتل ڪيل نوجوان جو مڙهه سنڌس اباڻي ڳوٺ جام خان پرڻ آندو ويو ته سنڌس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو نوجوان شادي شد ڪيس تي پٺ ۽ ٻن نياڻين جو اولاد اٿس

بقايا 05

معاملي تي سمورو ايوان هڪ ٿي ويو. پگهارن ۾ واڌ جو مطالبو ڪندڙ اپوزيشن ميمبرن جا نالا سامهون اچي ويا آهن. پاڪستان تحريڪ انصاف، سني اتحاد ڪونسل ۽ آزاد ميمبرن به پگهارن ۾ واڌ جو لکي ڏنو هو، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر، جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان پشتونخواهه ملي عوامي پارٽي جي سربراهه محمود خان اچڪزئي سميت سمورا ميمبر پگهارون وڌائڻ جا حمايتي آهن. پيپلز پارٽي، (ن) ليگ، جي يو آءِ، نيشنل پارٽي سميت سمورين پارٽين جا ميمبر پگهارون وڌائڻ تي هڪ ٿي ويا آهن. اپوزيشن ميمبرن پهريان واڌ جو مطالبو ڪيو، ايوان ۾ تنقيد پڻ ڪئي، پگهارن ۾ واڌ کي حرام قرار ڏيندڙ شاهد خٽڪ به صحيحون ڪندڙن ۾ شامل آهي. پگهارن ۾ واڌ جو مطالبو ڪندڙن ۾ پي اي سي چيئرمين جنيد اڪبر، انور تاج، عبداللطيف، شاهه احمد علي جو نالو به شامل آهي انهي کان علاوه عادل بازئي، شفقت عباس، امجد علي خان، يوسف خان، سليم الرحمان به اضافي جو حامي نڪتو حميد حسين شير علي ارباب، مبين عارف، سهيل سلطان به پگهارن ۾ واڌ جي لاءِ صحيحون ڪيون.

بقايا 06

متاثرن طرفان سروي پروگرام تحت پڪا گهر تعمير ڪرائڻ وارن ڪمن ۾ اصل متاثرن جا نالا ڪٽي من پسند ماڻهن جا نالا شامل ڪرڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو، نعريبازي، روڊ بند. تفصيل موجب دڙي ۾ ٻنون يونين ڪائونسل ۾ برسات ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ سنڌ حڪومت طرفان ڪرايل سروي پروگرام تحت غريبن کي پڪا گهر تعمير ڪرائي ڏيڻ وارن ڪمن ۾ ٿيل مبينا ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي خلاف متاثرن محمد ميراڻي، زاهد خاصخيلي، ٻنو شاهه مشتاق مگنهار، عيسو ڀٽي، جنو ملاح، پوڙهي ملاح ۽ ٻين ٻچاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ نعريبازي ڪئي وئي، جڏهن ته ڌرڻي سبب ڪافي دير تائين روڊ بند ٿي ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ متاثرن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سجاول ضلعي ۾ سروي پروگرام تحت پڪا گهر تعمير ڪرائڻ وارن ڪمن ۾ وڏي پيماني تي ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي ٿي رهي آهي، جڏهن ته حقيقي متاثرن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، هنن چيو ته سجاول ضلعي ۾ سنڌو درياهه جي ڪنڌيءَ تي رهڻ سبب ٻنون جا ڪافي علائقا ٻوڏ سبب تمام گهڻو متاثر ٿيا آهن. هتان جو عوام غربت جي لڪير کان به هيٺ زندگي گذاري رهيو آهي، تنهن باوجود پڪا گهر ٺهرائيندڙ سماجي تنظيم هتان جي حقيقي متاثرن کي نظرانداز ڪري فقط پنهنجا نوازي تحت گهر تعمير ڪرائي رهي آهي، هنن حڪومت ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي، ته ٻنون جي حقيقي سروي متاثرن کي گهر ٺهرائي ڏنا وڃن. ٻئي طرف سماجي تنظيم اين آرايس پي جي تعلق انچارج عبد اوڊيجو سروي پروگرام ۾ ٿيندڙ مبينا ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي وارن الزامن کي رد ڪندي ٻڌايو ته 2021ع ۾ سرڪار طرفان ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ ڪرايل سروي جي نتيجي ۾ جن متاثرن ٿيندڙ ماڻهن جا نالا شامل ڪيا ويا آهن. انهن کي ميرٽ جي بنياد تي گهر ٺهرائي ڏنا پيا وڃن.

بقايا 07

صلاحڪار راڻا ثناءالله چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي 2 سينئر ججز جوڪيترن ئي معاملن ۾ اهڙو رويو آهي جو انهن جي خلاف ريفرنس ٺاهي سگهجي ٿو. هڪ انٽرويو ۾ راڻا ثناءالله چيو ته اوهان اهڙي پروپيگنڊا جا حقدار بڻجندو جنهن سان پورو ادارو بدنام ٿئي ته انهي کي مس ڪنڊيڪٽ سان جوڙي سگهجي ٿو. اهو معاملو ڪڏهن به ڪابينه ۾ بحث هيٺ ناهي آيو. هن چيو ته 2 جج سپريم ڪورٽ ۾ ڪم هلڻ نه پيا ڏين هر معاملي تي اختلاف ڪن ٿا، بائيڪاٽ ڪن ٿا ۽ خط لکن ٿا. هن چيو ته عدليه ۾ اهڙا ججز ويٺل آهن جنهن ملڪ تي حڪمراني ڪئي، اهي چپڙاسي کان وٺي ملڪ جي وزيراعظم کي پنهنجي سامهون بيهاري ٿا ڇڏين. هي پاڻمرادو نوٽيس جي نالي تي جنهن کي دل چاهي ٿو پنهنجي سامهون بيهاري ٿا ڇڏين. هن وڌيڪ چيو ته ججز جي مقرري ۽ بدلين جو پراڻو اصول اسان تبديل ناهي ڪيو. جسٽس منصور علي شاهه ججز جي مقرري ۽ بدلين جي حوالي سان پاڻ فارمولو ڏنو هو. حڪومت انهي جي بنياد تي آئيني ترميم ڪئي ته اها غلط ڪيئن ٿي سگهي ٿي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن جوڊيشل ڪميشن سپريم ڪورٽ ۾ 6 ججز جي مقرري جي منظوري ڏني هئي، پر جسٽس منصور ۽ جسٽس منيب اختر جوڊيشل ڪميشن جي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو هو.

بقايا 08

جرنلسٽ جي سڏ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ صحافين پاران احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ۽ ٻڪ هڙتالي ڪئمپون لڳايون ويون. متياري مان عيوضي شهمير ميمڻ موجب پاڪستان فيڊرل يونين جرنلسٽ جي سڏ تي تڪراري پيڪا ايڪٽ جي خلاف متياري جي صحافين پاران متياري پريس ڪلب ٽي روز ٻڪ هڙتالي ڪئمپ جي پهرين ڏينهن ضلعي صدر الطاف ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سخت نعريبازي ڪئي وئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته پيڪا ايڪٽ نه صرف صحافين پر عام شهرين لاءِ به خطرو آهي حڪومت ۽ ادارن خلاف حقيقي خبر ڏيندڙ به زمري ۾ اچي ويندا . لاڙڪاڻي مان بيورو مطابق يونين آف جرنلسٽس جي صدر طارق محمود دراني ٻڪ هڙتالي ڪئمپ قائم ٿي، صحافينهٽن ۾ ٻئنر ڪٽي پيڪا ايڪٽ خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته آمريتي دور ۾ به صحافين جي آواز کي دٻائڻ لاءِ اهڙي قانونسازي نه ٿي آهي جيڪا هاڻي جمهوري حڪومت صحافت تي وار ڪندي پيڪا ايڪٽ قومي اسيمبليءَ مان پاس ڪري ان کي پوري ملڪ ۾ لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. سکر مان شڪيل عاجز موجب پي ايف يو جي. جي مرڪزي سڏ تي سکر يونين آف جرنلسٽس جو ٻڪ هڙتال ڪئمپ قائم، صحافين، سماجي اڳواڻن، وڪيلن، واپاري برادري ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 09

جي در تان گرفتار ڪيو ويو. سيمابيا طاهر کي حراست ۾ وٺي پوليس چوڪي ابيالا منتقل ڪيو ويو. ذريعن موجب سيمابيا تي نيو ٽائون ٿاڻي تي ڪيس داخل آهي، هوءَ پيشي لاءِ عدالت آئي هئي. پوليس سيمابيا طاهر جي گرفتاري جي حوالي سان تفصيل سامهون ناهن آندا.

بقايا 10

جون تباهه ٿيڻ واري خبرون سوشل ميڊيا ۽ پرنٽ ميڊيا تي هلڻ کان پوءِ نيٺ ضلعي ڪشمور جا ايجوڪيشن آفيسر نيٺ جاڳي پيا ۽ غوثپور هائر سيڪنڊري اسڪول بوائز جو تعميراتي جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ طرفان 65 لک جي منظوري ڏني ڇڏي آهي ۽ سمري پنهنجي ادارن ايجوڪيشن جي آفيسران ڏانهن موڪلي ڇڏي آهي اسڪول جي تباهه ٿيل بلڊنگ جو ڪم شروع ٿي ويو باقي استادن جي کوٽ ته عمل ڪيو وڃي هائر سيڪنڊري اسڪول بوائز کي 10 استاد جي شديد کوٽ آهي سو ضلعي ايجوڪيشن جي آفيسرن کي هڪ التجاه ڪجي ٿي ته تازي ڀرتي ڪيل استادن مان 10 استاد غوثپور هائر سيڪنڊري اسڪول بوائز کي ڏنا وڃن جنهن شاگردن جي تعليم جو سٺي نموني
 ڪم هلي سگهي ۽ امتحان دوران استادن کوٽ پوري ٿي وڃي ۽ ڄيجل منهنجي سنڌ جي رپورٽر سان غوثپور اسڪول جو FA استاد محمد اسحاق ادراڻي ڳالهائيندي چيو ته اسان پنهنجي ضلعي ايجوڪيشن آفيسرن کي رڻن ۾ به ڏنو آهي اسان جي اسڪول ۾ استاد گهٽ آهن سو نيو ڀرتي ٿيل استاد ڏيو ۽ اسان جي اسڪول جي 5 ڪان 7 ستن ڪمرن جي ڇت صاف ختم ٿي وئي آهي اڳ ۾ به شاگردن جي مٿان ڇت جا ڇپڙ ڪري پيا هئا ۽ شاگرد زخمي ٿيا هئا انهن ڪمرن کان اسان سيل ڪري ڇڏيو هوسي ۽ امتحان دوران وڏي تڪليفن سان منهن ڏيڻو پيو الحمدالله هاڻي بلڊنگ جي ريپر جو ڪم ٿي رهيو آهي باقي استاد ڏنا وڃن ته غوثپور اسڪول جو ڪم بهترين ٿي ويندو

بقايا 11

گلشن جوڻيجو جي وارثن عورتن، مردن ۽ ٻارڙن جو لاش قومي شاهراهه باب سچل سامهون رکي ڌرڻو ڌرڻي سبب قومي شاهراهه جي ٻنهي طرفن کان گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون، قاتلن جي گرفتاري تائين اسان جو احتجاج جاري رهندو، اسانجي نوجوان کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي: وارث عورتون جو بيان. رپورٽ موجب: رائيپور جي ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جوڻيجا ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار تان گذريل ڏينهن گولين هٽي قتل ڪيل 35 سالہ نوجوان گلشن جوڻيجو ولد الله رکيو جوڻيجو جو لاش رکي سنڌس وارث عورتن، مردن ٻارڙا ساڻ ڪري باب سچل سرمست گيٽ سامهون قومي شاهراهه جي ٻنهي طرفن کان ٽائرن کي باهيون ڏئي جوابدارن جي گرفتاري ۽ قتل جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا. ان موقعي تي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري نه سگهي آهي نه ئي وري قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، اسان جي نوجوان کي اغوا ڪري گولين هٽي قتل ڪيو ويو آهي. پوليس ڪو به تحرڪ نه ورتو آهي. ان مان لڳي رهيو آهي ته پوليس هٿ سان اسان جو نوجوان ماريو آهي. 24 ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڪجهه به نه ٿي سگهيو آهي. هنن وڌيڪ اهو پڻ چيو ته جيستائين قتل جو ڪيس ۽ قاتل گرفتار نه ٿا ڪيا وڃن تيستائين اهو اسان جو ڌرڻو جاري رهندو ڪيترائي ڪلاڪ روڊ بند هجڻ ڪري قومي شاهراهه جي ٻنهي پاسن کان سوين گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون. جنهن بعد ڊي ايس پي گمبٽ ۽ ايس ايڇ او رائي پور ڌرڻي ۾ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ ڪين مڪمل انصاف جي يقين ڏيارڻيءَ جي خاطريءَ تي ڌرڻو ختم ڪيو.

بقايا 12

جو قابل تحسين قدم آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اسلامي جمعيت طلباءِ جي تحت ڪراچي يونيورسٽي ۾ 3 ڏينهن جي سالانہ ڪتاب ميلي جي ٻئي ڏينهن دوري دوران ڪيو هن مختلف اسٽالز جو دورو پڻ ڪيو ۽ جمعيت جي ڪوشش کي ساراهيو ان موقعي تي جماعت اسلامي جي صوبائي سيڪريٽري اطلاعات مجاهد چنا، ناظم اسلامي جمعيت طلباءِ جامعه ڪراچي ڪامران سلطان غني، دانيال خاصخيلي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 13

سهرياڻي کي پوليس ڏاڙيل جي قيد مان آزاد نه ڪرائي سگهي، مغوي جي گهر ۾ روج راڙو ڪهرام متل. اير اين اي سردار علي جان مزاري ۽ مير مٺاف خان سهرياڻي ۽ مغوي جي وارثن ايس ايس پي ڪشمور زبير نظير شيخ جي سنڌن جي آفيس ۾ ملاقات ڪئي ايس ايس پي خاطري ڪرائي جلد مغوي کي بازياب ڪرايو ويندو خاطريون ڪرائڻ جي باوجود حد جي پوليس مغوي جي بازيابي لاءِ ڪک پڇي بيٺو نه ڪيو ڪجهه ڏينهن پهريان مغوي جي پيرسن والد پاڪ ڪتاب کڻي بازيابي لاءِ مدد جي اپيل ڪئي هئي.

بقايا 14

جو دوران سنيپ چيڪنگ قتل ڪيس جو مک جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي، گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ عبدالڪريم ولد محمد امين شر جي طور ٿي، گرفتار جوابدار مٿان حاجي خان شر ٿاڻي تي ڪيس داخل آهي. رابطو ڪرڻ تي اي ايس پي محمد عاشر چيو ته ايس ايس پي زبير نظير شيخ جي خاص هدايتن تي امن امان جي بحالي ۽ روپوش اشتهاري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ضلعي جي پوليس سنيپ چيڪنگ ۽ سرچ آپريشن جاري آهن. ٻيرا موڙ وٽ قتل ڪيس جو مک جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي، ڪشمور ضلعي جي عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ اولين ترجيح آهي، جرائم پيشه عناصرن خلاف ڪاروائي جاري رهندي.

بقايا 15

هيلٿ سڪر ڊويزن ڊولپمينٽ اٿارٽي جو عملدار ا 2022 کان سڪر چيف انجنيئر مقرر ٿيو جنهن ترقياتي اسڪيمن پروينشل ضلعي اي ڊي پي ايف پروگرام ۽ واٽري ايبليٽيشن مان ڪرپشن ڪئي آهي. سنڌس چوڻ هو ته خيرپور هيڊ ڪوارٽر پبلڪ هيلٿ ڊولپمينٽ خيرپور 8 ٽوڙي راڻي اين آئي بي جا ٽينڊر لکين روپين عيوض پنهنجي من پسند ماڻهن کي ڏنا ويا. دلمراد جامڙو وڌيڪ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٽينڊر نالي ماتر ڏيکاري جائيل علائقي ۾ ڪي به ترقياتي ڪم نه ڪرائي سگهيو، هن وڌيڪ چيو ته برڪت علي خواجه ملي ڀڳت ڪري انهن ٽينڊرن کي ٻيهر ري روائيس ڪري من پسند ٺيڪيدارن کي لکين روپين ۾ ٽينڊر جاري ڪرايا آهن. ٽينڊر صرف ڪاغذي ڪاروائي ۾ ڏيکاري ترقياتي اسڪيمن آر او پلانٽس پيور بلاڪس سميت مختلف اسڪيمون صرف 20 سيڪڙو ڪرائي ڪروڙن جي بجيٽ هڙپ ڪئي وئي آهي. سنڌس وڌيڪ چوڻ هو ته سيوريج جي اسڪيمن ۾ به وڏي پيماني تي ڪرپشن ڪئي وئي آهي. علائقي ۾ سيوريج جو سسٽم تباهه هجڻ ڪري علائقي ۾ مختلف وبائي بيماريون پکڙجي رهيون آهن هن چيو ته سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي لتاڙ ڪندي 18 گريڊ جي آفيسر جي جڳهه تي 16 ۽ 17 گريڊ جي عملدارن کي مقرر ڪيو ويو آهي. هن وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه مڪاني ادارن جي صوبائي وزير چيف سيڪريٽري سميت لاڳاپيل عملدارن کان پر زور مطالبو ڪيو آهي ته هن معاملي جو فوري نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي وڃي. ٻي صورت ۾ جائيل ڪريٽ عملدار برڪت خواجه خلاف عدالت جو دروازو کڙڪايو ويندو پريس ڪلب ٻاهران خيرپور واسي جي هٿن ۾ برڪت خواجه خلاف پليڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو ۽ پريس ڪلب ٻاهران ويٺل ٻين مظاهرين خيرپور واسي مراد جامڙو جي حمايت ۾ برڪت خواجه خلاف نعري بازي ڪئي.

بقايا 16

تنهن ڪري انهن کي فيصلي سازي ۾ شامل ڪرڻ ضروري آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پوٺوهار آرگنائزيشن فار ڊولپمينٽ ايڊوڪيسي (پوڊا) ۽ واٽر ايڊ پاڪستان پاران منعقد ڪيل ورڪشاپ کي خطاب ڪندي ڪيو. شاهينه شيرعلي وڌيڪ چيو ته خراب واش سهولتون ۽ ماحولياتي تبديلين جو سڀ کان وڌيڪ اثر عورتن تي پوندو آهي ان لاءِ حڪومت عورتن جي قيادت کي فروغ ڏيڻ ۽ پائيدار حل فراهم ڪرڻ جي لاءِ قدم کڻي رهي آهي. ورڪشاپ ۾ اسيمبلي ميمبرن تنزيلہ قمبراڻي، ندا کهڙو ۽ ياسمين شاهه به شرڪت ڪئي ۽ ٻهراڙي جي عورتن جي شموليت کي اهميت تي زور ڏنو.

بقايا 17

ترين رات آهي تنهنڪري مسلمان هن پلاري رات ۾ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ عبادت ڪندا آهن واٽر ڪارپوريشن جي اختيارين کي هدايتون ڏيندي چيو ته شب برات جي موقعي تي سڄي شهر پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا بهتر انتظام ڪيا وڃن ته جيئن هن پلاري رات ۾ زائرين ۽ عبادت گذارن کي ڪنهن به قسم جي ڏکيائي جو منهن ڏسڻو نه پوي چاڪاڻ ته شب برات جي رات شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر انتظام فراهم ڪرڻ ڪنهن به عبادت کان گهٽ ناهي جڏهن ته شب برات جي انتظامن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ٻئي طرف ميئر ڪراچي جي هدايتن تي ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان شب برات 15 شعبان المعظم جي مقدس رات پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي انتظامن بابت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آن ڊس ۾ ايس او ٽو ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن سردار شاهه خط جاري ڪندي لاڳاپيل اختيارين کي چيو ته شب برات کان اڳ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن ۽ قبرستان مزارن عبادتگاهن ۽ مسجدن جي آسپاس پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي بابت سمورين شڪايتن جو فوري طور تي ختم ڪيون وڃن ۽ سمورن ضلعن جي سپرنٽينڊنگ انجنيئرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي چونڊيل عوامي نمائندن ضلعي انتظاميا سماجي ۽ مذهبي تنظيمن سميت علماءِ ڪرام سان مڪمل رابطي ۾ رهن ان کان علاوه هائيڊرنٽس سيل انچارج کي هدايت ڪئي وئي آهي ته شب برات جي موقعي تي قبرستان جي داخلي ۽ خارجي رستن تي زائرين کي پاڻي فراهم ڪرڻ جي لاءِ واٽر ٽينڪرز بيهاريا وڃن ته جيئن قبرستان جي ويجهو سماجي ۽ مذهبي تنظيمن پاران لڳايل پاڻي جي سبيلن کي مفت پاڻي فراهم ڪري سگهجي جڏهن ته فوڪل پرسن برائي هائيڊرنٽس سيل شهباز بشير قبرستان ۽ مسجدن ۾ پاڻي جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ لاءِ واٽر ٽينڪرن جي انتظامن جي نگراني ڪندو.

بقايا 18

صوبائي وزير اوقاف سيد رياض حسين شا شيرازي، صوبائي سيڪريٽري اوقاف جاويد صبغت الله مهر، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف فرخ شهزاد قريشي، ايڊمنسٽريٽر اوقاف ڊاڪٽر نور احمد ڀهوڳ، مئنيجر اوقاف گل حسن چوهاڻ، بسترڪٽ انفارميشن آفيسر محفوظ علي سومرو ۽ ٻين سان گڏ درگاهه تي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جو باقائد افتتاح ڪري ڇڏيو چادر چاڙهڻ بعد ملڪ جي سالميت، استحڪام، خوشحالي ۽ امن لاءِ دعا گهري وئي. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد رياض حسين شا شيرازي ميڊيا سان ڳالهائندي چيو ته سنڌ صوفي بزرگن ۽ درويشن جي سرزمين آهي، جن هميشہ
 پيار محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي، سنڌن تعليمات تي عمل ڪرڻ اسان جو فرض آهي، درگاهون روحانيت ۽ فيض جون ندييون ۽ اسان سڀني جو قيمتي اثاثو پڻ آهن. هن چيو ته ٽنڊو پرامن ضلعو آهي، ان جي باوجود عرس مبارڪ جي مناسبت سان سڪيورٽي جا باوجود انتظام ڪيا ويا آهن. ان حوالي سان واڪ ٿرو گيٽس ۽ سي سي ٽي وي ڪئميرائون پڻ لڳايون ويون آهن ته جيئن سڪيورٽي ۽ مانيٽرنگ واري عمل کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته درگاهه تي زائرين ۽ عقيدتمندن کي سهولتون فراهم ڪرڻ اوقاف کاتي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. زائرين جي سهولت لاءِ ميڊيڪل ڪيمپ، پيئڻ جي صاف پاڻي، وضو واش روم، مسافرخانو لنگر ۽ ٻيا سمورا گهربل انتظام ڪيا ويا آهن. هن چيو ته درگاهن جو تقدس هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو ڪنهن کي به غلط استعمال جي اجازت هرگز نه ڏني ويندي

بقايا 19

مهاجر قومي موومنٽ جي سربراهه آفاق احمد کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ڪورنگي ۾ ٽرڪ ساڙڻ واري واقعي ڪيس ۾ مهاجر قومي موومنٽ جي سربراهه آفاق احمد کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. پوليس پاران گرفتار وڌيڪ 10 جوابدارن کي به عدالت ۾ پهچايو ويو. جوابدار آفاق احمد کي بڪتر بند گاڏي ۾ عدالت آندو ويو واقعي جو ڪيس ڪورنگي عوامي ڪالوني ٿاڻي ۾ داخل ڪيو هو. ڪيس ٽرڪ ڊرائيور فريد خان جي فرياد تي داخل ڪيو ويو. ڪيس ۾ دهشتگردي جا قلم به شامل ڪيا ويا آهن. داخل ڪيل ڪيس جي متن موجب، ٽرڪ کي باهه آفاق احمد جي حڪم تي لڳائي وئي هئي. ايف آءِ آر موجب جوابدار آفاق احمد هيوي ٽريفڪ کي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ جو بيان ڏنو هو فريادي چيو ته سنڌس ڳالهين انهيءَ ڪري ساڙي وئي، چو ته آفاق احمد ڌمڪائيندڙ وڊيو بيان ڏنو هو. جوابدار آفاق احمد جي بيان سبب شهر جو امن خراب ٿيو داخل ڪيس ۾ آفاق احمد سميت 15 ماڻهن کي بطور جوابدار نامزد ڪيو ويو آهي. دهشتگردي توڙ عدالت آفاق احمد جي جاچ آفيسر پاران جسماني ريمانڊ واري درخواست رد ڪري ڇڏي. عدالت جوابدار آفاق احمد ۽ ٻين جوابدارن کي عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت چيو ته حادثا ٿي رهيا آهن. ٻيو مسئلو موٽر سائيڪلن جو به آهي، ٽرئفڪ جا مسئلا آهن. ۽ هي مافيا آهن، سياهين جي هٿن ۾ ڪجهه به ناهي، جيستائين اسان منظم نه ٿينداسون اهي ماڻهو به منظم نه هوندا. عدالت چيو ته ڏسو ته ڪيئن سڄي يورپ کي ڪنٽرول ڪيو پيو وڃي. سڀ کان پهرين هڪ وڪيل کي قانون جي پيروي ڪرڻ گهرجي. سرڪاري وڪيل چيو ته سيون اي ٽي ايڇ جي قانون لاڳو ٿيو آهي. عدالت چيو ته آفاق صاحب، اڳيان اچو مون ٻڌو آهي ته توهان سٺو ڳالهايو ٿا، پر هن قوم کي توهان جي لفظن مان ڪو به فائدو نه ٿيو آهي. آفاق احمد جي وڪيل چيو ته آفاق احمد جي خلاف ڪهڙا ثبوت آهن؟ عدالت چيو ته ڊمپر ساڙڻ وارا تخريبڪاري ۾ ملوث آهن. عدالت ٻاهران آفاق احمد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي شهر لاءِ آواز اٿارڻ جي سزا ڏني پئي وڃي.

بقايا 20

گورنر ڪامران ٽيسوري سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ صوبي ۾ امن جي قيام، ڪرڪيٽ کي هٿي، پاڪستان سپرليگ سميت امن امان جي اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ملاقات ۾ سنڌ جي گورنر چيو ته امن امان جي قيام ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو ڪردار تعريف جوڳو آهي. نيشنل اسٽيڊيم جي نئين سري سان تعمير سبب ڪرڪيٽ کي هٿي ملندي، محدود وقت ۾ نيشنل اسٽيڊيم جي شاندار تعمير قابل تحسين عمل آهي. هن چيو ته پاڪستان سپر ليگ سان ڪرڪيٽ جو نئون ٽيلينٽ اڀري سامهون ايندو. گورنر چيو ته آفاق احمد جي گرفتاري ۾ جيڪا تيزي نظر آئي اها ٻين شين ۾ به نظر اچڻ گهرجي. انهي موقعي تي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو ته گورنر انيشيٽو تحت جاري منصوبا تعريف جوڳا آهن. آءِ ٽي جي جديد ڪورسز سان نوجوانن جو مستقبل روشن ٿيندو. هن وٽڪاري مهر جي تحت گورنر هائوس ۾ ٻوٽو به لڳايو. سنڌ جي گورنر چيو ته مان اڄ محسن نقوي جي ڪمن جي تعريف ڪئي آهي. هن 4 مهينن ۾ قذافي اسٽيڊيم تيار ڪيو. انهي سان ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائمز جي معاملي تي به ڳالهيون ٿيون آهن گذريل 2 مهينن دوران ڊمپرز سبب ماڻهو مري رهيا آهن. افغانستان مان آندل ڊمپرز به شهر ۾ هلي رهيا آهن ڪنهن به شخص کي قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏينداسين. ڪامران ٽيسوري چيو ته عمران خان جو ڪو ماڻهو اچي گهنٽي وڄائيندو ته انهي جي لاءِ به تياڪڙي جو ڪردار ادا ڪري سگهان ٿو جيڪڏهن عمران خان جي بيرڪ ۾ بجلي ناهي ته انهي لاءِ به ڪوئر ڪو بندوبست ته ڪري سگهي ٿو.

بقايا 21

گولاڙچي پرسان شهر راهوڪي پهچي ويو جتي هن شهيد فاضل راهو جي گهر واري ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي محمد اسماعيل راهو جي امڙ جي وفات تي تعزيت ڪئي. انهي موقعي تي صوبائي وزير انرجي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ سيد ناصر حسين شاهه، صوبائي وزير ايڪسائيز مڪيش ڪمار چاولا پڻ سائس گڏ هئا. وڏي وزير جي راهوڪي پهچڻ جي موقعي تي پيپلز پارٽي ضلعي بدين جو صدر جام علي اصغر هاليپوٽو محمد اسلم راهو پڻ موجود هئا.

بقايا 22

اسيمبلي جي ميمبرن ملاقات ڪئي. نوازشريف اسيمبلي ميمبرن سان ڳالهيون ڪندي چيو ته زوال جو رخ ترقي طرف موڙي ڇڏيو آهي، معاشي اشارن جي بهتري پاڪستان جي بهتري آهي. معيشت ۾ بهتري آئي هڪ دفعو ٻيهر پاڪستان کي ترقي جي رستي تي آڻي ڇڏيو آهي. هن چيو ته پاليسي ريٽ ۾ 22 کان 12 سيڪڙو گهٽتائي سان معاشي سرگرمين وڌي رهيون آهن ۽ معيشت کي فائدو ٿي رهيو آهي. روپيو مستحڪم ٿيو ۽ گروٿ وڌي رهيو آهي، جڏهن ته اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ رڪارڊ بهتري اچڻ سبب مهانگائي گهٽ ٿي رهي آهي. نوازشريف چيو ته بي ايماني سان آيل شخص ملڪ جا بنياد لوڏي ڇڏيا هئا. پر اسان پاڪستان خاطر ڪلندي قربانيون ڏنيون ۽ اڳيان به اهڙيون قربانيون ڏيڻ کان نه ڪيٻائينداسين. هن چيو ته شهباز شريف جي محنت رنگ آڻي رهي آهي، عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) به معاشي بحالي ۽ پاڪستان جو ترقي جي رستي طرف وڌڻ جو اعتراف ڪيو آهي. پنجاب جون رونقون ۽ خوشيون بحال ٿي رهيون آهن. ان جو ٿورو ادا ڪريون ٿا ته پاڪستان اونداهين مان ٻاهر اچي رهيو آهي مسلم ليگ(ن) ٻيهر ثابت ڪيو آهي ته اسان ملڪ جي خدمت ڪندا آهيون ۽ عوام کي به رليف ڏيندا آهيون.

بقايا 23

خان پارٽي اڳواڻن کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته شير افضل مروت کي پارٽي مان ڪڍيو وڃي. عمران خان جي هدايتن تي پارٽي اڳواڻ جلد شير افضل مروت جي بنيادي رڪنيت ختم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪندا ۽ بنيادي رڪنيت ختم ٿيڻ تي شير افضل مروت کان قومي اسيمبلي ميمبر طور استعيفي به طلب ڪئي ويندي، واضح رهي ته شير افضل مروت جي صوابي جلسي ۾ ڪردار تي پارٽي اڳواڻن پي ٽي آءِ باني کي شڪايت ڪئي هئي.

بقايا 24

آءِ ايم ايف پروگرام سميت ٻين اهم معاملن تي ڳالهيون ڪيون. وزيراعظم شهباز شريف گذريل ڏينهن دبئي ۾ ورلڊ گورنمنٽس سمٽ 2025 جي موقعي تي ايم ڊي آءِ ايم ايف ڪرسٽالينا جارجيوا سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان جي لاءِ آءِ ايم ايف پروگرام ۽ حڪومتي اصلاحات مان حاصل ميڪرو اڪنامڪ استحڪام تي ڳالهيون ٿيون. تفصيل موجب آءِ ايم ايف جي ايم ڊي سان ملاقات ۾ وزيراعظم شهباز شريف مالياتي نظم و ضبط برقرار رکڻ تي به پاڪستان جي ادارن کي ظاهر ڪيو ۽ ٽيڪس اصلاحات، انرجي سيڪٽر جي بهتر ڪارڪردگي سميت اهم شعبن ۾ اڳڀرائي برقرار رکڻ جي ادارن جو اظهار ڪيو. وزيراعظم هائوس طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب وزيراعظم آءِ ايم ايف جي ٽيم کي معاشي استحڪام جي لاءِ عمل موثر ڪارڪردگي ۽ منصوبه بندي جي پائيداري لاءِ به حڪومتي ادارن جو يقين ڏياريو انهي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ايم ڊي آءِ ايم ايف سان ملاقات ۾ پاڪستان جي معاشي ترقي ۽ جاري اصلاحات تي ڳالهيون ٿيون. اسان ترقي ۽ معاشي استحڪام جي گڏيل ادارن جو اظهار ڪيو ميڪرو استحڪام سان ترقي ۽ خوشحالي جي سفر تي آءِ ايم ايف جي مدد تي ٿورائتا آهيون. ملاقات ۾ آءِ ايم ايف جي ايم ڊي پروگرام بهتر طريقي سان لاڳو ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ڪوشش ۽ اصلاحاتي ايجنڊا تي عمل ڪرڻ لاءِ وزيراعظم جي ذاتي ارادن جي پڻ تعريف ڪئي.

بقايا 25

مشتمل جماعت اسلامي جي وفد ملاقات ڪئي ۽ مختلف معاملا تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي سٽي ڪائونسل جي پارلياماني ليڊر ڪريم الله وقاصي، ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، يوسي چيئرمين نعمان احمد ۽ ٻيا ارڪان پڻ موجود هئا. ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد چيو ته سڀني علائقن ۾ بلدياتي خدمتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ۽ شهريا کي وڌيڪ سهولت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. شهر جي سڀني علائقن ۾ بلدياتي سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن. ڊپٽي ميئر ڪراچي چيو ته مان پاڻ مختلف علائقن جو دورو ڪري رهيو آهيان ۽ صفائي ستهرائي جو جائزو وٺي رهيو آهيان. ۽ ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته شهريا کي انهن جي روزمره زندگي ۾ هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي. هن مقصد لاءِ سڀني جماعتن کي گڏ ڪري هلڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. شهر جي بهتري لاءِ جيڪي قدم ضروري آهن اهي ضرور کنيا ويندا. سٽي ڪائونسل جي اپوزيشن ليڊر سيف الدين ايڊووڪيٽ آئينده ٿيندڙ اجلاس ۾
 بلديه عظيم ڪراچي ۽ شهر سان متعلق تجويزون پيش ڪيون، جنهن تي ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد انهن کي يقين ڏياريو ته سڀني تجويزن تي غور ڪري انهن تي عملي قدم کنيا ويندا.

بقايا 26

تي جي ايڇ ڪيو تي حملي جو اعتراف ڪيو آهي. 9 مئي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس جي ٻڌڻي دهشتگردي توڙ عدالت جي جج امجد علي شاهه جي روبرو اڊيالا جيل ۾ ٿي، جنهن ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان سميت عمر ايوب، شبلي فراز فواد چوڌري، ڪنول شوزب سميت ڪيترائي جوابدار پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران ٻن شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا، اٽڪ جيل ۾ جوابدارن جي سڃاڻپ ڪندڙ ميجسٽريٽ محمود عالم جو بيان رڪارڊ ڪيو ويو، مجسٽريٽ محمود عالم 350 صفحن تي ٻڌل جوابدارن جي سڃاڻپ پريڊ رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي. ڪيس جي ٻڌڻي دوران راولپنڊي پوليس جي سب انسپيڪٽر احمد يار جو بيان پڻ قلمبند ڪيو ويو، جنهن ۾ هن ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن شهريار آفريدي ۽ علي امين گنڊاپور جي چوڻ تي جي ايڇ ڪيو تي حملي جو اعتراف ڪيو آهي. گرفتار جوابدارن چيو ته ٻنهي پي ٽي آءِ اڳواڻن ڪين اڪسايو. سب انسپيڪٽر احمد يار پنهنجي بيان ۾ چيو ته 9 مئي تي علي امين گنڊاپور ۽ شهريار آفريدي فيض آباد کان احتجاج ڪندڙن جي اڳواڻي ڪندي جي ايڇ ڪيو ڏانهن آيا. جوابدارن پنهنجي موبائل فونز ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن جا اڪسائڻ وارا بيان ٻڌا هئا. ٻڌڻي دوران جوابدارن کان برآمد ٿيل موبائل فونز پيٽرول بم، ڏنڊا، ساڙيل ٽائر ۽ انهن جي خاص پڻ ثبوت طور پيش ڪيا وئي، سب انسپيڪٽر احمد يار پنهنجي شاهدي دوران 38 ريڪوري ميمو پڻ عدالت ۾ پيش ڪيا. بعد ۾ عدالت 9 مئي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس جي ٻڌڻي 15 فروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي، ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس جو فريادي سب انسپيڪٽر رياض شاهد طور پيش ٿيندو. ڪيس ۾ مجموعي طور 17 شاهدن جا بيان رڪارڊ ٿي چڪا آهن.

بقايا 27

دلچسپي جي مختلف معاملن تي خاص طور تي صوبي ۾ ڪرڪيٽ جي فروغ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. اجلاس ۾ حيدرآباد جي نياز اسٽيڊيم کي عالمي معيارن تي اپ گريڊ ڪرڻ تي خاص بحث ڪيو ويو ته جيئن بين الاقوامي ڪرڪيٽ ميچن جي ميزباني ڪري سگهجي. ٻنهي اڳواڻن اسٽيڊيم کي جديد سهولتن سان ليس ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ تي اتفاق ڪيو وڏي وزير چيو ته حيدرآباد جي نياز اسٽيڊيم جي بحالي ۽ ترقي سنڌ ۾ ڪرڪيٽ جي ترقي لاءِ ضروري آهي. هن وڌيڪ زور ڏنو ته راندين جي بنيادي اسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري نوجوانن جي وڌيڪ شموليت فراهم ڪندي ۽ پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيلينٽ پول ۾ سنڌ جي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط ڪندي. وڏي وزير مراد علي شاهه راندين جي ترقي جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته راندين جي بهراڙي وارن علائقن سميت صوبي جي باصلاحيت نوجوان ڪرڪيٽرن کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

بقايا 28

قانوني 6 ڏاڙيل ڪئنال ڪيڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف 25 فيبروري کان 28 فيبروري تائين ساڪرو کان ٺٽو چڻن ڏينهن جو پيادل مارچ ڪيو ويندو ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي صدر ممتاز شيخ اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي پاڻي، زمين، ٻيٽن ۽ وسيلن تي قبضو ٿيڻ نه ڏينداسين جولستان مان 6 ڪينال ڪيڻ سان ٺٽو سجاول، بدين ضلعن مڪمل سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويندا ۽ سمنڊ لاڙ پٽي کي ڳڙڪائي ويندو سنڌو درياءَ تي نوان ڪينال ٺاهڻ جي منصوبي جي سنڌ جو عوام رد ڪري ٿو سنڌو درياهه سان سنڌ آهي ۽ 7 ڪروڙ انسانن جون زندگيون آهن ۽ ملڪ جي بقا آهي. سنڌ خلاف سازش دراصل ملڪ خلاف سازش آهي سنڌو درياهه کي بچائڻ لاءِ سنڌ جي لکين عوام سان گڏ پرامن جدوجهد ذريعي مزاحمت ڪنداسين. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ياسر جاڪرو خطاب ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي ۽ زرداري ٽولي کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪاب دلچسپي محبت ڪونهي هي دلال ۽ سوداگر آهن هنن سنڌ ۽ سنڌي قوم کي وڪڻي چوٿون ڀيرو اقتدار حاصل ڪيو آهي. پيپلزپارٽي ۽ زرداري ٽولو شاهوڪار سنڌ کي تباهه ڪرڻ چاهين ٿا. پيپلزپارٽي اقتدار خاطر سنڌو درياهه، ڪارونجهر ٻيٽ ۽ سنڌ جا وسيلا وڪڻي ڇڏيا آهن قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ حبيب الله پليجي چيو ته پيپلزپارٽي ۽ زرداري مافيا اقتدار کان اڳ ۾ نمائشي طور سنڌ دوستي ۽ سنڌي عوام جي حقن جا خوبصورت نعرا هڻندا آهن پر اقتدار ملڻ کانپوءِ سنڌ وسري ويندي آهي. پيپلزپارٽي سنڌ سان هر دور ۾ دوکو ڪيو آهي جنهن کي سنڌ وڌيڪ تڪليفن ۾ آهي. پيپلز پارٽي جي سنڌ دشمن پاليسين جي ڪري سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. اجلاس ۾ اجلاس ۾ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مقصود جهتيال، وڪيو ميربحر، دانش خاصخيلي، گلزار پرچ، وسيم پرچ، منظور لاشاري، صديق پليجو، جميل لاشاري سميت وڏي تعداد ۾ ڪارڪن شرڪت ڪئي.

بقايا 29

دهشتگردي جي انت واري عدالت لاهور ۾ عليمه خان خلاف 9 مئي جي ڪيسز ۾ عبوري ضمانتن تي ٻڌڻي ٿي، جاچ آفيسر چيو ته عليمه خان ۽ عظمي خان جي خلاف جاچ مڪمل آهي، عليمه خان ۽ عظمي خان جناح هائوس ڪيس ۾ بي قصور آهن. عدالت ٻاهران ڳالهيون ڪندي عليمه خان چيو ته الله سائين اسان کي سرخرو ڪيو. اسان وڏي وقت کان هن نظام جي حوالي سان ڪجهه ڪجهه سکيو اسان کي ٻڌايو ويو ته اسان 9 مئي جي ڪيسز ۾ گهربل نه آهيون. عليمه خان وڌيڪ چيو ته رب پاڪ ڪنهن دشمن کي به اهڙي قسم جي اذيت مان نه گذاري جاچ آفيسر پهرين ڏينهن پيش ٿئي ها ته صورتحال هيستائين نه پهچي ها. هن ڏوراپو ڏيندي چيو ته رڪارڊ موجود نه هجڻ سبب اسان کي 20 مهينن تائين عدالتن جا چڪر لڳائڻا پيا، جاچ آفيسرن جي ڪوتاهي سبب ڪيترن ئي ماڻهن کي غير ضروري سزائون ڀوڳڻيون پيون.

بقايا 30

سنڌ تي ڪينالن جي اڏاوت ۽ ٻين اهم معاملن تي غور ٿيندو. جي يو آءِ صوبائي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر AG انصاري پاران جاري ڪيل بيان موجب جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي مجلس شوريٰ جو اهم اجلاس 13 فيبروري تي جامعه عبدالله بن مسعود سڪرنڊ ۾ صوبائي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي جي صدارت هيٺ ٿيندو جنرل سيڪريٽري سنڌ علامه راشد محمود سومرو سميت ٻيا اڳواڻ شرڪت ڪندا. اجلاس ۾ سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، ڏاڙيل راڄ، اغوا، قرن ۽ سرڪاري نااهلي تي غور ڪيو ويندو. جي يو آءِ سنڌ درياءَ تي ٺهندڙ نون متنازع ڪينالن جي سخت مخالفت ڪري رهي آهي انهن منصوبن جي سنڌ تي پوندڙ اثرن جو جائزو ورتو ويندو. مهانگائي، بيروزگاري، زراعت جي بحران ۽ ٻين عوامي مسئلن بابت ويچاريو ويندو. جي يو آءِ سنڌ جي اجلاس انتهائي اهم هوندو اسان سنڌ جي حقن تي ڪڏهن به سوديبازي نه ڪنداسين. بدامني، پاڻي جي کوٽ ۽ عوامي مسئلن تي خاموش نه رهنداسين. اجلاس کان پوءِ قائد سنڌ علامه راشد محمود سومرو ايندڙ حڪمت عملي جو اعلان ڪندو.

بقايا 31

آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو ۾ ڪرائي وئي، جنهن ۾ مهمان خاص پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو، اڳوڻو صوبائي وزيرايم پي اي سهيل انور سيال، ايم پي اي لاڙڪاڻو جميل احمد سومرو، پ پ باقرائي تعلقي جي صدر طارق انور سيال، وزيراعليٰ سنڌ جي معاون خصوصي خيرمحمد شيخ، سردار صفدر علي مگسي، ڪمشنر لاڙڪاڻو طاهر حسين سانگي، ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر شرجيل نورجنا، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب، ايس ايس پي احمد چوڌري، شاهد خان سيال، لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صدر مرتضيٰ کلهوڙو جنرل سيڪريٽري نويد لاڙڪ، خزانچي عبدالقادر جاگيراڻي، چيئرمين ايمپائر ٽائون وقار احمد ڀٽو چيئرمين سجل ٽائون سرفراز علي ڪوڪر يوسي چيئرمين شفيق احمد چانڊيو پ پ اڳواڻ عمران حسن جتوئي، سپاف اڳواڻ ڪامران اوڍائي شير محمد لغاري، پروفيسرن، ڊاڪٽرن، صحافين، فنڪارن، اديبن، شاعرن، ساجهاءِ وندن، عورتن، نوجوانن ۽ ٻارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات نالي واري راڳي سليم رضا ڪنير شاهه سائين جي وائي ڳائيندي ڪئي بعد ۾ شاندار آتشبازي جو پڻ مظاهرو ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو ته مان فخر سان چئي سگهان ٿو ته ڦن جي حوالي سان سنڌ ۾ جتي به پهرين ڪراچي آرٽس ڪائونسل ٺاهي ايندو آهي ته اتي ڪراچيءَ کان پوءِ لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل جو به نالو ايندو آهي جنهن کي لاڙڪاڻي واسي آباد ڪري دلچسپي قائم رکيو آهي، اڄڪلهه جي ماحول ۾ جتي انتهاپسندي، بدامني ۽ دهشتگردي جي ڳالهه هلي ٿي اتي ثقافت ئي ماڻهن کي ٻي راهه ڏيکاري رونق بخشي ٿي ثقافت ۾ جتي اديب ۽ راڳي آهن اتي رانديون به ثقافت جو حصو آهن جن کي فيسٽيول جي ذريعي هٿي وٺرائي هتان جي رهواسين پاڻ ملهايو آهي. هن چيو ته لاڙڪاڻي جا شاعر اديب ۽ محقق پوري سنڌ ۾ سڃاتا ويندا آهن. لاڙڪاڻي واسي شاهنواز ڏاهاڻي پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ شامل آهي ان کان علاوه ٻين شعبن ۾ به لاڙڪاڻي جا ماڻهو اڳڀرا آهن هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي نوجوان ته نه صرف پاڪستان پر پوري دنيا ۾ پاڻ مڃرايو آهي، نوجوانن کي تعليم ڏئي راندين جا موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن، اڳ سنڌ واسي پرڏيهه مان پي ايڇ ڊي ڪندا هئا جيڪي اڄ سنڌ ۾ ئي پي ايڇ ڊي پيا ڪن. سنڌ واسين کي پنهنجي 5 هزار سال پراڻي موهن جو دڙو جي ثقافت تي ناز آهي جن جي دلين ۾ جمهوريت، ٽه انصاف ۽ سنڌ لاءِ به انتها محبت آهي. هن چيو ته لاڙڪاڻي جي مٽي مان جنم وٺندڙ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عام ماڻهن کي عزت ڏني چيو ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي، شهيد ڀٽو هڪ ووٽ جو حق ڏنو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه
 بينظير ڀٽو جون جمهوريت ۽ هن ملڪ لاءِ لازوال قربانيون آهن جن کي اسين ڪڏهن به وساري نٿا سگهون. هن چيو ته راندين ۾ ڪٽيل هارايل ڪٽيل کي پاڪر پائي مبارڪباد ڏيندو آهي چاڪاڻ انهن جي دلين ۾ مير ناهي هوندو، منهنجي خواهش آهي ته لاڙڪاڻي ۾ پوري فيبروري مهيني ۾ راندين جا مقابلا ۽ فيسٽيول ٿيڻ گهرجن جيڪي هڪٻئي سان محبتون پيدا ڪرڻ کي هڪٻئي کي سڃاڻڻ جا ذريعا آهن. هن چيو ته نوجوان نسل کي راندين سميت ٻين شعبن ۾ نواڻ وارو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي ته جيئن اسين پوري سنڌ ۽ پاڪستان کي روشن خيال بڻايون. ايم پي اي لاڙڪاڻو جميل احمد سومرو چيو ته ڏڪي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال فيسٽيول ڪرائي لاڙڪاڻي واسين کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي، فيسٽيول ۾ اسپورٽس ويڪ مردن، عورتن ۽ ٻارن جي لاءِ فيسٽيول ۾ شهرين ڀرپور شرڪت ڪري لطف اندوز ٿيا آهن. هن چيو ته لاڙڪاڻي جا نوجوان راندين سميت مختلف شعبن ۾ پوري سنڌ ۾ هميشه اڳڀرا رهيا آهن جن پاڻ مڃرايو آهي. هن چيو ته ملڪ جي 68 سيڪڙو 18 کان 30 سالن جي آبادي نوجوانن تي مشتمل آهي جن کي تعليم، راندين ۽ اهڙن پروگرامن ۾ شرڪت ڪري همٿائڻ گهرجي ان لاءِ اسان مٿان فرض آهي ته اهڙا پروگرام ڪرائي نوجوانن کي موقعا فراهم ڪيون. اڳوڻي صوبائي گهرو وزيرايم پي اي سهيل انور سيال چيو ته اسين لاڙڪاڻي واسين خوشنصيب آهيون جو لاڙڪاڻي جي ڌرتي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ ٻين عظيم شخصيتن جنم ڏنو لاڙڪاڻي واسي شعور ۽ تعليم يافته آهن جيڪي نه صرف پاڪستان پر پوري دنيا ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ پوري دنيا ۾ اهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نالي سان سڃاتا ويندا آهن. هن چيو ته ڏڪي ٽائون طرفان منعقد ڪيل لاڙڪاڻو ميگا فيسٽيول کي لاڙڪاڻي واسين ڀرپور موٽ ڏني ان کي ڪامياب ڪيو ان لاءِ مان لاڙڪاڻي واسين جو شڪريو ادا ڪيان ٿو پ پ اڳواڻ طارق انور سيال چيو ته لاڙڪاڻي واسين جي لاءِ پهريون ڀيرو ڏڪي ٽائون طرفان ميگا فيسٽيول منعقد ڪيو ويو جيڪو سلسلو مستقبل ۾ به جاري رهندو لاڙڪاڻي جي باشعور ماڻهن فيسٽيول ۾ شرڪت ڪري پاڻ ملهايو آهي جن جو جس هجي. ڏڪي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي چيو ته لاڙڪاڻي واسين جي چهرن تي مرڪ آڻڻ لاءِ لاڙڪاڻو ميگا فيسٽيول منعقد ڪيو جنهن ۾ اسپورٽس ويڪ ۽ ثقافتي توڙي ٻيون راندين ڪرائي نمائش لڳائي وئي، منهنجي ڪوشش هوندي ته مستقبل ۾ به اهڙي قسم جا پروگرام ڪرائي شهرين کي ڀرپور تفريح فراهم ڪيون. تقريب ۾ اڳوڻي صوبائي گهرو وزيرايم پي اي سهيل انور سيال، ڏڪي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انورسيال ۽ ٻين آيل مهمانن سميت صحافين ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن توڙي فيسٽيول جي انتظاميه ۽ رضاڪارن کي شيلڊون، مڃتا سرٽيفڪيٽ، سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪري سنڌن جو شڪريو ادا ڪيو تقريب جي ڪاروائي سينيئر صحافي منور رند، نالي واري اديب ۽ شاعر رضوان گل ۽ آرٽس ڪائونسل جي آرڪائي شعبي جي چيئرمين قدير ٻوهڪي هلائي. تقريب ۾ سنڌ جي نالي واري راڳي رجب فقير، ممتاز مولائي، مارول گروپ، واجد علي صديقي ۽ ٻين فنڪارن ثقافتي ۽ صوفي راڳ ڳائي ويٺل ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو ان موقعي تي سنڌ جي مزاحيه فنڪارن علي گل ملاح ۽ اصغر ڪوسو مزاحيه ٽوٽڪا ٻڌائي ويٺل ماڻهن کي کلائي کلائي کيرو ڪري ڇڏيو، اهڙي طرح لاڙڪاڻو ميگا فيسٽيول جي تقريب رات دير تائين جاري آهي.

بقايا 32

جي ماڻهن ڪليم حيدر شاهه کي قتل ڪيو آهي. علائقي ۾ ڇوپول خبر موجب سنگرار جو نوجوان سيد ڪليم حيدر شاهه گذريل ڏينهن صبح جو ٻارڙن کي اسڪول ڇڏڻ ويو ته اسڪول پرسان شهداو محلا روهڙي تاڙ ۾ ويٺل ٽي هٿياربندن ڪيس گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا جنهن لاءِ ڇوپول آهن ته نوجوان کي فوجي غلام حيدر جعفري جي پلاند ۾ قتل ڪيو ويو آهي مقتول جو لاش روهڙي پوليس ڪٽائي تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي، ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او روهڙي ٻڌايو ته موقعي جاءِ واردات تان هڪ پستول مليو آهي ڪليم حيدر شاهه اصل سنگرار جو رهواسي آهي گذريل سال زمين جي معاملي تان سنڌن جهيڙو جعفري برادري سان ٿي پيو هو جنهن ۾ جعفري برادري جا به ڄڻا مارجي ويا هئا جنهن جي پلاند ۾ واقعو پيش آيو آهي ان سلسلي ۾ وڌيڪ جاڻ ملي آهي ته سنگرار ويجهو ڳوٺ سيراهي ۾ گذريل سال عيد جي ڏينهن زمين جي مالڪي تان سيدن ۽ جعفري برادري وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ جعفري برادري جي ڌر جا فوجي غلام حيدر جعفري سميت 2 ڄڻا مارجي ويا هئا جن جي ڪيس ۾ حيدر بخش شاهه کي پوليس گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيو هو جنهن کان پوءِ حيدر بخش شاهه جا پٽ پنهنجو ڳوٺ ڇڏي روهڙي شهر ۽ ڪوٽ مير يعقوب علي شاهه ۾ رهيا ۽ ڪليم حيدر شاهه روهڙي جي وچ شهر اندر پلاند ۾ قتل ڪيو ويو.

بقايا 33

آفيس ۾ ڊي سي جامشورو جي صدارت هيٺ ميٽنگ ٿي گذري، جنهن ۾ ميونسپل ڪميٽي سيوهڻ جي چيئرمين سيد شهزاد حيدر شاهه ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا، ڊي ايس پي سيوهڻ احمد بخش راهوجو، اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ وقاص ملوڪ، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جامشورو خدا بخش ملاح، اوقاف مينيجر جميل انصاري، ايڪسين جامشورو علي رضا منگي سميت لاڳاپيل تمام کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي صوفي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جو 773 هون ساليانو عرس مبارڪ جي حوالي سان ميٽنگ ڪوٺائي وئي آهي عرس مبارڪ ۾ ڪجهه ڏينهن رهجي ويا آهن سڀني لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي عرس مبارڪ جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن سڀني کاتن جي عملدارن کي هدايتون جاري ڪيون آهن جنهن ۾ صفائي ستهرائي پيئڻ جو صاف پاڻي جو خيال رکيو وڃي درگاهه قلندر لعل شهباز مزار تي سي سي ٽي وي ڪئميرائون ۽ واڪ ٿرو گيٽ لڳائي ڇڏيا آهن پارڪنگ ايريا ناهي آهي جتي واشرومن جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آهي لعل باغ تي وزٽ ڪئي آهي اوقاف کاتي کي هدايتون جاري ڪيون آهن زائرين جي سهولت لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهيون ميونسپل سيوهڻ شهر ۾ حدخلين خلاف آپريشن ڪري حدخليون هٽائي ڇڏيون آهن جيڪڏهن ٻيهر ڪير حدخليون ڪندو ته ان خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي، ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي هن وڌيڪ چيو ته ميونسپل ڪميٽي سيوهڻ طرفان شهر جي مختلف هنڌن تي 35 ڪئمپون قائم ڪري زائرين ۾ منرل واٽر پاڻي جون بوتلون تسقيم ڪيون وينديون جڏهن ته 30 کان 35 جاين تي بسترڪٽ طرفان زائرين ۾ پيئڻ جي پاڻي جون بوتلون پڻ تسقيم ڪيون وينديون، شهر ڀوٽا تي سو سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون ويون آهن جنهن جي مدد سان شهر جي نگراني ڪئي پئي وڃي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ٽٽل روڊن جي مرمت لاءِ اين ايڇ اي عملدارن سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي رهيل ڪم جلد مڪمل ڪيو ويندو ته جيئن عرس مبارڪ ۾ ايندڙ زائرين سان ڪو به مسئلو پيدا نه ٿئي ٻئي طرف ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا چيو ته عرس مبارڪ ۾ سيڪيورٽي جا انتظام قل پروف ڪيا ويا آهن ڪاليج روڊ کان درگاهه گولڊن گيٽ ۽ ڌمال چونڪ کان جهاز چونڪ تائين بيرير لڳايا ويا آهن بنا پاس جي ڪنهن قسم جي گاڏي شهر ۾ اندر داخل نه ٿيندي تمام سيڪيورٽي فورسز جا ادارا عرس مبارڪ ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏيندا هن وڌيڪ چيو ته ڪمبونگ آپريشن ڪيو هو جنهن ۾ 40 جوابدار گرفتار ڪيا هئا جن کي ڪيف آءِ آر داخل ڪيون آهن ڏوهاري ماڻهن کي سخت سزا ملندي ته جيئن ڪرائيم تي ڪنٽرول ٿي سگهي هن دفعي عرس مبارڪ ۾ ايندڙ لکين زائرين کي بهترين سيڪيورٽي مهيا ڪئي ويندي، آخر ۾ ڊي سي جامشورو غضنفرعلي قادري عرس مبارڪ ۾ ايندڙ زائرين جي دل جي گهراين سان ڀليڪار ڪندي چيو ته تمام ادارا توهان جي خدمتن لاءِ موجود آهن.

بقايا 34

جي ٽن گهر کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي باهه لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل ڪئون هتان اناج نياڻي جو ڏاج ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو اهڙو اطلاع فائر برگيڊ عملي کي ڏنو ويو پر فائر برگيڊ عملو پنهنجي روايت کي برقرار رکندي دير سان پهتي پر ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻين گهرن کي سڙڻ کان بچائي ورتو آهي جڏهن ته متاثر منٺار احمد گهنيو ۽ ٻين چيو ته بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي آهي جنهن م ٽن گهرن جو سڄو سامان روڪ رقم به سڙي ويو آهي ٻن نياڻين جو ڏاج رکيل هو اهو به سڙي ويو آهي کائڻ پيئڻ جو سامان به هو جيڪو به سڙي ويو آهي اسان اعلي اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته اسان مالي مدد ڪئي وڃي.

بقايا 35

صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو سان گڏجي غزه مٿان قبضي ۽ فلسطينين جي نيڪالي وارو اعلان ڪل جوڳو انساني حقن جي سنگين خلاف ورزي ۽ مسلم دشمني جو چٽو ثبوت آهي جنهن جي جيتري به مذمت ڪئي وڃي اها گهٽ آهي. غزه ۽ يهودي فوج پاران نازي جرمني کان به وڌيڪ جنگي ڏوهه ۽ فلسطيني عوام جي نسل ڪشي ڪئي وئي، غزه جي 27 لک فلسطيني عوام کي طاقت جي زور تي پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ تان ڌڪي ٻاهر ڪيڻ جي سازش ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندي. ان شاالله يهودي فاشسٽ رياست پنهنجي ناجائز ۽ شيطاني چالن ۾ ناڪام ۽ نامراد ٿيندي، صوبائي امير اهڙي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته مسلم دنيا جي نام نهاد بي حس ۽ بزدل حڪمرانن پاران غزه مٿان سوا سال تائين بدترين جنگ مسلط ٿيڻ وقت جيڪڏهن
 فلسطيني عوام ۽ حماس جو ساٿ ڏين ها ته اڄ ٽرمپ پاران غزه جي عوام کي فرعون وانگر ڌمڪيون ڏيڻ جي جرئت به نه ٿئي ها. هڪ سال تائين حماس جي مجاهدين دنيا جي جديد جنگي هٿيارن سان ليس اسرائيلي ۽ آمريڪي ايجنسين توڙي فوج کي ڏوتا چٻائي ڇڏيا ۽ سنڌن منصوبن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو انڪري اسرائيل ۽ آمريڪا بهادر پنهنجي شڪست کي لڪائڻ لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر غزه کي جهنم ۾ تبديل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. پر افسوس جو نام نهاد مسلم حڪمران اڄ به خاموش تماشائي بڻيل آهي. غزه مٿان ٻيهر جنگ مسلط ڪرڻ توڙي فلسطيني عوام کي پنهنجي ڌرتي تان بيدخل ڪرڻ وارين ڌمڪين عالمي طاقت آمريڪا ۽ اسرائيل جي منهن تان انسانيت جو نقاب لاهي ڦٽو ڪيو آهي. نيتن ياهو ۽ ڊونلڊ ٽرمپ جا انسان دشمن بيان عالمي قانون جي سراسر خلاف ورزي ۽ وچ اوڀر کي هڪ ڀيرو ٻيهر خوني جنگ ۾ ڌڪڻ جي برابر آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عالمي قوتون، مسلم دنيا ۽ اقوام متحده في الفور اسرائيل مٿان جنگ بندي معاهدي تي مڪمل عملدرآمد ڪرائين ته جيئن وڌيڪ خونريزي ۽ تباهي کان بچي سگهجي.

بقايا 36

/عرفان ملڪ) سرحد پرسان پوليس ۽ رينجرز پاران ڏوهارين خلاف وڏي پيماني تي آپريشن شروع ڪيو ويو آهي آپريشن دوران ڏاڙيلن آزاد سندراڻي، جندو سندراڻي، جهورو ماڇي، جيئند سندراڻي، سبحان سندراڻي، لالو سندراڻي، گورو سندراڻي، بخت سندراڻي، ۽ ٻين ڏوهارين جي ٽاڪن تي چڙهائي ڪئي وئي، پوليس موجب ته آپريشن دوران ڏوهارين جي ڪيترن ئي ٽاڪن کي باهيون ڏنيون ويون آهن. جڏهن ته پنج وڌيڪ مشڪوڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته آپريشن دوران ڊاڪٽر علي حسن مهر جو ڦريل ٽريڪٽر به هٿ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هڪ ڏوهاري جو جعلي پوليس رضاڪار جو ڪارڊ پڻ هٿ ڪيو ويو آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته پوليس کي آپريشن دوران جوابدار جيئند سندراڻي جو پي ڪيو آر (پوليس خاص رضاڪار) جو جعلي ڪارڊ به مليو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڏوهاري جعلي سڃاڻپ استعمال ڪري رهيا هئا. پوليس ۽ رينجرز جي ڪارروائي دوران ڪيترن ئي ڏوهارين جي گهرن کي باهيون پڻ ڏنيون ويون ۽ ڪجهه گهرن کي ڍاهي پٽ ڪيو ويو. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته شر ۽ سندراڻي گينگ جا ڏوهاري هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهن ۽ گڏجي ماڻهن کي اغوا ڪرڻ ۾ ملوث آهن. پوليس انڪشاف ڪيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺائي فدا حسين چاچڙ کي به سندراڻي گينگ جي ڏوهارين اغوا ڪيو هو جنهن کي پوليس ڏوهارين مٿان پريشر وجهي بازياب ڪرايو هو ڏاڙيلن خلاف آپريشن ۾ ايس ايس پي سميع الله سومرو، رينجرز جو ونگ ڪمانڊر، 3 ڊي ايس پيز، 7 ايس ايڇ اوز سميت پوليس ۽ رينجرز جي وڏي نفري حصو وٺي رهي آهي. پوليس موجب، ڏوهارين خلاف ڪارروائي آخري مرحلي تائين جاري رهندي، سندراڻي ۽ شر گينگ جي خاتمي تائين آپريشن کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو.

بقايا 37

سڙي رک ٿي وئي ڪار کي باهه لڳڻ سبب شهري غفار ملڪ پاران پاڪ ڪتاب کڻي شهر جا دڪان بند ڪرڻ لاءِ شهرين کي چيو دڪاندارن پاڻمرادو دڪان بند ڪري مين باءِ پاس تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا احتجاج ڪندڙن سان شهري ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻن ۽ ايس ايڇ او درياخان مري واقعي واري هنڌ پهچي احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪري روڊ ڪولرايو صحافين سان ڳالهائيندي غفار ملڪ ٻڌايو ته نامعلوم ماڻهن رات دير سان منهنجي مهراڻ ڪار کي باهه ڏئي مڪمل ساڙي ويا آهن دريا خان مري ٿاڻي تي نامعلوم ماڻهن تي اين سي داخل ڪرائي آهي غفار ملڪ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي مونسان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 38

ڊي اين اي جا سيمپل هڪ ئي مرد جا هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. رپورٽ موجب نمونن ۾ هڪ مرد جو ڊي اين اي مليو آهي. جيڪو 2019 ۾ نمرتا ڪماري جي حاصل ڪيل نمونن جي ڊي اين اي ۾ به موجود هو نمرتا ڪماري جو لاش لاڙڪاڻي جي ڊينٽل ڪاليج جي گرلز هاسٽل جي روم مان مليو هو جنهن تي ڳلي تي نشان هئا. جامشوري جي فرانزڪ ۽ ماليڪيولر ليبارٽري ڊاڪٽر نوشين جي ڊي اين اي سيمپل جي جاري ڪيل رپورٽ ۾ چرڪائيندڙ انڪشاف ڪيا آهن. رپورٽ موجب ڊي اين اي لاءِ ڊاڪٽر نوشين جي جسم، ڪپڙن ۽ ڳلي ۾ ڦاهي واري رسي جا نمونا ورتا ويا، جسم ۽ ڪپڙن مان ملندڙ نمونن جو هڪ ڊي اين اي ڊاڪٽر نمرتا ڪماري جي جسم ۽ ڪپڙن سان ملندڙ ڊي اين اي سان مشابهت رکي ٿو. مشابهت رکندڙ ڊي اين اي هڪ مرد جو آهي، جنهن کي وڌيڪ جاچ لاءِ محفوظ ڪيو ويو آهي. رپورٽ ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻي کي سفارش ڪئي وئي آهي ته اهڙو مرد جيڪو گرلز هاسٽل سان سلهاڙيل هجي يا وري ان جو هاسٽل ۾ اچڻ وڃڻ هجي، اهڙن ماڻهن جي رت جا نمونا وٺي جاچ لاءِ موڪليا وڃن.

بقايا 39

انويسٽرز ميرا سان نوان پروجيڪٽ شروع ڪرڻ جا خواهشمند آهن. سنڌس ڪمپني ڊراما ۽ فلمون تيار ڪري رهي آهي، جڏهن ته اداڪار شان سان ڪا به فلم ناهڻ جو ارادو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ميرا سرخين ۾ رهڻ جو فن ڄاڻي ٿي، هوءَ پنهنجي خاندان جو خيال رکي ٿي، پنهنجي ڪمائي گهريلتين تي خرچ ڪئي، ڀائرن ۽ ڀينرن کي پڙهايو جڏهن ته سنڌس شادي به برقرار آهي ۽ ساهرن سان لاڳاپا پڻ سٺا آهن.

بقايا 40

اسڪارپ جاويد آفتاب ڏانوري خلاف احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي اسڪارپ ايمپلائيز يونين جو صدر ساگر يوسف منگي، جنرل سيڪريٽري وقار احمد لاڙڪ، چيئرمين عبدالخالق ڪوڪر، قمبر دين شاهه، منير عالماڻي، طارق ملڪ، اعجاز قاضي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته نوشهرو فيروز ۾ ڪرپشن جي بي تاج بادشاهه ۽ نيب زده انجنيئر جاويد آفتاب ڏانوري کي هر دفعي بجيٽ هڙپ ڪرائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي جو سنڌس اچڻ شرط اسڪارپ ڪالوني جي لاءِ آيل ڪروڙين روپيا کيرائڻ لاءِ ڪوڙا ووچر ٺهرائي رهيو آهي بدقسمتي اها آهي جو جڏهن به اسڪارپ جي بجيٽ ايندي آهي ته موصوف بدلي ڪرائي پهچي وڃي ٿو هن جي 3 مهينا بدلي ڪري وري سالن لاءِ آيل بجيٽ جو صفايو ٿئي ٿو جڏهن ڪالوني جا ڪوارٽر زبون ٿي ويا آهن انهن لاءِ آيل پئسا به ڳڙڪائي ٿو وڃي ته پيئڻ جي صاف پاڻيءَ لاءِ به ڪو پلانٽ ناهي رڳو ڪوڙن ووچرن ۾ بل ناهي بجيٽ جي صفائي ڪري رهي آهي، هنن گهر ڪئي ته ڪريٽ انجنيئر جي فوري طور تي هٽائي اسڪارپ کاتي کي تباهي کان بچايو وڃي.

بقايا 41

پوليس عملدار 70 سالا غلام قاسم بگٽي پريس ڪلب خيرپور پهچي صحافين اڳيان داهيندي چيو ته منهنجو نوجوان پٽ بيروزگار آهي رٽائرمينٽ ۾ گهر جو چلهه ٿو هلي سگهي ڏهه ٻار آهن جنهن جي ڪري هن مهانگائي جي دور ۾ وڏين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي هن چيو ته گهر نوجوان نياڻيون آهن جن جي شادي ڪرائڻ لاءِ ڏاج جي وٺڻ جي سگهه نه آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته پٽ کي سن ڪوٽا تحت نوڪري ڏيئي فاڪا ڪشي کان بچايو وڃي ۽ نياڻين جي ڏاج ۾ مالي سهائتا ڪئي وڃي.

بقايا 42

سومرو جي نئين سي ڊي 70 2022 ماڊل گاڏي آساني سان چور چوري ڪري فرار چور آساني سان بغير ٻوهه ۽ بي جي سرعام تالو توڙي گاڏي ڪاهي فرار ٿي ويو پوليس اڃان تائين ڪوبه ايڪشن نه ورتو آهي.

بقايا 43

ڪي خاص سرٽيفڪيٽ ۽ قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ لاءِ ٻه ڏينهن جي ڪئمپ لڳائي وئي آهي، جنهن ۾ نادرا جي ڊي پي جي ريجنل ڊائريڪٽر زاهده غوث ڪاڪيوتو، سعيد احمد جتوئي، اڪبر ڪوڪر وقار احمد ابڙو، جاويد مگسي ۽ ٻين نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر زاهده غوث ڪاڪيوتو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نادرا ۽ ڊي اي پي ڊي پاران معذور عورتن سميت مردن کي سرٽيفڪيٽ ۽ خاص قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ لاءِ ٻه روزه ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ اسان روزانو 3 سئو معذور ماڻهن کي سرٽيفڪيٽ ۽ خاص قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏينداسون.

بقايا 44

نيوسعيدآباد ويجهو ڪچي جي نورڪيٽي ٿاڻي جي حد ۾ ڊي ايس پي نيوسعيدآباد منظورحسين لکي جي اڳواڻيءَ ۾ ايس ايڇ او شمس الدين ڪيريو جي اسٽاف سميت نورآباد چوڪ وٽ ڪامياب ڪارروائي منشيات فروش مسڪين پٽ يارمحمد عرف يارو ماڇيءَ کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 10 ليٽر ڪچو شراب ٻرو هٿ ڪري جوابدار خلاف سرڪار جي فرياد تي منشيات ايڪٽ تحت ڪچي جي نورڪيٽي ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل ڪري ورتي آهي.

بقايا 45

تفصيل موجب تعلقي نيوسعيدآباد جي ٽن پوليس اسٽيشن جن ۾ نيوسعيدآباد، نور ڪيٽي ۽ ٻلوفاريسٽ تي پنجن سالن جي رڪيل منشيات
 ڪي سول جج نيوسعيدآباد 1 محمد اسد رئيس، سول جج 2 حاتم سخي راڄپر ۽ ايس ايڇ او نيوسعيدآباد شاهه الزمان چانڊيو، ايس ايڇ او نورڪيٽي شمس الدين ڪيريو ۽ هيڊ محرر شوڪت ڪاڪا، هيڊ محرر پاڪومل جي اڳواڻي ۾ پيل پنجن سالن جي پراپرٽي جنهن ۾ چرس، آفيم، آئيس، شراب سفينا، زيڊايڪس، آداب ۽ ٻي منشيات کي ڊسپوز آف ڪري منشيات جي ڪيسن جون اهي پراپرٽيون پي ايس نيوسعيدآباد پي ايس نورڪيٽي ۽ پي ايس ٻلوفاريسٽ ٿاڻن تي ساڙي ناس ڪيون ويون.

بقايا 46

بجاراڻي جو رينجرز سان گڏجي ڪشمور تعلقي جي مختلف علائقن ۾ غيرقانوني ڪنيڪشنز خلاف آپريشن آپريشن دوران بل ادا نه ڪرڻ تي 25 کان مٿي ٽرانسفارمر لاٿا ويا ۽ ڇاليه کان مٿي ڪنيڪشن ڪٽيا ويا ايس ڊي او غلام ياسين ڪوسو جو چوڻ هو ته بجلي چورن ۽ بجلي جا بل ادا نه ڪندڙ ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا 47

جي ڪلهوڙو برادريءَ جي معزز شخصيت ڊاڪٽر مظهر علي ڪلهوڙو حاجي علي حسن ڪلهوڙو جو ڀاءُ سيشن جج نويد ڪلهوڙو ڊاڪٽر نجيب الرحمان ڪلهوڙو عباسيه اتحاد جي مرڪزي اڳواڻ صدر سعدالله ڪلهوڙو عاقب خان ڪلهوڙو ڊاڪٽر سرفراز ڪلهوڙو ڊاڪٽر نادر ڪلهوڙو جو چاچو صدام حسين ڪلهوڙو فدا حسين ڪلهوڙو جو والد مورو جي ڪاروباري ۽ ڪلهوڙو برادريءَ جي معزز شخصيت سخي مرد حاجي ارشد علي ڪلهوڙو دل جي تڪليف سبب علاج دوران ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ لاڏائو ڪري ويو جنهن جو مڙهه ايمبولينس ذريعي مورو آندو ويو اهڙي خبر پوڻ تي پوري برادريءَ سميت مختلف برادرين جي معزز ۽ مورو شهر ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي جڏهن ته جنازي جي نماز مورو جي اڪبري عيد گاهه ۾ ادا ڪئي وئي. جنازي نماز بعد مرحوم کي اباڻي قبرستان درس فقير جي قبرستان ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. جڏهن ته تلو مورو باءِ پاس عاقب خان ڪلهوڙو جي پيٽرول پمپ ويجهو ڪلهوڙا هائوس تي ڇانيو ويو آهي جتي تعزيتن جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 48

پنهنجي چت تي ڪڏهن ڪبوتر ته ڪڏهن لغڙ اڏائڻ ويندا هئاسين، ان تي مون کي تنگ ڪرڻ جي سزا ملي اهي ڳالهيون چيف جسٽس سنڌهاءِ ڪورٽ جسٽس محمد شفيع صديقي سپريم ڪورٽ ۾ جوڊيشنل ڪميشن جي سفارش تي نامزدگي کان پوءِ چيف جسٽس سنڌهاءِ ڪورٽ ۽ جسٽس صلاح الدين پنهور جي مان ۾ فل ڪورٽ ريفرنس ۾ خطاب ڪندي ڪيون. چيف جسٽس چيو ته اها سزا منهنجي خوش نصيبي هئي جو مون انهيءَ مدرسي مان حفظ ڪيو. انگلش بوٽ هائوس اسان جو خانداني ڪاروبار آهي. ڪاليج کان پوءِ مان پنهنجي وڏي ڀاءُ ۽ ڪزن جي مدد ڪندو هئس. هن چيو ته مون کي ٻڌايو ويو ته وڪالت لوهي چاڻ آهي، جيڪڏهن چٻائي سگهو ٿا ته سنڌس چوڻ هو ته منهنجن استادن هر موڙ تي منهنجي رهنمائي ڪئي، آئون سڀنئين انهن جو ٿورائتو رهندس. چيف جسٽس چيو ته مان الله جو شڪر گذار آهيان جو هن ادارن مون کي سڀ ڪجهه ڏني چيف جسٽس شفيع صديقي چيو ته منهنجيون به نياڻيون آهن جيڪي انشاءالله سائنس پيشي سان وابستگي ڪنديون. ايندڙ وڪيلن ۾ ڪا به گهٽتائي ناهي، آئون رڳو اهو چوندس ته ڪتابن سان دوستي ڪريو. افسوس، مونکي لڳي ٿو ته اسان جي هاڻي ڪتابن سان دوستي گهٽ ٿي وئي آهي. منهنجي 13 سالن جي جج جي ڪيريئر ۾ جيڪڏهن ڪا به غلطي ٿي هجي ته مون کي معاف ڪيو وڃي. مون به سڀني کي معاف ڪيو آهي. ان موقعي تي سنئير ترين جج جسٽس صلاح الدين پنهور چيو ته پنهنجي ڪيريئر دوران مون هميشه ڪوشش ڪئي ته عام ماڻهوءَ کي منهنجي فيصلن مان فائدو ملي. مون هميشه قانون جي بالادستي کي يقيني بڻايو. هميشه نرم ۽ مثبت سوچ مان ڪم ڪيو آهي. جسٽس صلاح الدين پنهور چيو ته جڏهن به مون کي ڪا پريشاني پيش آئي منهنجا وڪيل ۽ جج صاحبان مون سان گڏ رهيا. جسٽس صلاح الدين پنهور پنهنجي عدالتي ڪمري جي عملي، گن مين ۽ ڊرائيور جو پڻ ٿورو ادا ڪيو. هن چيو آئون سمجهان ٿو ته سائل جي آواز کان جج جو آواز وڌيڪ وڏو نه هجڻ گهرجي. فل ڪورٽ ريفرنس ۾ چيف جسٽس محمد شفيع صديقي ۽ جسٽس صلاح الدين پنهور پاران بطور جسٽس ڪارڪردگي ۽ ڪيل فيصلن تي روشني وڌي. وڪيل اڳواڻن چيف جسٽس شفيع صديقي ۽ جسٽس صلاح الدين پنهور جي ڪيل فيصلن کي ساراهيو. فل ڪورٽ ريفرنس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ظفر راجپوت، جسٽس جنيد غفار، جسٽس اقبال ڪلهوڙو، جسٽس ڪي ڪي آغا، جسٽس عدنان الڪريم ميمڻ، جسٽس ارشد خان، جسٽس عدنان چوڌري ۽ ٻين ججن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ڪامران، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ منتظر مهدي، سنڌ هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار سهيل لغاري، ايڊيشنل اٽارني جنرل ضياءالحق مخدوم، سنڌبارڪائونسل جي وائيس چيئرمين ڪاشف حنيف، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي صدر سرفراز ميتلو هاءِڪورٽ جي سيڪريٽري ۽ ٻين سينئر وڪيلن ۽ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 49

جي زمين تان قبضا ختم ڪرائڻ جي حوالي سان عملدار توڙي سيڪيورٽي اسٽاف سجاڳ آهي. مختلف وقتن تي ٻيلن مان غيرقانوني وڻن جي ڪيل واڍي جو ڪاٽ پڪي تي آئي وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويو آهي. ڊي ايف او هوش محمد شر رينج فاريسٽ آفيسر دلشير ڪوسو ۽ ٻين سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته فاريسٽ ڪنزرويٽر گل محمد جوڻيجو جي هدايت تي رينج فاريسٽ آفيسرن جي نگراني هيٺ ٻيلي کاتي جي ملازمن گهوٽڪي رينج جي جهانپور ٻيلي، سکر، روهڙي ۽ پنوعاقل رينج جي مختلف علائقن ۾ آبڪلاڻي دوران وڻن جو ٻج ڇٽيو آهي، دريائي ڪچي جي علائقن ڪيٽي شاهه بلاڪ، ڊرنگ بلاڪ، پنهواري بلاڪ، ڪيٽي شاهو ۽ ڪيٽي آباد ايل بي جي هزارين ايڪڙ ايراضي تي ٻبر، ڪنڊي، ٻير ۽ ٻين وڻن جي آبادڪاري لاءِ پوکيل ٻج جي ڦوٽهڙي جو مشاهدو ڪري جائزو پڻ ورتو ويندو آهي، سنڌو درياءَ ۾ آگسٽ مهيني دوران پاڻي وهڪرن ۾ لاٿ اچڻ بعد ٻيلن ۾ وڻن جي واڌ ويجهه لاءِ ٻج ڇٽيو ويندو آهي، وڻن جي ٻج ڇٽڻ جو سلسلو آگسٽ کان سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مهيني تائين جاري رهندو آهي، جڏهن ته ٻج ڇٽڻ جي ٻن هفتن کانپوءِ ڦوٽهڙو شروع ٿي ويندو آهي، هر سال سکر ۽ گهوٽڪي ضلعن جي مختلف رينجز جي ڪچي ۾ هزارين ايڪڙ ايراضي تي وڻن جو ٻج ڇٽي ٻيلن جي واڌ ويجهه لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا آهن، چو ته وڻ فطري ماحول کي خوبصورت بڻائڻ سميت انسانن توڙي ٻين جاندارن جي زندگي جو لازمي جزو آهن. ٻيلن جي موجود وڻ گرمي پد کي گهٽ ڪرڻ سميت برسات جي پوڻ ۾ مکيه اهميت جا حامل هوندا آهن، وڻن جا ڪيئي فائدا آهن، تنهن ڪري سنڌ فاريسٽ کاتي طرفان هر سال سکر ريجن سميت سموري سنڌ جي دريائي ڪچي واري علائقن جي ٻيٽن جي لکين ايڪڙ ايراضي تي ٻج ڇٽي مربوط نظام تحت ٻيلن اندر وڻڪاري ڪئي ويندي آهي، موسمياتي تبديلين کي نظر ۾ رکندي سنڌ فاريسٽ کاتي طرفان دريائي ڪچي جي علائقن کان علاوه ارين فاريسٽ ۽ سوشل فاريسٽ تحت شهري علائقن ۾ به وڻڪاري ڪئي ويندي آهي.

بقايا 50

علم پرائڻ هر مرد توڙي عورت تي فرض آهي، هن جديد دور ۾ مردن سان گڏوگڏ عورتن جو به چٽابيٽيءَ جي امتحان ۾ سٺو ڪردار رهيو آهي ائين ئي خيرپور ناٿن شاهه جي مڊل ڪلاس فيملي سان تعلق رکندڙ دادو ضلعي جي بروهي قبيلي جي پهرين نياڻي فضا منير بروهي جنهن پنهنجي محنت سان ميرٽ تي (ايم ڊي ڪيٽ) ٽيسٽ ۾ 183 مارڪون کڻي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ ايم بي بي ايس ۾ داخلا وٺي پنهنجي خاندان ۽ قبيلي جو نالو روشن ڪيو آهي. هن وقت خيرپور ناٿن شاهه ۽ دادو ضلعي ۾ بروهي قبيلي جي پهرين نياڻي آهي جنهن ايم بي بي ايس ۾ ميرٽ تي داخلا ورتي آهي. سنڌس خاندان کي ان خوشي جي موقعي تي ڪي اين شاهه ۽ ان جي پسگردائي ۾ رهندڙ باشعور ماڻهن ڪيس واڌايون پڻ ڏنيون آهن. ايڪريهين صديءَ ۾ فضا منير بروهي عورتن جي تعليم کي ضروري ۽ اهم سمجهندي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته تعليم هر عورت جو بنا ڪنهن فرق جي ڪنهن به قوم، قبيلي سان تعلق رکندي هجي بنيادي حق ۽ فرض العين آهي.

بقايا 51

جي هفتي کان بجلي بند ڪرڻ خلاف آبپاشي کاتي جي ملازمن آغا طاهر مغل سجاد شيخ، منير برڙو، لعل بخش، سردار پيرزادو، شعبان ڏاهري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ چيف انجنيئر سکر بئراج آفيس ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو نعريبازي ڪندڙ مظاهرين جو چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن کان ڪالوني جي بجلي بند هئڻ ڪري آبپاشي کاتي سميت ٻين سرڪاري آفيسن ۾ روزاني جو هنوار ٺپ ٿي ويو آهي لاڳاپيل آفيس ملازمن کي ضروري ڪم ڪار اڪلائڻ جون هدايتون ڏين ٿا پر بجلي بندش سبب ڪمپيوٽر نه هلڻ ڪري لکپڙهه جو عمل رڪجي ويو آهي، آفيسن جو روزاني وهنوار نه هلڻ ڪري آفيسن ۽ ملازمن ۾ وڇوٽيون پيدا ٿي رهيون آهن. ان کان علاوه بجلي نه هئڻ سبب ڪالوني جي رهواسين جي گهريلو زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي. پيئڻ جي پاڻي سميت گهريلو استعمال لاءِ پاڻي جو بحران پيدا ٿيو آهي، پاڻي نه هئڻ ڪري گهرن اندر صفائي ستهرائي ڪرڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي. عورتون، ٻار ۽ وڏي ڄمار وارا پيرسن اذيت ڀوڳڻ تي مجبور آهن، هنن صوبائي وزير توانائي، صوبائي سيڪريٽري آبپاشي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان بئراج ڪالوني سکر جي بجلي بند ڪرڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي بجلي بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

نوشهرو فيروز ۾ ميونسپل ملازمن جو پنجين ڏينهن به مطالبن جي مڃتا لاءِ مظاهرو

پگهارن مان ڪٽوتي، صفائي جي سامان جي کوٽ، ويزا سسٽم، رٽائرڊ ملازمن بابت 5 ڏينهن به احتجاج ڪيو ويو

ملازمن جي پگهارن مان ڪٽوتي ڪري هر مهيني سادا ٽي ڪروڙ روپيا مبينا هڙپ ڪيا پيا وڃن: مولا بخش

مطالبا تسليم ڪري، ڪٽوتي ڪيل پگهارون جاري ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاجي دائرو وسيع ڪيو ويندو: چناءُ

نوشهروفيروز: ميونسپل ملازم هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز (ڊ ر) پنجين ڏينهن به مزدور يونين ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي ملازمن جو پگهارن مان ڪٽوتي، صفائي جي سامان جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

ڪمشنر شهيد بينظير آباد جي صدارت ۾ اجلاس، نيشنل ۽ مهراڻ هاءِ وي تي ٿيندڙ روڊن حادثن کي روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت

نواب شاهه (ڊ ر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن نديم احمد ابڙو جي صدارت هيٺ نيشنل ۽ مهراڻ هائي وي تي حادثن جي روڪ ٿام جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

ڪمشنر سکر جي صدارت هيٺ بجلي چوري جي روڪٿام ۽ ايل پي جي، جي غير قانوني وڪري بابت گڏجاڻي

سيپڪو ۽ پوليس ۾ رابطو تيز ڪرڻ ۽ ايل پي جي جو غير قانوني وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

سرڪاري اسپتالن ۽ ٻين سرڪاري آفيسن جي ٽرانسفارمرن مان غير قانوني ڪنيڪشنز ڏيڻ جي انفارميشن ملي آهي: فياض حسين عباسي

غيرقانوني ايل پي جو وڪرو ڪندڙن خلاف روزاني جي بنياد تي ڪارروائيون ڪيون وڃن: ڪامورن کي هدايت

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) ڪمشنر سکر فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ بجلي چوري جي روڪٿام ۽ ايل پي جي غير قانوني وڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

شهدادپور جي سيد پاڙي مان شهري کان مبينا 6 لک رپيا ڦر

4 هٿياربندن ڊاڪٽر محمد امجد آرائين کي روڪي ڪيس کان پئسا ڦريا

سي سي ٽي فوٽيج حاصل ڪندي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي: پوليس

شهدادپور (رپورٽ: رئوف جان باگراڻي) شهدادپور جي مصروف ترين علائقي سيد پاڙي مان ڏينهن ڏٺي جو ٻن موٽر سائيڪل سوار چئن /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

سکر ۾ گرلز شاگردياڻين جو ٽيبل ٽينس ٽورنامينٽ منعقد

فائنل ۾ گورنمينٽ آف فزيڪل ڪاليج ايجوڪيشن سکر جي شاگردياڻين جي سوڀ

گرلس ڊگري ڪاليج روهڙي ٻيو نمبر ۽ گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن جي ٽئين پوزيشن

سکر (بيوروپورٽ) سکر جي گورنمينٽ ڪاليج آف فزيڪل ايجوڪيشن ۾ ضلعي سکر جي گرلز شاگردياڻين جو ٽيبل ٽينس ٽورنامينٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

لاڙڪاڻي جي عدالت ڦرواري ڪيس ۾ جوابدار کي 3 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي عدالت ڦرواري ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

EXPLORING THE TRUTH
WELCO
PRESS CLUB
شهدادپور: شهري چوري جي واپسي لاءِ ساٿي سان گڏ احتجاج ڪري رهيو آهي

غوثپور ۾ بدامني خلاف شهرين پاران ٽائرن کي باهه ڏئي ٽئين ڏينهن به ڌرڻو

صحافي برادري ۽ سول سوسائٽي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون رستن تي اچي وئي

ڏکي ڌرڻي سبب سنڌ کان پنجاب ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، عوام پريشان رهيو

اسان پنهنجي علائقي جي مظلوم عوام جي قلم ذريعي جنگ وڙهندا رهنداسين: صحافي

غوثپور (حاجي شاهنواز شيخ) پريس ڪلب غوثپور جي صحافي ۽ جي يو آءِ اڳواڻ ڊاڪٽر سندر بالاڻي کي ڪچي جي ڌاڙيلن پاران پتو ڏيڻ ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

غوثپور: ڌاڙيل خلاف ڪارروائي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

لکي جي سياسي، سماجي شخصيتن پاران پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون پيش

لکي غلام شاهه (رپورٽ: گوگي رام) لکي غلام شاهه جي تعلقه پريس ڪلب لکي جي عهديدارن کي پاڪستان مسلم ليگ ن گهوٽڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

پيٽ شاهه ۾ سماجي وفد پاران شير محمد بروهي ڳوٺ جو دورو، شڪايتون

هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي وفد ڳوٺ جو دورو ڪري جائزو ورتو

ڳوٺ ۾ 200 گهر آهن، پر اسڪول، اسپتال ۽ روڊ جي سهولت ناهي: ڳوٺاڻن جون شڪايتون

پيٽ شاهه (ن پ ڪ) هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي مرڪزي چيئرمين رانا غلام نبي راجپوت پنهنجي ٽيم سان گڏ شير محمد بروهي /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

ڌوهارين جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: ڳوٺ ڏاتو گندرو راسي

جوابدار ڪيترن ئي ماڻهن جو مال چوري ڪري ويا آهن: ايم موسيٰ گندورو

ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي: پريس ڪانفرنس

غلام الله (پيرل پياسي) بائي پاس ٺٽو جي ڳوٺ ڏاتو گندرو جي رهواسين محمد موسا گندرو ۽ روشن علي گندرو عوامي پريس ڪلب تي پريس /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

لاڙڪاڻي مان 11 سؤ ڪيس ٻڌا آهن: ريجنل ڊائريڪٽر محتسب

شهري صوبائي کاتن ۾ درپيش مسئلن بابت شڪايت کڻي اچن: علي اڪبر جاگيراڻي

محتسب اعلي بابت ڄاڻ جي گهٽتائي سبب ماڻهو نه پيا اچن: ڏوڪري ۾ تقريب

ڏوڪري (قاضي سهيل) لاڙڪاڻي جي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب علي اڪبر جاگيراڻي چيو آهي ته سنڌ جي 7 ڪروڙ آبادي مان 5 هزار درخواستون /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

ڏوڪري: محتسب ريجنل ڊائريڪٽر سائنس ڪاليج ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

شهدادپور ۾ چورن جو آزار، ڊگري ڪاليج واسي جون سولر پليٽون چوري

چور گهر جي ڇت مٿان پيل 2 سولر پليٽون کڻي ويا، رپورٽ داخل ڪرائي آهي: خميسو ساند

شڪي چور بابت پوليس کي آگاهه ڪيو آهي، ڪارروائي نٿي ڪري: ڌانهن

شهدادپور (رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ۾ چورين جو آزار وڌي ويو شهدادپور جي ڊگري ڪالج واسي جو سولر پليٽون چوري /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن پاران گم ٿيل پٽ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ احتجاج

واحد بخش 4 ڏينهن اڳ گهران نڪري ويو، واپس ناهي آيو: ايم عرس لاشاري

ڳولا باوجود پٽ جي خبر ناهي پئي، منهنجي مدد ڪئي وڃي: والد جو مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي اولڊ بس اسٽينڊ جي رهواسي پيرسن پورهيت طرفان ڪجهه ڏينهن اڳ پرسرار نموني لاپتا ٿي ويل نوجوان پٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

گڏاپ ٽائون ۾ رولو ڪتن جو آزار، ناري کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

ميمڻ ڳوٺ جي شفيع محمد محلي ۾ رولو ڪتن گهر داخل ٿي ناري کي ڏاڙهي زخمي ڪيو

اختياريون نوٽيس وٺي علائقي ۾ ڪتا مار مهم هلائي، خوف و حراس ختم ڪن: رهواسي

گڏاپ (رپورٽر) گڏاپ ٽائون جي علائقي يوسي مراد ميمڻ ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، علائقي واسي خوف حراس ۾ ڪيترن ئي ننڍڙن ٻارن کي /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

سجاول ۾ رٽائر ٿيندڙ استادن جي مان ۾ تقريب، شاندار ڀيٽا پيش

تقريب ۾ آفيسرن، گسٽا اڳواڻن، صحافين، آپڪا اڳواڻن جي شرڪت

محمود ڪٽي، ڪنيو لال، رميش ڪمار جي خدمتن کي ياد رکيو ويندو: اڳواڻ

سجاول (رپورٽر) سجاول بوائز هاءِ اسڪول ۾ رٽائرڊ ٿيندڙ استادن محمود ڪٽي، ڪنيو لال، رميش ڪمار ۽ نورحسن سانگي جي اعزاز ۾ هڪ پروقار /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

ڊي ڪي مري ۾ بدامني، نامعلوم ماڻهن ڪار کي باهه ڏئي ڇڏي، دڪاندارن جو ڌرڻو

نامعلوم ماڻهن دارا هوٽل وٽ بيٺل شهري غفار ملڪ جي مهراڻ ڪار کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

متاثر شهري غفار ملڪ احتجاجن پاڪ ڪتاب کڻي دڪان بند ڪرائڻ نڪتو ۽ دڪاندارن پاڻمرادو دڪان بند ڪيا

شهرين مين باءِ پاس تي ڌرڻو هنيو، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو، ايس ايڇ او جي يقين ڏياڻي بعد روڊ کوليو ويو

دريا خان مري (رپورٽر) دريا خان مري ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪي پئي نامعلوم ماڻهن پاران دارا هوٽل وٽ بيٺل شهري غفار ملڪ جي مهراڻ ڪار کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو باهه لڳڻ ڪري ڪار مڪمل /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

پيٽ شاهه: سماجي وفد پاران شير محمد بروهي ڳوٺ جو دورو بعد نڪتل گروپ فوٽو

ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ بدامني ۽ ڊاڪٽر کي ڀتي جي پرچي ملڻ خلاف پي ايم اي جو مظاهرو

مظاهري جي اڳواڻي ڊاڪٽر خليق انور باجڪاڻي، جنرل سيڪريٽري پي ايم اي مهيرچند ڪئي

ضلعو بدامني جو ڳڙهه بڻجي چڪو آهي، پوليس جي رٽ ختم ٿي چڪي آهي: ڊاڪٽر خليق

حڪومت جي دعوائن باوجود امن امان جي صورتحال ڪٿي به ٺيڪ ناهي، سخت ايڪشن ڪنيو وڃي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ڊاڪٽر سندر لعل بالاڻي کي ڀتي /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

Called Whatsap
03003177750
ڪنڌڪوٽ: ڌاڙيلن پاران صحافي کي ڀتي لاءِ اماڻيل راڪيٽ لانچر، ٻي تصوير ۾ قلم ڏٺي پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڇڪ جي پرسرام گرلس اسڪول ۾ نياڻين سان پئسن جو مبينا فراڊ، انتظاميا خاموش

اسڪول ۾ رٿيل پروگرام نالي تي ماسترياڻيون في شاگردياڻي کان 5 سئو رپيا وٺي ڪراچي فرار ٿي ويون آهن

نياڻين کي پئسا واپس نه ٿيا ته هيڊ مسترياڻي ۽ ماسترياڻين جا فوٽو ۽ نالا پڻ نروار ڪيا ويندا: ايڪشن ڪاميٽي

نياڻين جي آيل اسڪالرشپ جا پئسا، ليپ ٽاپ پڻ ماسترياڻيون هڙپ ڪري ويون آهن، انتظاميا نوٽيس وٺي: والدين

لکي غلام شاهه (رپورٽ: گوگي رام) مکي پرسرام گرلس /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

نوشهرو فيروز ۾ اسڪارپ کاتي جي ملازمن جو حق نه ملڻ خلاف احتجاج

اسڪارپ ايريگيشن يونين پاران ٻئين ڏينهن به نئين مقرر انجنيئر خلاف مظاهرو ڪيو ويو

مبينا ڪرپٽ انجنيئر کي هٽائي سمورا جائز مطالبا پورا ڪيا وڃن: ساگر يوسف منگي ۽ ٻيا

نوشهرو فيروز (ڊ ر) اسڪارپ ايريگيشن ايمپلائيز يونين ڊويزن نوشهرو فيروز جي ملازمن طرفان ٻئين ڏينهن به نئين مقرر ٿيل ڪرپٽ انجنيئر /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

احتجاج
مزدور اتحاد زنده باد
نوشهروفيروز: مزدور اتحاد پاران انجنيئر خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ اوستاگاهي جي رهواسي جو مشڪلاتن سبب پٽ جي نوڪري لاءِ احتجاج

خيرپور (ٻر) خيرپور اوستاگاهي محلي جي رهواسي رٽائرڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

سکر جي خانگي اسپتال ٻاهران چاٻي چوري ملازم جي موٽرسائيڪل کاهي ويا

سکر (بيوروپورٽ) سکر سي سيڪشن ٿاڻي جي حد مصطفيٰ اسپتال جي ٻاهران اوٽي ٽيڪنيشن غفار /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيمن پاران معذورن جي قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ ٻن ڏينهن واري ڪئمپ لڳائي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيمن نائو پي ڊي پي ۽ ڊي اِي پي ڊي طرفان شهر جي آر سي ايڇ ايم سي سينٽر اندر معذور ماڻهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

آءِ سي سي چيمپئن ٽرافي جي نياز اسٽيڊيم ۾ رونمائي، عوام جو وڏو انگ ڏسڻ لاءِ پهتو

ڪرڪيٽ جا شوقين چيمپئن ٽرافي جو ٻڌي نياز اسٽيڊيم پهچي ويا، سيلفيون به ورتيون

اسان کي گهڻي خوشي ٿي آهي ته پي سي بي ۽ آءِ سي سي وفد به هتي پهتل آهي: شهري

اسان پاڪستاني ٽيم کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ موجود هونداسين، دعا آهي ايونٽ کٽي اچي

حيدرآباد: (بيورو رپورٽ) 19 فيبروري کان شروع ٿيندڙ /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

نصيرآباد: ايس ايس پي شهر سنواريو ڪميٽي جي وفد پاران ڏنل چارٽر آف ڊمانڊ پڙهي رهيو آهي

لاڙڪاڻو ريڊيو اسٽيشنن کي نشريات بحال ڪري سسٽم کي بهتر ڪيو وڃي: حامد ابڙو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي واسي حامد ابڙو ميڊيا /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

نصيرآباد شهر سنواريو ڪميٽي پاران ايس ايس پي سان ملاقات، چارٽر آف ڊمانڊ پيش

مولانا مفتي عبدالرحمان واهوچي جي اڳواڻي ۾ ساجد امير سدوزئي سان ملاقات ڪئي

شڪايتن تي ايس ايڇ او تي ڪاوڙ جو اظهار، ايس ايس پي پاران وفد کي سهڪار جي خاطري

نصيرآباد (اعظم ٽگڙ) جميعت علماءِ اسلام جي سرپرستي /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

سکر آرٽس ڪائونسل ۾ تاريخدان ۽ محقق رحيمداد خان مولائي شيدائي جي 47 هين ورسي تقريب

مولائي شيدائي سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ لکي: ممتاز علي ميمڻ

هن تاريخ لکڻ جي لاءِ ريلوي جي گارڊ واري نوڪري ڇڏي: نور رضوي

سکر (رپورٽ: عمرسومرو) سکر آرٽس ڪائونسل ادبي/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

ڪنڌڪوٽ ۾ پي ايس ٽي پاس اميدوارن جي احتجاجي ڪئمپ جاري

ايس ٽي پي ڪارڪنن ايڪي طور احتجاجي ڪئمپ ۾ شرڪت ڪئي

اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪري ادارن جي اهميت کي بحال ڪيو وڃي: اڪرم

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڊسٽرڪٽ ڪمپليڪس آفيس ٻاهران ايس ٽي پي ضلعي صدر اڪرم باجڪاڻي جي آئي بي آءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

ڪي اين شاهه ۾ بروهي قبيلي جي پهرين نياڻي ميڊيڪل ۾ داخلا وٺي ڇڏي

فضا منير بروهي پنهنجي محنت تحت "ايم ڊي ڪيٽ" جي ٽيسٽ پاس ڪئي آهي: برادري

نياڻي جي ايم بي بي ايس ۾ داخلا تي بروهي برادري جي معززين پاران واڌايون ڏنيون ويون

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ بروهي قبيلي جي پهرين نياڻي ايم بي بي ايس ۾ ڪاميابي سان ميرٽ تي داخلا وٺي ورتي! /ڏسو صفحو 3 بقايا 50

CORRUPTION FREE PAKISTAN
خيرپور ناٿن شاهه: ايم بي بي ايس ۾ داخلا وٺندڙ بروهي قبيلي جي پهرين نياڻي

ڪمشنر شهيد بينظير آباد جي صدارت ۾ اجلاس، بجلي چوري خلاف ٿيل ڪارروائين ۽ رڪوري جو جائزو ورتو ويو

نواب شاهه (ڊ ر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن نديم احمد ابڙو جي صدارت هيٺ بجلي چوري /ڏسو صفحو 2 بقايا 15 جي روڪ ٿام لاءِ قائم ڊويزنل انفورس مينٽ

ڪوسا برادري جي پٺتي پيل ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ چاهيون ٿا: سردار عبدالرحيم

هر هنڌ برادري کي بنيادي سهولتن بابت درس ڏبو: ڪوسا جمهوري اتحاد پاڪستان جو اڳواڻ

ڪوسا برادري کي اهڙي تربيت ڏينداسين جو هو پنهنجي حقن لاءِ ٻي ڌڙڪ وڙهي سگهن: ڳالهيون

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ ڪوسا جمهوري اتحاد پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ چيف سردار عبدالرحيم پريس ڪلب جي صحافين سان /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

نوجوان نوڪري بدران ڪاروبار تي ڌيان ڏين: ڊاڪٽر شهباز ملڪ

ملڪ جي ترقي نوجوانن سان سلهاڙيل آهي: ناصر شيخ

انڊسٽري کي حد کان وڌيڪ ترقي ڏياري ويندي: دوري دوران ڳالهيون

ملير (ڊ ر) ملير ۾ پاپولر گروپ آف انڊسٽري جي ڏيلي اداري پاپولر فيبريڪس جو چيف پيٽرن پاڪستان بزنس گروپ آف آرگنائيزيشن /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڪلهوڙا برادريءَ جي معزز شخصيت حاجي ارشد علي دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

مورو (حاجي بادل زرداري) اڳوڻي ڊي ايڇ او نوشهروفيروز، مورو /ڏسو صفحو 3 بقايا 47

ملير ۾ ووٽر ايجوڪيشن ڪميٽي جو اجلاس، ٽرانسجينڊر جي به شرڪت

اليڪشن ڪمشنر سڪندر چنڙ جي صدارت ۾ اجلاس، جنهن ۾ ووٽ بابت ڳالهيون ٿيون

پروگرام جو مقصد ماڻهن کي ووٽ جي صحيح استعمال بابت آگاهه ڪرڻ آهي: مقررين

ملير (ڊ ر) ووٽر ايجوڪيشن ڪميٽي جو اجلاس اليڪشن ڪمشنر ملير سڪندر علي چنڙ جي زير صدارت ٿي گذريو، اجلاس ۾ ٽرانسجينڊر /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

پراڻي سکر ۾ پاڙي مسئلو، لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري

سيشن ڪورٽ ۾ پراڻي سکر ۾ پاڙي مسئلي خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي

سکر (بيوروپورٽ) پراڻي سکر ۾ پاڙي جو مسئلو ٻڌڻي هيٺ، عدالتي ڪارروائي 17 فيبروري تائين ملتوي، رپورٽ روينيو کاتي پاران مدعي /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

نوشهرو فيروز ۾ ڳوٺاڻي جو زال جي بازيابي لاءِ پاڪ ڪتاب کڻي مظاهرو

تسليم عرف رحيمان ابڙو سان پسند جو پرڻو ڪيو، جنهن بعد ٿاهه پڻ ٿي ويو: سليم ٻير

ساهرا زال کي گهروٺي ويا، هاڻ سنڌس کي قيد ڪيو ويو آهي، انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نيو جتوئي جي رهواسي سليم ٻير پريس ڪلب پهچي ڌاڙيلن سان گڏ پوليس کي زال جي بازيابي لاءِ اپيل ڪندي چيو ته ڪجهه /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

سپاف شهيد ڀٽو ضلع دادو لاءِ مير شمس الدين ڀٽو کي چيف آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو

دادو (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ضلع دادو جو اجلاس، /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

سکر ضلعي ۾ ٻيلي کاتي جي زمين تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ عملو توڙي سيڪيورٽي اسٽاف سجاڳ آهي: ڊي ايف او

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ضلعي ۾ ٻيلن جي واڌ ويجهه لاءِ فاريسٽ کاتو متحرڪ آهي ۽ ٻيلي کاتي /ڏسو صفحو 3 بقايا 49

نيوسعيدآباد پرسان پوليس ڪارروائي، منشيات فروش گرفتار، 10 لٽر ڪچو شراب هٿ

ڊي ايس پي منظور حسين لکي جي اڳواڻي ۾ نور آباد چوڪ وٽ ڪارروائي ڪئي وئي

مسڪين ماڇي وٽان 10 لٽر ڪچو شراب هٿ، ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: پوليس عملدار

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نورڪيٽي پوليس جي ڪارروائي هڪ منشيات فروش کي گرفتار ڪري 10 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪندي ايف آئي آر داخل ڪري ورتي، تفصيل موجب. /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

نيوسعيدآباد جي ٽن ٿاڻن تي رکيل منشيات کي ساڙيو ويو

سول ججن جي نگراني هيٺ چرس، آفيم، شراب ۽ ٻي منشيات ساڙي وئي

ٽن ٿاڻن جي پنجن سالن جي منشيات پراپرٽي کي ساڙي ناس ڪيو ويو

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد جي ٽن ٿاڻن تي منشيات جون رکيل پراپرٽيون سول ججن جي موجودگي ۾ ساڙيون ويون. /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

ڪنڌڪوٽ ۽ ٻرپاسي ۾ سيپڪو جو آپريشن

25 ڪان مٿي ٽرانسفارمر لاٿا ويا، چاليهه ڪنيڪشن ڪاٽا

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور سيپڪو پاران بجلي چورن خلاف ايس ڊي او غلام ياسين ڪوسو لائين سپرينٽنٽ فائق علي /ڏسو صفحو 3 بقايا 46

برادرانہ رشتوں کی سنہری مثال
پاکستان اور ترکیہ!

صدر جمہوریہ ترکیہ عزت مآب جناب رجب طیب اردوان

Hoş geldiniz | خوش آمدید

پاکستان آپ کا دوسرا گھر ہے!

پاکستان اور ترکیہ کے درمیان برادرانہ تعلقات صدیوں پر محیط ہیں، جو محبت، اخوت اور بے مثال اعتماد کی ایک روشن مثال ہیں۔ دونوں ممالک کے عوام کا دل ایک ساتھ دھڑکتا ہے، چاہے وہ تاریخ کے سنہرے لمحات ہوں یا آزمائش کے کٹھن دور، پاکستان اور ترکیہ ہمیشہ ایک دوسرے کے شانہ بشانہ کھڑے رہے ہیں۔

ہم ترک صدر کو پاکستان میں دل کی گہرائیوں سے خوش آمدید کہتے ہیں اور امید کرتے ہیں کہ یہ دورہ دونوں ممالک کے درمیان مزید خوشحالی، ترقی اور مضبوط تعلقات کا نیا باب رقم کرے گا۔

PID(I)5523-D/24

URAAN PAKISTAN

وزارتِ اطلاعات و نشریات حکومتِ پاکستان
www.moib.gov.pk
/GovtofPakistan

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي